

بيدل-٩

فقير قادر بخش بيدل جي 140هين
عُرس مبارڪ جي موقعي تي پڙهيل مقالا ۽ شاعري

مرتب
اختر درگاهي

صلاحڪار بورڊ
ڊاڪٽر ادل سومرو
اياز گل

پاران
بيدل يادگار ڪاميٽي
2009ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: بيدل ـ 9
مرتب: اختر درگاهي
صلاحڪار بورڊ: ڊاڪٽر ادل سومرو اياز گل
ڪمپوزنگ: فهيم احمد سولنگي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: بيدل يادگار ڪاميٽي

ملهه: 100 رپيا

نوٽ:
هن ڪتاب ۾ شامل مقالا نگارن جي راءِ ۽ متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي.

رابطي لاءِ
اختر درگاهي
سيڪريٽري
بيدل يادگار ڪاميٽي
درگاهه بيدل بيڪس
روهڙي

فهرست

ـ پنھنجي پاران	اختر درگاهي	5
ـ تقرير	مونس اياز شيخ	7
ـ صوفي فڪر جو امين ـ بيدل سائين	ڊاڪٽر هدايت پريم	13
ـ بيدل سائين عالم، مفڪر، مورخ شاعر ۽ شاهه شهيد جو شارح	تاج جويو	17
ـ ديوان بيدل جا مؤلف: گدومل هرجاڻي ۽ عبدالحسين شاهه موسوي	ڊاڪٽر نوازعلي شوق	27
ـ فقير قادر بخش بيدل جي ڪلام جو هڪ ماخذ	آزاد قاضي	49
ـ بيدل سائين جي ڪتاب رموز القادري جو تعارف	مولانا عبداللطيف سڪندري	55
ـ عروج معنوي	مٺل مسرور	62
ـ ڳالهيون سلڻ نه جهڙيون	خادم عباسي	70
ـ فارسي شاعريءَ جو مطالعو ۽ فقير قادر بخش بيدل	محمد پُنهل ڏهر	73
ـ بيدل جو رانجهو	سرور سيف	82
ـ اولهه جو فلسفو آسماني ڪتاب ۽ بيدل	ضياء شاهه	90
ـ حضرت قادر بخش بيدل جا همعصر مشائخ	عبدالقادر چاچڙ	93
ـ صوفي ثقافت جو سرواڻ بيدل	قاضي حفيظ عادلپوري	104

(منظوم نذرانہ عقيدت)
ادل سومرو 111
اياز گل 112
سيد نور رضوي 113
فقير مٺل مسرور 114
محمد اسماعيل منصور سومرو 115
حضور بخش راهي 116
غلام مرتضىٰ جان جاگيراڻي 117
مخمور ميراڻي 118
علي اطهر موسناڻي 119
عيدن ناز ميراڻي 120
سڪندر مگسي 121
فقير محبوب علي حيدراڻي 122
امداد جسڪاڻي 123
غلام رضا شاهہ بُخاري 124
اسد چاچڙ 125
امام بخش منور 126
فقير احمد علي 127
عبدالرحيم عزمي 128
بيخود بلوچ 129
قاضي حفيظ عادلپوري 130
محمد علي مُخلص 131

پنهنجي پاران

بيدل سائينءَ جا عقيدت مندؤ،
ماناائتا اديبو شاعرو
السلام عليڪم! حق موجود

هن سال. سنڌ جي باڪمال صوفي سرواڻ ۽ عالم فقير قادر بخش بيدل جي 141 هين ساليانيِ عُرس مبارڪ جي موقعي تي بيدل ڪتابي سلسلي جي نائين ڪڙي شايع ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ گذريل سال منعقد ڪيل 'بيدل ادبي ڪانفرنس' ۽ 'مشاعري جي محفل' ۾ پيش ڪيل مقالا ۽ شاعري شامل آهي.

بيدل يادگار ڪاميٽيءَ پاران گذريل ڏهن سالن کان بيدل سائينءَ جي ساليانيِ عُرس مبارڪ جي موقعي تي شاندار ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي رهي آهي، جنهن ۾ بيدل سائينءَ جي شخصيت. فن ۽ فڪر تي اهم تحقيقي ڪم جاري آهي ۽ ڪي اهڙا پهلو ۽ فڪري لاڙا به ظاهر ٿيا آهن جيڪي اڳ لِڪل هُئا. نه صرف ايترو پر ان حوالي سان ڪافي علمي بحث مباحثو به شروع ٿيو آهي. اُميد ته انهيءَ جو دائرو مثبت تنقيد ۽ اصلاح تائين رهندو.

هڪ اهم ڳالهه اها ڪرڻي آهي ته اسان جا ڪجهه اديب ۽ شاعر پنهنجا مقالا ۽ شعر ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ ڪرائي اسان کي پيش ڪن ٿا جن ۾ هڪ طرف پروف جون غلطيون به ٿين ٿيون ته ٻي پاسي

اسان پنهنجي رڪارڊ ۾ اهڙي مانواري اديب ۽ شاعر جي هٿ اکرن ۾ لکيل اصل مسودي کان بہ محروم ٿي وڃون ٿا.

ان حوالي سان اسين 'بيدل ادبي ڪانفرنس' ۾ مشاعري ۾ شريڪ ٿيندڙ مقالا نگارن ۽ شاعرن کي گذارش ڪيون ٿا تہ هو اسان کي پنهنجن هٿ اکرن ۾ لکيل مقالا ۽ شعر پيش ڪن تہ انهن جي مهرباني ٿيندي

اوهان جو نياز مند

اختر درگاهي
سيڪريٽري
بيدل يادگار ڪاميٽي

نومبر 2009ع

تقرير

مونس اياز شيخ
ڊائريڪٽر جنرل
ثقافت سياحت کاتو سنڌ

- فقير سائين غلام نجف، ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب، تاج جويو صاحب، اختر درگاهي سيڪريٽري بيدل يادگار ڪاميٽي، اياز گل صاحب ۽ هيٺ ويٺل ڀيا معزز اديب، شاعر، دانشور، ليکڪ، فقراء

السلام عليڪم!
پهريون ته مان جنهن منصب جي حوالي سان هتي آيو آهيان ان لاءِ اهو چوندس ته اسان جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي وزير صاحب کي هتي Invite ڪيو ويو هيو خاص مهمان طور ۽ هن قبول به ڪيو پر ڪن خاص مصروفيتن جي ڪري اوچتو نه اچي سگهي ۽ انهن مون تي اها خاص طور ذميواري رکي، انهيءَ ڪري اڄ مان پاڻ هتي حاضر ٿيو آهيان.

ذاتي طور تي به جڏهن کان هوش آيو اٿم، بيدل سائينءَ جو نالو ٻڌو اٿم ۽ انهيءَ جا فڪري پوئلڳ آهيون. ڪيترائي دفعا اختر درگاهي صاحب دعوت به ڏني آهي، هڪ به دفعو اچي سگهيو آهيان پر گهڻا دفعا نه اچي سگهيا آهيون ۽ اڄ وري گهڻي خوش نصيبي آ جو موقعو مليو آ. هڪ ذميواري اسان جي ۽ ٻيو ذاتي حيثيت ۾ به حاضر ٿيو آهيان. پهرين ڳالهه ته اختر درگاهي صاحب جو تمام گهڻو شوق ۽ اصرار هيو ۽ منهنجو به ذاتي طور تي اهو شوق ۽ خواهش هئي ته ثقافتي طور تي جيڪي روحاني ورثا آهن اسان جا، جيئن اڳي دفعي ڊاڪٽر شوق صاحب ڳالهه ڪئي ته اسان جي

هڪ وڏي روحاني يونيورسٽي آ. هڪ وڏي روحاني درسگاهه آهي جنهن جا هڪڙا پنج ڪئمپس (Campuses) آهن يعني پنج هڪڙيون نديون درسگاهون آهن. انهن ۾ تاريخي حساب سان پهرين درسگاهه لعل شهباز قلندر آ. شاهه عنايت صوفي آ. شاهه عبداللطيف ڀٽائي آ. سچل سرمست آ ۽ پوءِ بيدل ۽ بيڪس آ. اهي اسان جا هڪڙا روحاني ثقافتي ورثا آهن جيڪي صدين کان هلندا پيا اچن دائم ۽ قائم آهن.

ثقافت جي اصل تشريح ۽ تاريخ به اها ئي آ ته اهي قدر جيڪي دائمي حيثيت قائم ڪري وجن. اهي ريتون رسمون، اهو ڪائڊ پيئڊ يا پائڊ. جيڪا به هڪڙي دائمي حيثيت حاصل ڪري ٿي وڃي انهيءَ کي اسان ثقافت چئون ٿا پيا. هن دور ۾ به شاعر ۽ اديب حضرات اسان جي سنڌ ۾ تمام گهڻا آهن ان جو اصل سبب اهو آ ته هيءَ ڌرتي گهڻي غور فڪر واري ۽ ڏيان ڏيارڻ واري ڌرتي آهي انهيءَ ڪري هتي اولياءِ ڪرام، صوفي بزرگ، فڪر وارا ماڻهو تمام گهڻا پيدا ٿيا آهن، جو روهڙي شهر کي ئي صرف سوا لک بزرگن يا پيرن جو شهر چيو ويندو آ ته اهڙي طرح پُراڻي سنڌ جيڪا ڪشمير تائين هئي ۽ وري ملتان تائين رهي ۽ ملتان تائين جيڪي شخصيتون ويون آهن جيئن غلام فريد اسان جي سنڌ مان ويل آ ان جا استاد به ٺٽي جا اصل سنڌ جا هئا، ميان مير دارا شڪوه جو مرشد به اوڏهين وڃي رهيا جيڪي اڄڪلهه پنجاب جا شهر ليکجن ٿا. ته اهي ثقافتي ورثا هن وقت به اسان کي پنهنجي معروضي حالتن مطابق وري هڪ دفعو ياد ڪرائن ٿا ته انهن جو فڪر زندهه آهي ۽ آئنده به زندهه رهندو انڪري ته انهيءَ فڪر جي ضرورت محسوس ڪئي ٿي وڃي ۽ اڄوڪي دور ۾ جيڪو هڪ تشدد ۽ دهشت جو دور ٿي ويو آهي ۽ تمام گهڻي منافرت ۽ جنگ ٿئي ٿي، سو بنيادي ڳالهه آهي ته اهي تفريقون جيڪي نفرتون پيدا ٿيون ڪن انهن کي اسان جي صوفي بزرگن محسوس ڪيو ته اهي تفريقون عارضي آهن، انهن جو ڪو بُنياد ڪونهي ۽ هر شيءِ هڪ آهي ۽ اهو ايڪانت، هيڪڙائي، وحدت ۽ وحدت الوجود جو فڪر ظاهر ٿيو جيڪو هڪ ازلي سچ ثابت ٿيو آهي اهو روان ۽ دوان آهي ۽ جاري ۽ ساري رهندو. اهي نفرتون ۽ تفريقون جيڪي انساني عقل مطابق فطرتي ۽ قدرتي ڳالهيون لڳن ٿيون پر جيستائين انهن ۾ ڪو دشمنانه تضاد ناهي تيستائين ته اهي صحيح آهن پر جڏهن اهي دشمنانه تضاد اختيار ڪري ٿيون وڃن ته پوءِ اهي انسان جي برداشت کان ٻاهر ٿي ٿيون وڃن ۽ پوءِ اهڙا ئي ماڻهو انهيءَ ڪيفيت ۽ انهيءَ

حالت کان متاثر ٿي ان ۾ غور فکر ڪن ٿا ۽ ان مان ڪيترا حادثاتي طور تي انهن حالتن مان گذري ان منزل تي پڳا. هڪڙا وري پنهنجي سلسلي، رستي ۽ طريقي سان انهيءَ منزل تي پهتا، جتي هو اها ڪيفيت ٿا محسوس ڪن ڏيان واري، اها سوچ واري، روحانيت ۽ اهي تفريقون جڏهن ختم ٿين ٿيون ته لفظ 'عشق' ظاهر ٿئي ٿو ڇو ته تفريق معنيٰ هي آ ته هُو آ. انسان جو ذهن جيڪو آهي اهو بن ڳالهين ۾ سوچي ٿو ته هي آ ته هُو آ. هُو آ ته هي آ يعني هِن ۽ هُن ۾ قائل آ. ته هِنَ هُنَ جي وچمان نڪرو ۽ هِن هُن مان نڪرڻ مان مراد آهي ته ذهن ۾ جيڪي بندشون آهن انهن کي ختم ڪرڻو آ. جڏهن اهي ختم ٿي وبنديون ته توهان کي اڳتي هر شيءِ هڪ نظر ٿي اچي. انهن ئي ماڻهن سوچيو ته الله جيڪڏهن هُت آ ۽ هِت اسين آهيون ته وچ ۾ ڪير آ. تنهن جي ڪري 'هم اوست' معنيٰ هڪ آهيون سڀ. اها هڪ ئي ذات آ. هُو آ. يا صرف هُو آ اسان آهيون ئي ڪونه. ته پوءِ هڪ عجيب محبت. هڪ عجيب خمار پيدا ٿئي ٿو جنهن کي اسان عشق چئون ٿا. مان هڪڙو ننڍڙو طالب آهيان ۽ ان حوالي سان جڏهن ماڻهو انهيءَ ڪيفيت مان گذري ٿو اهو وڏيڪ سمجهي ٿو ۽ انهيءَ مان جيڪي به نشانيون ملن ٿيون. جيڪو به انهن جو ڪلام ملي ٿو جنهن به صورت ۾ اهو ظاهر ٿئي ٿو ته انهيءَ کي به ماڻهو جيڪو انهيءَ ڪيفيت مان نه گذريو آ اهو به محسوس ڪري ٿو ۽ مجي ٿو پيو ۽ اپنائي ٿو ته عشق اصل اهو آ ته جڏهن هِن هُن واريون ڪيفيتون ۽ دشمنانه نفرت واريون تفريقون ختم ٿين ٿيون ته هڪڙو ڪليل ميدان ۽ کُلي فضا ملي ٿي ته ماڻهو اٿي بيهي ٿو حق حق ڪري ٿو. نچي ٿو ڳائي ٿو پيو ۽ انهيءَ منزل تائين پهچڻ جي لاءِ پوءِ وڏا سلسلا آهن جيڪي هڪڙا ته قدرتي طور تي به ماڻهن کي ملن ٿا. بيو سوال اهو ٿو پيدا ٿي ته انهيءَ منزل تائين پهچڻ کان پوءِ گهڻا ماڻهو هن دنيا ۾ نه رهندا آهن اُهي يا ته هڪڙي ڪُنڊ وسائي ويهي رهندا آهن جيئن تاج جويو چيو ته ""ڪوڙين ڪن سلام اچيو آسڻ ان جي" سڀ اچي انهن وٽ سلام ڪندا آهن پاڻ ويهي رهندا آهن. پاڻ هڪ جاءِ تي هوندا آهن سڄي دنيا هنن وٽ ايندي آ. هاڻي اها ڪيفيت حاصل ڪرڻ هڪڙو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ۽ ان جو هڪڙو طريقو آ جنهن طريقي سان ماڻهو ان تي پهچي ٿو پيو ۽ بيو ته انهيءَ ڪيفيت ۾ پهچڻ لاءِ تڪليفون ۽ ڪشالا ڪڍڻا ٿا پون. هي جيڪا مان ڳالهه ڪيان ٿو اها سيني ڌرمن ۾ موجود آهي يعني تصوف جيڪو آ سڀ ڌرم پاڻ وٽ رکي ٿو پر هر ڌرم سچو تصوف پاڻ وٽ نه ٿو رکي ته اهو فيض

حاصل ڪرڻ اها ڪيفيت حاصل ڪرڻ سان اها ڪيفيت اختيار ٿئي ٿي جنهن ۾ روح ان هم اوست کي ان هيڪڙائيءَ کي محسوس ڪري ٿو ۽ اها سڄي تخليق، اها ڪائنات ۾ جيڪا هڪ هستي آ انهيءَ سان پاڻ کي محسوس ڪري ٿو ۽ ڪي ٻه واٽون نه ٽيون ٽين هڪڙي ئي واٽ ٿئي ٿي ۽ انهيءَ جو جيڪو پيغام آهي، محبت سان، سنگيت سان اسان بيدل سائينءَ ۾ ڏسئون ٿا، بيڪس ۾ ڏسئون ٿا، سچل سرمست ۾ ڏسئون ٿا، شاهه عبداللطيف ۾ ڏسئون ٿا، لعل شهباز قلندر ۾ ڏسئون ٿا. ته اهڙين ڪيفيتن ۽ حالتن کي ختم ڪري، انهيءَ کي نماڻو ۽ ملائم ڪرڻ لاءِ اها اصلي رمز پروڙجي ٿي ۽ اها رندي ۽ خماري هڪ اهڙي اڻ پيتي جو نشو آ جنهن ۾ ماڻهو جڏهن وڃي ٿو ته اُن کي وري وري پيئڻ واري ڪيفيت جي ضرورت نه ٿي پوي هڪ دفعو ويو ته پوءِ ان ۾ الست رهي ٿو.

ثقافت کاتي جي اسان جي منسٽر صاحبا جي اها پوري ڪوشش رهي آهي ته جيڪي به ادبي ڪانفرنسون آهن يا بزرگن جا ڪتاب ۽ رسالا آهن اهي ڇپائڻ جو هڪ سلسلو شروع ڪيو آهي. هن سال جيئن ته ڪجهه دير ٿي چُڪي اسان هن عرس ۾ گهڻو Participate نه ڪري سگهياسون تنهن ڪري ايندڙ سال کان منسٽر صاحبا جو اهو پيغام آهي جيڪو مان اوهان کي پهچايان ٿو ته ايندڙ سال کان هي ڪانفرنس، هي موسيقي يا رسالا ڇپرائڻ آهي، اها سڄي رڪارڊنگ ۽ سڄي ڊاڪيومينٽيشن ايندڙ سال کان سنڌ جو ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪرائيندو ۽ هن سال هڪ تحفي طور يا نذراني طور بيدل سائينءَ جو ڪتاب "پنج گنج" اهو ثقافت کاتو ڇپرائيندو ۽ بيو جيڪي به فقرا هوندا انهن جا ڪيسز يادگار ڪاميٽي اسان کي ناهي موڪليندي ته انهن جي وظيفي جو به ڪي قدر بندوبست ڪيو ويندو. باقي هي جيڪو هال آهي ان لاءِ به لوڪل گورنمينٽ وارن صاحبن سان ثقافت کاتو رابطي ۾ ايندو ۽ ڳالهائي ان کي مڪمل ڪرائبو ۽ هڪڙي Cultural Complex طور تي نهرايو ويندو. مان اوهان جو وڌيڪ ٽائيم وٺڻ نه ٿو چاهيان، انشاء الله ايندڙ سال کان وٺي بلڪل پاڻ گڏ هونداسين. چاڪاڻ ته اهو امن، پيار، محبت جو جيڪو پيغام آ اهو وقت جي سخت ضرورت آ ۽ اسان جي دلين ۾ اڳ ۾ ئي آهي ان کي اڃان به وڌيڪ وڌائڻو آهي، وري اها روهڙيءَ ۾ رلمل جيڪا آهي اها رلمل سنڌ ۾ سڄي دنيا ۾ ڪرائڻي آهي. وڌيڪ اسان جا بزرگ اسان کي ٻڌائيندا. اسان اوهان جي خدمت لاءِ هر وقت حاضر آهيون، ڇو ته اسان کي هنن بزرگن کي پورو مانُ ڏيڻو آهي.

مقالا

صوفي فڪر جو امين ـ بيدل سائين

ڊاڪٽر هدايت پريم

صوفي فڪر سنڌين جي رڳ رڳ ۾ خون جيان گردش ڪري ٿو. تصوف جو واسطو عالمي امن ۽ انساني محبت سان آهي. تصوف رنگ، ٻيد، مذهب فرقي ۽ ذاتيات جي تفاوتن کان مٿي آهي ۽ انسانيت جو عَلَمُ بردار آهي. حضرت شاهه عبداللطيف فرمايو:

صوفيءَ صاف ڪيو ڏوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو جيئري پسڻ پرينءَ جو

صوفي فڪر جو بنياد نظرئي وحدت الوجود تي آهي. هن نظرئي جا خاص خاص نڪتا ڪيترن ئي عالمن ۽ محققن ڄاڻايا آهن. حضرت فقير قادر بخش بيدل جو ڪلام ۾ وحدت الوجود جي نظرئي جو گهڻو بيان ٿيل آهي. هر جاءِ پرين پسڻ جو ذڪر آهي. وحدة الوجود کي هن طرح سمجهايو ويو آهي.

ڪائنات جي مخلوق عين صفات باري تعاليٰ آهي ۽ صفات نالو آهي ذات باري جي تجليات جو. تنهنڪري خالق ۽ مخلوق بنيادي اعتبار سان هڪ شيءِ آهي ۽ اول آخر هڪ ٿي ويندي. بيدل سائين فرمايو آهي.

- وحدت دي وچ يار يگانه، وهم دوئي دا ڳالين
- بيدل ڇڏ نه هتئون وحدت جو واپار سالڪ اِتي هي خيال سجايو.
- دعوي دورنگي جي سٽي، وحدت ڏي چت جو چاهه ڪر. وحدت الوجود کي ٻين لفظن ۾ پڻ بيان ڪيو ويو آهي، يعني "همه اوست" سڀ ۾ هو ئي آهي. بيدل سائين فرمائي ٿو:
- هستيءَ کي همه اوست ۾ ڪيو گم جنين،

ڏنو ترت تنين، اڪين شعاع شهود جو

٭ هستيءَ کي همہ اوست ۾ جنين ڪيو گُم،
تنين تي آگم، اچي ٿيو اثبات جو

٭ هستيءَ کي همہ اوست ۾ ڪيو جن فنا
چيو تن انَا، حالت ۾ حلاج جي

٭ هو ڪو همہ اوست جو ٻڌي ٻڌ ڳمر،
نينهون ڪر نظر، جو مڙوئي محبوب آہ

وحدت الوجود جي فلسفي جو هڪ نڪتو هي بہ آهي:
الله جل شانه هڪ مخفي خزانو هو جنهن پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اُهي سمورا روپ، حدون ۽ حالات قبول ڪيا جن سان پوري ڪائنات ڀريل آهي بيدل سائين فرمايو آهي:

٭ نالي آهي آدمي، نہ تہ معنيٰ ۾ موليٰ
سجاڻڻ سامين جو عبادت اوليٰ،
آولا ٿين سولا، سدا هٿئون هن جي

٭ گهن امانت عشق جي، جي سڏائين آدم
ربوبي جي راز جو آهين تو محرم،
دَم سان ٿيءَ تون دَمُ، تہ ماهر ٿئين معنيٰ ۾.

٭ تو ۾ سِرُ سبحان جو عين العياني،
خودي ڪر فاني تہ پسين باغ بقاءَ جو.

٭ ساهئون ويجهو سپرين، پرين ناهہ پري،
جنهن ريءَ ڪين سَرِي، ساعت هڪڙي ساهہ کي

حقيقي توحيد نہ فقط اها آهي جو وجود اڪبر کانسواءِ ٻيو ڪوبہ وجود قبول نہ ڪيو وڃي. ڇا عرش تي ڇا فرش تي[3]

سيد عبدالحسين شاهہ موسوي بہ چوي ٿو تہ: بيدل بار بار فرمائي ٿو تہ خدا انساني پوشاڪ پهري جدا جدا نالن سان پاڻ کي ڪونارائي ٿو[4]

※ آءُ پلي آئين يار جاني وڳو ڍڪي انساني !
ثمر وجه الله ڪنين سڻ، سُو بسوُ محبوب آهه.

※ ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ سماياسي
صفت ۾ پانهجي رائي، سوبن نالا سڏايا سي.

※ يار بيرنگي نور نهاني، پهري پوش آيو انساني
سهس ويسن سان پاڻ سينگاريو.

※ خاڪي ڪيڙم ويس، آهيان نت نور نيارو

※ ڪنت ڪنزاً مخفياً سڻ، لالن ڪنهن نه لڪايو

※ رنگين رنگين، پاتين پاتين، نور نظارو لايو

هر چيز ۾ هڪ مالڪ ئي وسي ٿو. حق ۽ هيڪڙائيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ جو وجود ناهي. هر روپ ۾ رب پاڻ آهي. هر تصوير ۾ ڌڻيءَ جو پنهنجو عڪس نظر اچي رهيو آهي.

حقيقت ۾ هڪ ٿيو اڃو ۽ ڪارو
نينهن هنيو نعرو هر مظهر ۾ هڪڙو

انسان جي عقلي ۽ روحاني زندگي ۾ تصوف جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته موجوده دور جو مشهور فلاسافر برٽرنڊ رسل چوي ٿو ته "دنيا ۾ جيتري قدر به عظيم فلاسافر ٿي گذريا آهن، سمورن فلاسافيءَ سان گڏ تصوف جي ضرورت جو به اعتراف ڪيو آهي. فڪر جي دنيا ۾ تمام گهٽو مٿاهون درجو فقط سائنس ۽ تصوف جي ميلاپ مان حاصل ٿي سگهي ٿو. هر مذهب، هر قوم، هر ملڪ ۽ هر دور ۾ تصوف جو طريقه ڪار هڪ ئي رهيو آهي. صوفي ڪٿي هندو هجي يا مسلمان. مقصد ٻنهي جو هڪ آهي، پر انهن جي مذهبي عقيدن ۽ رسمن ۾ فرق هجڻ ڪري، ٻنهي جي مزاج ۾ فرق ضرور پيدا ٿي وڃي ٿو.[(5)]

حضرت شبلي جو قول آهي ته صوفي اهو آهي جو ٻنهي جهانن ۾ خدا تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه ڏسي. حضرت هجويري ان جي تشريح هن ريت ڪئي آهي، ته بندو جڏهن غير کي نه ڏسندو ته پنهنجي ذات کي به نه ڏسندو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ذات جي نفي ۽ اثبات کان فارغ ٿي ويندو.[(6)]

بيدل سائين فرمايو:

* تنين ترت پيو آچوڙو اثبات جو.

* تنين تي آگم، اچي ٿيو اثبات جو.
ايڪائي ۾ ايڪ ٿي، معنيٰ ۽ صورت
اچي احديث، دوئيءَ کي دور ڪيو.

* ايڪائي ۾ ايڪ ٿيو اچي جان جسم
ويئي ريت رسم، وحدت سندي وبڙهہ ۾.

جا هستي شهرگ جي ويجهو آهي، سائي انسان جي هستي جو مرڪز بہ آهي. اها ئي قوت، انسانن جي رڳن ۾ سمايل آهي. تنهن ڪري جيئن جيئن انسان جو روح عارضي ڪثافت کان پاڪ ٿيندو ٿو وڃي، تيئن تيئن ظاهري حجابات بہ هٽندا ٿا وڃن. تجليات چؤطرف ٿيون نظر اچن. دوئي ختم ٿي وڃي ٿي.انهيءَ منزل تي عارف دعويٰ ٿو ڪري تہ "سبحاني ما اعظم شاني" (7)

بيدل سائين فرمائي ٿو:

* پڙهي پڙهيو وسارتون، انالحق حرف،
حقيقت سان هڪ ٿي، چڙي نحو صرف،
شاهي پاءِ شرف، دوئي تان دور ڪري.

* ڳولا ڪرين جنهن جي، سوتون آهين پاڻ
پاڻ ڪنان پاسي ڪيو تو کي ٿنهن جي جاڻ
پانهجو پاڻ سڃاڻ، تون تان ناهين آدمي.

* تون تہ اهو ساڳيو آهين ذات سندس پاڪ
* خاڪي ڪيڙم ويس، آهيان نہ تہ نور نيارو
* آپو پهري ويس صورت جو بيرنگ نيارو

حضرت بيدل سائين جي ڪلام جي سٽ سٽ صوفي فڪر جو اظهار آهي. همہ اوست جو ورد آهي ۽ وحدة الوجود جي تشريح آهي.

ڪتابن جي مهورت







بيدل ايوارڊ 2008



محترم تاج جويو

بهترين مقالانگار

محترم حضور بخش راهي

بهترين شاعر

محترم مختيار ملڪ

بهترين ڪارڪن

محترما صنم ماروي

بهترين ڪلاڪاره

بيدل سائين عالم، مفڪر ۽ مؤرخ شاعر ۽ شاهه شهيد جو شارح

تاج جويو

قادر بخش 'بيدل' (1873_1814ع)، شاهه، سچل ۽ سامي ءَ کانپوءِ، سنڌ جو هڪ انتهائي معتبر ۽ اعليٰ شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جو سنڌ جي صوفيائي شاعريءَ ۾ انتهائي مٿانهون مقام آهي. بيدل کي بنا ڪنهن وڏاءَ جي عالم، شاعر، مفڪر شاعر ۽ مؤرخ شاعر سڏي سگهجي ٿو. هي هڪ ئي وقت مادري زبان سنڌيءَ سان گڏ فارسي، عربي، هندي، اردو ۽ سرائيڪي زبانن تي عبور ۽ مهارت رکندو هو. هي سنڌ جي ادبي تاريخ جو واحد شاعر آهي، جنهن جا سنڌي، اردو ۽ فارسي شاعريءَ جا ديوان موجود آهن. اِن حوالي سان به بيدل سنڌ جو پهريون اهم شاعر شمار ڪري سگهجي ٿو جنهن وحدت الوجودي فلسفي تي ڪليءَ طرح نثر توڙي نظم ۾ ڪتاب لکيا آهن. ان کان سواءِ بيدل شايد اُهو واحد شاعر آهي، جنهن هڪ ئي وقت سنڌ جي مقتدر بزرگن، شاعرن ۽ عالمن، قلندر شهباز، شاهه عنايت شهيد، شاهه لطيف، مير جان الله شاهه رضوي، مخدوم نوح، سچل سرمست، قلندر شاهه رضوي وغيره جي وفات تي قطعا، شعر ۽ قصيدا لکيا آهن. بيدل، شاعريءَ ۾ علم ابجد ۽ ماده تاريخ ڪڍڻ جو عالم ۽ شاعر هو جيڪا ڄاڻ هر شاعر ۽ عالم کي حاصل نه ٿي ٿي سگهي.

اهڙيءَ ريت سنڌ جي عالم شاعرن ۾ قادر بخش بيدل، حضرت محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي ملفوظات کانپوءِ، پنهنجي فارسيءَ ۾ لکيل ڪتاب "پنج گنج" ۾ شاهه لطيف جا سڀ کان وڌيڪ بيت ڏنا آهن. ۽ شاعريءَ جي دنيا ۾ لطيف سائينءَ کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيو آهي. تصوف جي

باريڪ نقطن ۽ اخلاقيات جي رمزن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هَنڌِ هَنڌِ لطيف سائينءَ جا بيت ڏئي ۽ اُنهن بيتن جي تشريح ۽ سمجهاڻي پيش ڪري، بيدل سائينءَ پاڻ کي پنهنجي دَور جو وڏو "لطيف شناس شاعر" بہ ثابت ڪيو آهي. شاهہ صاحب جو رسالو پهريون ڀيرو جرمن مستشرق، ارنيسٽ ٽرمپ، ڇاپي صورت ۾ 1866ع ۾ آندو هو جڏهن تہ بيدل سائينءَ اُن کان لڳ ڀڳ 20 سال اڳ، پنهنجو ڪتاب "پنج گنج" تصنيف ڪري، "لطيفي مطالعي" جو رستو کوليو هو ۽ شاهہ جي ڪلام کي "گنج" (خزاني) جي معنيٰ ۾ پيش ڪري اُڻ جي اهميت کي اُجاگر ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ بيدل سائينءَ، "پنج گنج" گڏ ڪيا آهن. يعني- 'قرآن پاڪ جون آيتون'، 'رسول اڪرم جون حديثون'، 'مثنوي مولانا روم جا شعر'، 'شاهہ لطيف جا بيت' ۽ 'حڪايتون'. ان حوالي سان بيدل سائينءَ کي، علمي، ادبي ۽ فڪري بلنديءَ جي لحاظ کان 'سنڌ جي ادبي تاريخ' ۾ بيحد مٿانهون مقام ۽ حيثيت حاصل آهي.

هتي اها ڳالهہ بہ واضح ڪري ڇڏيان تہ بيدل سائينءَ نہ رڳو "پنج گنج" ۾، پر پنهنجن ٻين ڪتابن ۽ تصنيفن، خاص ڪري "سندالموحدين" ۾ بہ، پنهنجي بيان ۾ نقطء نظر کي ڇٽو ۽ مدلل بنائڻ لاءِ، موقعي مهل سان، لطيف سائينءَ جا بيت ڪتب آندا آهن.

بيدل سائين (جنم: 1814ع) ٽالپرن ۽ انگريزن- ٻنهي دورن ۾ لڳ ڀڳ هڪ جيتري زندگي گُذاري. ٽالپرن جي حڪومت جي پڄاڻي (1843ع) وقت بيدل سائينءَ جي ڄمار 29 سال هئي ۽ سندن باقي زندگيءَ جا 30 سال انگريزن جي سامراجيت واري دور ۾ گُذريا. ان حساب سان سندن ڄمار 59 سال ٿئي ٿي ۽ پاڻ 59 سالن جي زندگيءَ ۾ 30 ڪتاب لکيائون. تذڪره نويسن ڄاڻايو آهي تہ پهرين تصنيف "مثنوي رياض الفقر"، بيدل سائينءَ 27 سالن جي عمر ۾ لکي ، ۽ ائين پنهنجي 32 سالہ ادبي ڄمار ۾ 30 ڪتاب. مختلف زبانن ۾ لکي، سنڌ جي علمي ادبي تاريخ ۾ پاڻ کي "عالم شاعر" ثابت ڪيائون.

بيدل سائينءَ جو فارسيءَ ۾ هڪ ڪتاب "تاريخ سنڌ" تحرير ٿيل آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ ٻاهران آيل بزرگن، عالمن ۽ اولياءَ الله جو تذڪرو ٿيل آهي. اُن کانسواءِ سنڌ جي صوفي بزرگن قلندر شهباز کان وٺي قلندر شاهہ رضويءَ تائين جي لاڏاڻي جي تاريخن تي علم ابجد موجب ماده تاريخ، قطعن ۽ قصيدن ۾ لکي. بيدل سائينءَ پاڻ کي مؤرخ شاعر ثابت ڪيو آهي. ڇو تہ

اهي سڀ ڳالهيون سندس تاريخ نويسيءَ جي شعور تي دلالت ڪن ٿيون.

بيدل سائين، سچل سرمست کان پوءِ ڪافيءَ جي وڏن ۽ پختن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو ۽ ايئن چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ هُو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو "سرواڻ شاعر" هو.

سنڌي ذهن جي اوسر ۽ ارتقا ۾ تصوف جو خمير شامل آهي. ان حوالي سان بہ بيدل سائين منفرد جو واحد شاعر آهي، جنهن سنڌي نثر ۽ نظم ۾ ڪيترا ڪتاب لکيا آهن. بيدل سائينءَ جي زندگيءَ تي نظر وجهجي ٿي تہ مثس قلندر شهباز شاهہ عنايت شهيد، شاهہ لطيف، پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ، سيد جان الله شاهہ رضويءَ ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ ۽ تعليمات جو وڏو اثر معلوم ٿئي ٿو. پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي وفات وقت بيدل سائين ٽن چئن سالن جا هئا ۽ سچل سرمست جي وفات وقت سندن عمر 11 سال هئي. 12 سالن جي عمر ۾، بيدل سائينءَ کي سندس والد سيد جان الله شاهہ ثانيءَ جي هٿ تي بيعت ڪرائي هئي، جيڪو شاهہ عنايت شهيد جي فڪر جو اُن وقت وڏي ۾ وڏو شارح ۽ پرچارڪ هو.

تصوف جي حوالي سان بيدل سائينءَ جي تصنيفن ۽ شاعريءَ جو اڀياس ڪجي ٿو تہ مثس حسين بن منصور جو وڏو اثر معلوم ٿئي ٿو ۽ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ بيدل سنڌ ۾ سچل سرمست کان پوءِ حلاجي فڪر جو وڏو مبلغ ۽ شارح هو. ساڳيءَ ريت جڏهن شاهہ عنايت شهيد جي فڪر ۽ تحريڪ جو جائزو ونجي ٿو تہ بہ معلوم ٿئي ٿو تہ بيدل سائين، جان الله شاهہ رضويءَ کان پوءِ شاه شهيد جي فڪر ۽ روايت جو وڏو مبلغ ۽ شارح هو. مير جان الله شاهہ جو "ديوان مير" شاهہ عنايت جي شهادت ۽ فڪر جي ڏس ۾ پهريون مستند ماخذ آهي، جنهن ۾ شاهہ شهيد جي شهادت تي هڪ رقت انگيز قصيدو "قصيده حجة الله" شامل آهي. ائين جان الله شاهہ رضوي اول کان وٺي جهوڪ جي فڪري وات وارن سمورن شاعرن قادر بخش بيدل تائين تصوف کي نئون موڙ ۽ رخ ڏنو آهي. شاهہ شهيد جي فڪري سرچشمي مان سيراب ٿيل شاعرن ۾ بيدل سائين عاشق صادق، صوفي شاعر، عالم باعمل، وقت جو مفڪر ۽ زماني جو تذڪره نويس بلڪ مؤرخ شاعر هو. سندس شاعريءَ ۾ انفراديت جو پهلو نمايان، منفرد ۽ نرالو آهي.

بيدل سائينءَ کي "روهڙيءَ جو جهنڊو" سڏيو ويو آهي، اهو منهنجي نظر ۾ شاهہ شهيد جي شهادت ۽ روايت جو جهنڊو آهي، جيڪو سنڌي ضمير ۽

خمير جي اڄ ٿائين رهنمائي ڪندو اچي ٿو.

شاهه شهيد تي سڀ کان وڌيڪ ڪم پير حسام الدين راشديءَ ڪيو آهي، جنهن جا ٽي مقالا / مضمون ابتدا ۾ رسالي "سنڌو" (سيپٽمبر 1930ع)، "توحيد" ڪراچي (نومبر 1941ع) ۽ "ستاره سنڌ" سکر (1935ع) ۾ ڇپيا. اهڙيءَ ريت "شاهه عنايت جي سوانح جا ماخذ" عنوان سان ماهوار نئين زندگيءَ جي اپريل 1957ع، مئي 1957ع، آڪٽوبر 1957ع، نومبر 1957ع، جولاءِ 1963ع ۽ آگسٽ 1963ع ۾ هڪ سيريز شايع ٿي، جيڪو سمورو مواد پير صاحب جي ڪتاب "ڳالهيون ڳوٺ وٽن ۾" ترتيب سان ڇپيل آهي.

اُن بعد سيد جان الله شاهه رضوي 'مير' جي "ديوان 'مير'" تي ڊاڪٽر پروفيسر محمد اسحاق ابڙي مرحوم پي. ايڇ. ڊي ڪري، شاهه شهيد تي تحقيق جو دروازو کوليو جنهن ۾ پهريون ڀيرو شاهه شهيد بابت مواد ميدان تي آيو.

ڪجهه عرصو اڳ (2005ع) اسان جي دوست محمد علي مانجهي شاهه شهيد جي سلسلي جي شاعرن تي وڏو ڪم ڪري پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. ان تحقيقي مقالي جو ڪجهه انتخاب هن پنهنجي ڪتاب "سدا سرها گل" ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن جوتفصيلي مقدمو ڊاڪٽر نواز علي شوق لکيو آهي.

اُن کان پوءِ نوجوان محقق اختر درگاهي "تذڪره جان شاهي" لکي: وڌيڪ هڪ قدم کنيو آهي.

ان ڏس ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق جو ڪردار به اهم حيثيت رکي ٿو. جنهن "ديوان بيدل" (ٽئين ڇاپي) ۽ قادر بخش بيدل جي ڪتاب "پنج گنج" جي ضميمي ۾ شاهه شهيد جي شهادت تي بيدل جا قطعا ۽ قصيدو شامل ڪيا آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته شاهه شهيد بابت مير علي شير قانع جي ڪتاب "مقالات الشعراءَ" عطا ٺٽوي جي ديوان ۾ شاهه عنايت جي مخاصمت ۽ مخالفت ۾ ۽ مغل نوابن جي حمايت ۾ لکيل فارسي شعرن ۽ قادر بخش بيدل جي قطعن ۽ قصيدن کي گڏي، فارسي متن ۽ سنڌي ترجمن سميت شايع ڪرايو وڃي ته شاهه شهيد جي سوانح ۽ شهادت جا نوان گوشا تنقيد ۽ تحقيق لاءِ ظاهر ٿي پوندا.

ڊاڪٽر نواز علي شوق ديوان بيدل، پنج گنج ۽ سدا سرها گل ۾، قادر بخش بيدل جا ڪُرسي ناما، هڪ قطعو ۽ هڪ قصيدو شامل ڪيو آهي،

ڪُرسي نامن ۾ بيدل سائينءَ شاه شهيد جي طريقت واري سلسلي ۾ قلم کڻي، پاڻ کي پهريون سنڌي عالم ثابت ڪيو آهي، جنهن ان ڏس ۾ وک وڌائي آهي. قصيدي ۾ جهوڪ جي جنگ جو دردناڪ بيان ٿيل آهي ۽ قطعي ۾ هن سانحي / شهادت کي "ٽين قيامت" سڏيو ويو آهي. آءُ چاهيان ٿو ته قطعي ۽ قصيدي جو پنهنجي مختصر مطالعي ۽ ڄاڻ آهر، فارسيءَ مان سنڌي ترجمو پيش ڪريان ته جيئن قادر بخش بيدل جي علمي ڄاڻ ۽ فضيلت سان گڏ سندس شاه شهيد سان فڪري وابستگي ظاهر ڪري سگهان.

قطعو

عشق چندين حملہ بر عشاق بي سر پانمود
بر رُخِ صاحبدلانِ صدره در محنت کشود

[عشق، عاشقن تي اهڙي ڪاهه ڪئي، جو نه سندن سرِ سلامت رهيا نه پيرَ اهلِ دل (بزرگن) جي چهري تي پوءِ به ڏک جا آثار ڏسڻ ۾ نه آيا.]

اصفيا و اتقيارا آتش اندر جان فروخت
انبياء و اوليارا دستِ بُردِ خود نمود

[عشق، صوفين ۽ عابدن (پرهيزگارن) جي اندر ۾ اهڙي آگ پڙڪائي ڇڏي، جو نبين ۽ ولين کي به پنهنجي سر جو آهو ڪٽڻو پيو.]

ليک بعد از رحلتِ ختم الرسول احمد سہ بار
سطوت آن سلطان اعظم هوش عالم را ربود

[ليڪن آخري رسول احمد مجتبيٰ ﷺ جي لاڏاڻي کان پوءِ ٽي ڀيرا اهڙا واقعا ٿيا آهن، جن دنيا جو هوش اُڏائي ڇڏيو آهي]

اولَين کبريٰ قيامت قتل اولادِ رسول،
درسنِ شصت ويکم مثلش نيامدر وجود

[پهرين، ڪبريٰ (وڏي) قيامت "رسول پاڪ جي اولاد جو قتل آهي، اها (قيامت) سن 61هه ۾ آئي، جنهن جهڙو ٻيو ڪو مثال نه ٿو ملي]

دوَمين وسطيٰ قيامت واقعہ بس هولناک
درنهم سال وسه صد قتل شره حلاج بود

[ٻي وچين قيامت جو واقعو بہ ڏاڍو هولناڪ هو جيڪو سن 309هہ ٿيو ۽ جنهن ۾ شاهہ (حُسين بن منصور) حلاج قتل ڪيو هو]

سوبمين صغري قيامت در هزار وسني وصد
سر بُريدن صوفي بيخود كمالش را فزود

[ٽين ننڍي قيامت 1130هہ ۾ برپا ٿي، صوفي شاهہ عنايت جو سر وڍيائون، سندس بيخوديءَ جي حالت ۾، دير نہ ڪيائون]

باد باهر درد نوشي جام دردِ عاشقي،
قسمتِ 'بيدل' تجرع فيضِ زان پيمانہ بود

[هر عشق جي پيالي پيئڻ کان پوءِ درد جي فضا پڙڪي پئي، بيدل جي قسمت، جو هن اُن پيماني مان زهر جو ڍڪ پيتو.]

قصيده تاريخ شهادت صاحبان ڪريمان شهيدان حضرت ميرانپور بعضي احوال آن جناب قدس الله رح

[قصيدو صاحبن ڪريمن شهيدن حضرت ميرانپور
(شاهہ عنايت) جو سندن احوال سميت]

شهنشا هي قدم عرش آستاني،
هما ئي عشقِ قدسي آشياني

شهنشاهي قدم عرش جي آستان تي آهي، عشق جي هُما جو آشيانو پاڪ هنڌ آهي.

ز قيد جسم جسماني مقدس،
مجسم نور در عالم عياني

هن جو مقدس نور (روح) جسم جي قيد مان هن جهان ۾ ظاهر ٿيو.

وجود لاتعين بي تنزل،
شهود ذاتِ بجت و كاشاني

هن جو وجود لامحدود ۽ لازوال آهي، ذات پاڪ جو مشاهدو ئي سندس شاندار بخت آهي.

ظهور آورد وچون در خطء كون
شده جُويائي راه لامكاني

اُن جو هن خطي (جهان) ۾ ظهور ٿيو، جيڪو لامڪان جي واٽ جو ڳولائو آهي.

چو موسيٰ بحرِ خضر وقت خود بست
كمر صدقِ ارادت برمياني

جهڙيءَ ريت حضرت موسيٰ حضرت خضر سان ڪي گهڙيون گهارڻ لاءِ ڪمر سچي ارادي سان ڪشي ٻڌي

سفر کردو بملتان ماند یک سال.
بهر مجذوب شیخ مستعاني

(تيئن) هن عنايت شيخ مجذوب مستاني سان ملڻ لاءِ هڪ سال ملتان جو سفر ڪيو.

بارشا دش بملک دهکن آمد
ببرهانپور رسیده جان فشاني

سندس ارشاد سان هُو دکن ملڪ ۾ آيو (۽ پوءِ) وڏي تڪليفن سان برهانپور پهتو

بشره عبدالملک گشتہ ملاقي،
سراغي یافت زان سر نهاني

(اُتي) شاهہ عبدالملڪ سان ملاقات ڪيائين، ۽ لڪل (حقيقي) راز کي گولي لڌائين.

بہ تشریف ولایت گشتہ ممتاز
مُرخص شد برشدت طالباني

وڏي عروج سان ولايت جو منصب ماڻي، سندس شاگردي قبولي، ڪانئس رخصت ٿيو.

بوقتِ رخصتش شمشیر داده،
بفرمودابینکہ وقتِ امتحاني

موڪلائڻ وقت پاڻ کيس هڪ تلوار تحفي ۾ ڏئي، فرمايائون تہ هيءَ توکي ڏکئي وقت ۾ ڪم ايندي

بدین شمشیر خواهي رتبہ یافت
کہ رشکِ آرند باتو عارفاني

اُن تلوار جي برڪت سان وڏو رتبو ماڻيائين، جنهن تي عارفن کي بہ رشڪ ٿيو.

بلطف و رحمت شاہِ شهیدان،
شوي در زمره اش از خاصگاني

شاهہ شهيد جي مهربانيءَ سان تون بہ سندس مخلصن جي ٽوليءَ (جماعت) ۾ شامل ٿيءُ!

ولي بایدکِ وقتِ آزمایش
نباشي از کرامت حرف خواني

پر اُن لاءِ شرط آهي، تون امتحان وقت، سندس (ڪرامت) عظمت تي ڪوبہ اعتراض نہ ڪرين.

نسازي یک سرِ موئي تصرف،
بیاد آري مصیبت سابقاني
وصیت شاه و بذ رفت و بکوچید
بہ دهلي آمد آن سلطان جاني

(۽ پڻ) گذريل تڪليفن کي ياد ڪندي، وار جيترو بہ نہ سوچجان:
شاهہ عبدالملڪ جي وصيت سان اُتان ڪوچ، ڪري دهليءَ سندس سلطان (مرشد) وٽ آيو.

شُدند آنجاز ساداتش مریدان،
فیوضي یا فتنداز شهنشاهي

اُتي ساداتن سڳورن منجهان ٻه سندس مرید ھئا. جن ھن شهنشاھه (بزرگ) کان فیض حاصل ڪیو

و از انجا شد روان سؤي خراسان،
بعَقیش فوج فوجِ سالکانی
و از انجا رهگرا گردید و آمد
بملکِ خود بعزو واصلاني

پوءِ اتان سالڪن جي جماعت (فوج) ساڻ ڪري خراسان روانو ٿیو.
پوءِ اتان (گهمي ڦري، فڪري پرچار ڪري) واٽ وٺي موٽیو ۽ پنهنجي ملڪ عزت ۽ مان شان سان پهتو

هلالِ آ ساچون طئي کرده منازل
بگشتہ بدر بس روشن روانی
بارشاد خلایق بسکہ بکشاد
لبِ تلقین نظر فیضِ نهاني.

چنڊ وانگر منزلون طئي ڪري، اچي چوڏهینءَ جی چنڊ وانگر چمڪیو
خلق خُدا جي تلقین لاءِ، لڪل فیض کي ارشاد لاءِ کولیائین (سیني ۾ ورهایائین)

علوي یا فت غوغائي تصرف
خوا رق عادتش اندر جهاني.

سندس ڪرامتن (عظمت ۽ فیض) جو ڏاڪو فرشتن تائین پهتو ۽ سندس بلند اخلاقيءَ جي هاڪ سڄی جهان ۾ ٿی.

بسُويُ حضرت او مید ویدند
طلبگارانِ حق از هرمکاني.

هر طرف کان حق جي طلب وارا وڏي آس رکي، حضرت جن طرف اچڻ لڳا.

ز مُلایان حسد سر زد چو دیدند
بنز دش اژدهامِ از مُردماني.

سائین جن وٽ ماڻهن جي (آمد ۽) وڏو هجوم ڏسي ساڙ سڙیا ۽ حاسد مُلان سڙي بري ویا

بسحرش نسبتي دادند از بغض
چو هر یکی از رسل را کا فرانی
بحاکم سنده عباسي نمودند
زسطوت خسروانہ اُو بیاني

اُن ساڙ ۽ حسد وچان هنن هر چاڙتي ۽ منڪر کی پڙڪایو
(۽ اها ڳالهه) سنڌ جي حڪمران (نور محمد) عباسيءَ تائین پهچي وڏي شد مد سان ۽ شاهي آدابن (درباریت) سان پهچائي وئي

بشور آمد ولي از دست جودش
نگشتہ منصرم اين قسم شاني

(۽ چيائين) تہ سندس سخاوت ۽ هٿ جي ڪشادگيءَ جي ايڏي تہ هاڪ آهي، جو ان کي بدلائڻ ۽ مٽائڻ ڏکيو آهي.

نوشتند از هجوم خلق بسيار،
سوي فرخ سير شہ جاهلاني

(چيائون تہ) ماڻهن (جاهلن) جي گهڻائي، کيس نيڪ (بزرگ) سمجهي، وٽس (عقيدت) مان جهڪيل آهي ۽ فرخ سير (بادشاه) کي جاهل سمجهي ٿي.

بر آ شفت از مکاتيب خسودان
بتر سيد از قضائي بيگماني

حاسد ان پريشانيءَ ۾ گهيرجي بادشاه کي خطن ذريعي اوچتي انقلاب جو ڊپ ڏيکاريو.

مبا ده ملک او درويش گيرد،
بينديشيد نادان ست جاني

(تہ) متان هي درويش ملڪ تي قبضو ڪري وٺي ۽ اُن تي هو ۽ سندس نادان مريد قابض ٿي وڃن.

فرستاده مدد عباسيان را،
کہ تا ريزند خونِ جانِ جهاني

ان انديشي/ خدشي کي آڏو رکي عباسي (ڪلهوڙن) حاڪمن کان مدد گهريائون (۽ سندن مدد ڪيائون تہ جهان جي جان (شاهہ عنايت) جو خون ڪن.

چو شُد افواج امداد مستعد جنگ
بمشتاقان بگفت آند دل ستاني

جڏهن مددي فوج جنگ لاءِ اچي پهتي، تڏهن مشتاقن ۽ دل مست مريدن چيو تہ (اسان) شهيد ٿيڻ لاءِ (تيار) آهيون.

کہ اين ياران همہ تا دست بستہ
بپا باشيد در صفِ امتحاني

سيني هٿ ادب جا ٻڌي، امتحان (جنگ) جي صف ۾ بيهڻ لاءِ عرض ڪيو.

کہ اين خود ناز محبوبِ حقيقي است
نوازش عين بهر عاشقانی

پاڻ فرمايائون تہ هيءَ حقيقي محبوب جو ناز آهي، جيڪو هر عاشق لاءِ عين نوازش/ انعام آهي.

ان ڪان پوءِ اڳتي هن قصيدي ۾ جنگ جو تفصيلي ذڪر آهي ۽ آخر ۾ شاهہ شهيد جي شهادت جو رقت انگيز بيان آهي. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ عباسين (ڪلهوڙن) ۽ سندن حامين جي وسيع فوج سان شاهہ شهيد ۽ ساٿين دل و جگر سان مقابلو ڪيو هزارين سر قربان ٿيا. جڏهن پندرهن جانثار بچيا، تہ شاهہ شهيد کي گرفتار ڪري (نئي جي نواب) آڏو قتل لاءِ آندو ويو شمر صفت جلاد شش وار ڪيو ۽ گهرا زخم رسائي شهيد ڪيو ۽ سندس سر وڏي نيزي تي سوار ڪري گهمايو ويو ۽ جڏهن سر مبارڪ نئي پهتو تہ هزارين عقيدتمند ٻاهر نڪري آيا. بعد ۾ سر دهليءَ پهچايو ويو ۽ وڏا شادمانا ڪيا ويا. اُن بعد سر سنڌ پهچائي، عقيدت سان دفن ڪيو ويو. ميران پور ۾ مريدن خادمن ماتم ڪيو سندس شهادت جو سن هيٺين بند مان نڪري ٿو:

چو دل سال شهادت جست جان گفت
شهيد حق همو مرشد زماني
سن 1130هہ

هن قصيدي جي اهميت اها آهي تہ هن ۾ شاهہ عنايت شهيد جي عظمت، سير سفر، مرشد ۽ معتقدن جي ذڪر، ملن مولوين جي حسد، فرخ سير کي ڀڙڪائڻ، ڪيس فسادين جي بادشاهہ طور سڏڻ، شاهہ عنايت جي شهادت، سندن سر نيزي تي چاڙهي نئي ۾ گهمائڻ ۽ ماڻهن جي ڪاوڙ کان ڏجي سر جي عزت سان تدفين جو تفصيلي ذڪر سان گڏ جنگ جو بيان بہ مؤثر نموني ادا ڪيو ويو آهي. شاهہ شهيد جي سر کي قرآني آيت "اسريٰ بعبده" سان ڀيٽ ڏني وئي آهي.

ديوان بيدل جا مؤلف

گِدومَل هرجاڻي ۽ عبدالحُسين شاه مُوسوي

(ٻنهي مؤلفن جي محنت جو تنقيدي جائزو)

ڊاڪٽر نواز علي شوق

1. ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ 41_1940ع
2. ديوان بيدل ۽ بيڪس عرف بيدل ۽ بيڪس جو رسالو 1960ع
مؤلف هرجاڻي گدومل ڪٽڻ مل.

ڪتاب جي "منڍ" عنوان هيٺ مؤلف لکيو آهي تہ بندي (گدومل) وڏي سائينءَ بيدل جي سوانح عمري ۽ سمورو ڪلام سن 1940ع ۾ "ديوان بيدل" ڪتاب نالي سان ٻن جلدن ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو هو ۽ سندس فرزند بيڪس ننڍي سائينءَ جي زندگيءَ جو احوال ۽ ڪلام لکي ناهي رکيو هو. فقط ڇپائڻ جي دير هئي، جو ورهاڱو ٿيو ۽ اسين سنڌي هيڏانهن هليا آياسين. (ص: 5)

اتي وجي "صوفي ساهتيہ منڊل" برپا ڪئي، جنهن جو صدر ڊاڪٽر روچل داس ڪي بڻايو ويو. هن ان اداري طرفان بيدل ۽ بيڪس ٻنهي جي زندگيءَ جي ڪهاڻي. ٻاڻي ۽ واڻي گڏي هڪ ڪتاب جي صورتِ ۾ ڇپرائڻ جو ارادو ڪيو. (ص:6)

گدومل لکي ٿو تہ "پر جيئن جو اهڙن درويشن جي ڪلام ڇپائڻ جي منع ٿيل آهي، ان ڪري انيڪ مشڪلاتون پيش آيون. (ص:7) هو وڌيڪ لکي ٿو تہ "جڏهن مون مٿي ذڪر آيل ڪتاب "ديوان بيدل" ڇپايو هو تڏهن بہ انهن جو سامنو ڪرڻو پيو هو. (غلط ٻولي). ويهين صديءَ جا نوجوان ۽ پڙهندڙ پاڻ شايد اها ڳالهہ نہ بہ مڃين، پر آءٌ ڪين يقين سان چوان ٿو تہ اها حقيقت آهي تہ شاهہ، سچل، سامي، بيدل ۽ بيڪس جيڪا بہ پنهنجي واڻي

۽ ڪلام چيو آهي. ان ۾ حقيقي راز ۽ ڳجهه سمايل آهن. ۽ هنن نه ٿي چاهيو ته اهي راز عام ڪم عقل ماڻهن (جن ۾ سمجهه جو مادو گهٽ هجي) جي هٿ چڙهن ۽ ان لحاظ کان ئي انهن درويشن پنهنجو ڪيترو ڪلام جلائي ۽ ساڙي ٿي ڇڏيو يا درياهه ۾ لوڙهايو پئي آهي. (ص: 7)

نڪي ته وري اهڙن درويشن کي اڄ ڪلهه جي شاعرن وانگر مشهوري يا (Self publicity) گهربل هئي ته مشهور ٿين هو ته والي چوندا پئي وڃا ۽ لکڻ وارا هئا سندن مريد يا فقير. جن انهن کي سرن تي ناهي ٿي ڳاتو ۽ ٻڌايو ۽ جڏهن درويشن کي ٻڌايو پئي ويو ته هيءَ اوهان جو چيل ڪلام آهي ته انهن ارمان پئي ظاهر ڪيو ته اسان ڪيئن ويهي ڪفر ٻوليو آهي ۽ اهي ايشوري راز ظاهر ڪيا آهن. سو انهيءَ لحاظ کان ئي انهن منع پئي ڪئي آهي. (ص:7)

گدومل هي باراٽيون لکيون آهن. شاهه، سچل، سامي، بيدل ۽ بيڪس انهن مان ڪنهن به شاعر پنهنجو ڪلام نه ساڙايو ۽ نه وري درياهه ۾ لوڙهايو ۽ نه وري هنن پنهنجو ڪلام چيرائڻ کان منع ڪئي هئي. فقط هڪ ضعيف روايت شاهه لطيف ڏانهن منسوب آهي ته هن پنهنجو ڪلام ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو.

اهي درويش مذهبي متڀيد کان مٿاهان هئا. هو انسان دوست هئا. هنن جيڪو ڪلام چيو سو انسان ذات جي بهتري ڀلائي لاءِ چيو. پوءِ هو پنهنجو ڪلام ڪيئن ٿي ضايع ڪري سگهيا. گدومل بنا ڪنهن تصديق جي رڳو ڏڪيبازي کان ڪم ورتو آهي.

شاهه لطيف جي ڪلام جا ڪيترائي قلمي نسخا موجود آهن ۽ درجنن جي حساب سان ڇاپي نسخا موجود آهن. عقيدت مندن ڪلام ڪٺو ڪيو ۽ محققن تحقيق ڪري، ”شاهه جو رسالو“ ڇپرايو. سچل سرمست جو ڪلام سندن ئي فقير لکندا ويندا هئا. پوءِ ڪين پڙهي ٻڌائيندا هئا ته سائين اوهان هيءَ ڪلام چيو آهي. تنهن تي سچل سائين فرمائيندو هو ته ”بابا مون ڪونه چيو آهي. چوڻ واري چيو آهي.“ مطلب ته اهو الهامي ڪلام آهي. بيدل جو ڪلام سندس محبوب قاضي پير محمد، سندن فرزند بيڪس ۽ ٻين عقيدت مندن قلمبند ڪيو. سامي پنهنجو ڪلام مٽ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهن انهن درويشن جو ڪلام انسان ذات جي گمراهيءَ جو سبب بڻجي ها ته هو اهڙو ڪلام چون ئي نه ها. هو ته انسان دوست شاعر هئا.

درويشن جو سمورو ڪلام انسان ذات جي رهنمائي ۽ ڀلائي واسطي چيل آهي. اهو اڄ به انسان ذات جي رهنمائي ڪري رهيو آهي.

ان ڪان پوءِ گدومل ڪن تڪليفن جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪي ڪيس "ديوان بيدل" ڇپرائڻ دوران پيش آيون انهن جو تت هن ريت آهي:

1. ٻن سالن جي محنت ڪان پوءِ هن مسودو تيار ڪيو ۽ اهو سکر ۾ ويرومل بيگراج جي پريس ۾ ڇپرائڻ لاءِ ڏنو. هن چيو ته مهيني ڪن ۾ بمبئي مان نئين مشين ايندي. پوءِ ڪتاب ڇپرائينداسون. ٿورو انتظار ڪريو. مهيني ڪان پوءِ مشين آئي. جيئن ئي ڪتاب جي ڇپائي شروع ٿي ته مشين هڪ وڏو ڌڪاءُ ڪيو ۽ ڪو پرزو ٽٽي پيو. آخر ٻه ٽي مهينا ترسڻو پيو. جيستائين انهيءَ مشين جو پرزو بمبئي مان اچي. پرزو آيو ڪم شروع ٿيو ته سکر ۾ منزل گاهه وارو ممڻ متو. سکر ۾ باهيون ڏنيون ويون. ڪتاب لاءِ خريد ڪيل پنو ۽ مسودو سڙي ويو. وري ٻيو مسودو تيار ڪيو ويو. گدومل لکيو آهي ته "اهڙي طرح هڪ ڪتاب، جو ٻن ٽن مهينن ۾ ڇپجي سگهيو ٿي. سو ٻن ٽن سالن ۾ مشڪل سان ڇپيو." (ص:10) ڇپجڻ ڪان پوءِ به گهٽيون مصيبتون نازل ٿيون، بندي جي نوڪري ويئي دربدر ٿيڻو پيو.

هو وڌيڪ لکي ٿو ته: "اها وٺڏن نه فقط مون سان ٿي، پر جن به بيدل ۽ بيڪس سائينءَ جو ڪلام ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهن سان به عقوبتون پيئي ٿيون آهن. جهڙوڪ "سنڌو" اخبار جو ايڊيٽر راڄپال صاحب جو سنڌ ۾ بيدل تي ڪتاب ظاهر نه ڪري سگهيو ۽ آخر هندوستان ۾ اچي ظاهر ڪيائين. شايد اهو ئي سبب آهي جو مسٽر مانسنگهه (هندوستان اخبار جو جنرل مئنيجر) صوفي دلپت سائين جو ڪلام ڇپرائڻ چاهيو ٿي ته مان ڪيس سمورو ڪلام ڪنو ڪري تشريح سميت ناهي جوڙي ڏنو. ڪتاب جا ڪجهه صفحا ڇپيا به، پر پوءِ جيئن ئي ڪيس خبر پئي ته صوفي صاحب جي ڪتاب ڇپڻ جي منع آهي ته هن ڪم روڪي ڇڏيو. سو سچ پچ ته اهڙن درويشن جي مرضيءَ خلاف وڃڻ آهي، پنهنجي جان جي بازي لڳائڻ." (ص: 10_11)

منهنجو ايمان آهي ۽ تجربي به اهو ئي ٻڌايو آهي ته مون جڏهن به سنڌ جي صوفي سونهارن شاهه، سچل، سامي، بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام تي تحقيق ڪئي آهي ته منهنجا جڙ پاڳ کليا آهن ۽ روحاني سرور پڻ مليو

آهي.

مون صوفي دلپت جو ڪلام وڏي محنت سان گڏ ڪيو آهي. اهو ڇپائي لاءِ تيار آهي. منهنجو ويساهه آهي ته جيڪو به ادارو اهو ڪتاب ڇپرائيندو ان کي ڪوبه نقصان نه ٿيندو. بلڪ اهو فائدي ۾ رهندو ۽ ان جي نيڪ نامي ٿيندي. گدومل جيڪي ڳالهيون لکيون آهن. سي محض اتفاق آهن ۽ هن جا اجايا وهم ۽ وسوسا آهن.

ان کان پوءِ گدومل سنڌ جي هڪ معزز ۽ مڃيل محقق "ديوان بيدل" ۽ "ديوان بيڪس" جي مؤلف سيدعبدالحسين موسوي تي چوهه چنڊيندي اجايا الزام لڳايا آهن ۽ ناشائسته زبان استعمال ڪئي آهي. هتي انهن الزام تراشين جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

گدومل لکيٿو ته: "ٻي ڳالهه جنهن مون کي بيدل ۽ بيڪس سائين جي ڪلام کي نئين سرڇپائي ظاهر ڪرڻ لاءِ مجبورڪيو سا آهي ته هڪ تازو ڇپيل ڪتاب "ديوان بيدل" جو سنڌي ادبي بورڊ وارن پاڪستان ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو آهي. ان جومؤلف عبدالحسين شاه موسوي آهي. هو صاحب منهنجو هم وطن ۽ مربي آهي. اسان ٻئي روهڙيءَ جا رهاڪو آهيون. مون جڏهن پنهنجو ڪتاب "ديوان بيدل" 1940ع ۾ پئي تيار ڪيو ته هن کي مربي سمجهي ڏسڻ لاءِ ڏنو هيم. پر اها خبر ڪانه هئي ته هو ڪو ايتري قدر ڪريل ٿيندو. جو جڏهن آءٌ هندوستان هلي ويندس ته ان جو هوبهو نقل ڪري ساڳي"ديوان بيدل" جي نالي سان پنهنجو ڪتاب شايع ڪندو. شايد اها منور تي سيني پاڪستانين جي شروع ڪيل ٿي ڏسجي. جو تازو دائود پوٽي صاحب پڻ اهڙي ڪوڙي دعوي ڪئي آهي ته شاهه جا رسالا ۽ مقدما سمورا ان جا لکيل آهن ۽ نه ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا. خير ڪجهه به هُجي مٿيون ڪتاب ڏسي سچ پچ ته مون کي خوشي ٿي پر ساڳي وقت ارمان پڻ. خوشي ان لاءِ ٿي جو وري به ڪو اهڙو عطائي آيو (پئدا ٿيو) جنهن منهنجي ڇاپي کي منسوخ ڪري، ٻيهر ڇپائڻ جي همت ساري هئي. پر افسوس سان لکڻو ٿو پوي ته جڏهن مون مؤلف صاحب جو ڪتاب ڏٺو ته سنڌي ڪهاوت ياد آئي ته "اڇي پڳ مَر پس، اندر مڙيوئي اگڙيون." (ص:12_11)

مذڪوره عبارت تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هو موسوي صاحب کي پنهنجو مربي سڏي سندس متعلق بازاري زبان استعمال ڪري ٿو ۽ ڪيس ماهر سمجهي پنهنجو مسودو ناهه نوهه لاءِ موڪلي ٿو جيڪو هن

اجا مڪمل نہ ڪيو هو. ڇو تہ سندس لکت ”پڻي تيار ڪيو“. مان اهو ٿي معلوم ٿئي ٿو. ان کان پوءِ گدومل جو الزام ۽ عبارت ”اها خبر ڪانہ هُئي تہ هو ڪو اينتري قدر ڪريل ٿيندو“. ڪريل ذهنيت جو مظهر آهي. هڪ محقق کي اها زبان نہ ٿي سونهين ۽ سندس هيءَ عبارت بہ ڪوڙي ثابت ٿي تہ ”ان جو هوبهو نقل ڪري ساڳئي ديوان بيدل جي نالي سان پنهنجو ڪتاب شايع ڪندو.“

پهرين ڳالهہ تہ سندس مسودو اجا مڪمل نہ هو تہ پوءِ موسوي صاحب ان جو هوبهو نقل مڪمل ديوان جي صورت ۾ ڪيئن شايع ڪري سگهيو ٿي. هڪ طرف تہ موسوي صاحب واري ”ديوان بيدل“ کي هوبهو نقل سڏي ٿو. ان کان پوءِ پاڻ واري اعليٰ شيءِ يعني هوبهو نقل ٿيل ديوان لاءِ ائين لکڻ تہ ”جڏهن مون مؤلف صاحب جو ڪتاب ڏٺو تہ سنڌي ڪهاوت ياد آئي تہ ’اڇي پڳ م پس. اندر مڙبوئي اگڙبون‘. ان جو اهو مطلب ٿيو تہ سندس تيار ڪيل مسودو. جنان بقول سندس موسوي صاحب هوبهو نقل ڪيو. معياري نہ هو يا موسوي صاحب محنت ڪري جيڪو ”ديوان بيدل“ ڇپرايو ان کي هرو ڀرو غير معياري سڏڻو هو.

گدومل لکي ٿو تہ ”ارمان ان ڪري ٿيو جو منجهس ڪيترين ئي خامين نظر آيون جي ضروري ڄاڻي پاڻ ڪن اڳيان رکان ٿو.“ (ص:12)

گدومل پنهنجي ڪتاب ۾ عبدالحسين شاهہ موسوي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ديوان بيدل“ ۾ پنهنجي سوچ موجب ڪي غلطيون ڄاڻايون آهن. جي هن ريت آهن:

ضميمي (2) ۾ عبدالحسين شاهہ موسوي ڪن قلمي نسخن مان 6 وڌيڪ ڪافيون شامل ڪيون آهن. هن تي گدومل کي اعتراض آهي تہ جيئن تہ اهي قلمي نسخا بيدل جي پنهنجي هٿ اکرين لکيل نہ آهن. تنهن ڪري اهي مستند نہ آهن.

اهو ضروري نہ آهي تہ ڪنهن شاعر جو ڪلام سندس هٿ اکرين ملي ۽ جيستائين انهن شاعرن جي پنهنجي هٿ اکرين نہ ملي. تيستائين ان تي تحقيق نہ ڪجي. شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست جو ڪلام انهن جي هٿ اکرين موجود نہ آهي. محققن قلمي نسخن تان مدد وٺي شاهہ ۽ سچل جا رسالا مرتب ڪيا. تنهن ڪري گدومل جو اهو اعتراض اجايو آهي. بيدل يادگار ڪاميٽيءَ پاران محترم اختر درگاهي جو تيار ڪيل ڪتاب ”بيدل.

بيڪس ۽ سڪايل" 2005ع ۾ شايع ٿي چڪو آهي. ان ڪتاب ۾ محترم اختر درگاهي ٻن قلمي نسخن جي مدد سان بيڪس جو اڻ ڇپيل ڪلام هٿ ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ شايع ڪيو آهي. (ڏسو اهو ڪتاب ص:53 کان 61) ان قسم جو تحقيقي ڪم ٿيندو رهيو آهي ۽ اهو عالم قبول ڪندا رهيا آهن.

گدومل هڪ خامي هيءَ ٻڌائي آهي ته: متفرقه بيت ٻنهي ڀيءَ پٽن بيدل ۽ بيڪس جا گڏي ڇپيل آهن ۽ صرف بيدل سائينءَ جا نه آهن.... (ص:14).

گدومل اها دعوا ڪهڙي بنياد تي ڪئي آهي. ڇا کيس غيب مان اشارو ٿيو يا هو بيدل ۽ بيڪس جي ان محفل ۾ موجود هو جتي ٻنهي دورِيشن واري واري سان ڏوهيڙا ٿي ڏنا. حقيقت ۾ گدومل اها ڪِل جهڙي ڳالهه ڪئي آهي. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به محقق اهڙي بارائتي ڳالهه نه ڪئي آهي.

گدومل هڪ خامي اها ڄاڻائي آهي ته ساڳئي سُر جون ڪافيون ساڳي سُر ۾ سري هيٺ ڏيڻ گهرجن. ڪافين کي رديف وار ناهڻ ۽ ان ڪري کين الڳ الڳ رکڻ ۽ سنڌي ۽ سرائيڪي کي جدا جدا هڪ جا به ديوان بيدل، سنڌي ۽ سرائيڪي ناهڻ منهنجي سمجهڻ ۾ ڪونه ٿو اچي ته موسوي صاحب ائين ڇو ڪيو آهي. (ص:15)

موسوي صاحب "ديوان بيدل" جي پيش لفظ ۾ وضاحت ڪندي لکيو آهي ته: "هن وقت تائين جيڪو 'بيدل' جو ڇپيل ڪلام منهنجي نظر مان گذريو آهي، سو آهي "وحدت نامہ" مسٽر هرجاڻي، 'ديوان بيدل' حصہ اول، مسٽر هرجاڻي ۽ "بيدل جو سنڌي ڪلام" مسٽر راجپال. مسٽر هرجاڻيءَ واري نسخي ۾ ڪجهه ڪافيون راڳڻين موجب ڏنيون ويون آهن ۽ هر هڪ راڳڻيءَ جون سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون گڏ ڏنل آهن. پر، مسٽر راجپال واري نسخي ۾ ڪا رٿا ڪانهي. مون سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام علحده علحده ڏنو آهي. ازان سواءِ ڪافين جي رديف وار ترتيب ڏني ويئي آهي، ته جيئن ڪافي ڳولڻ ۾ سولائي ٿي. (ص: 45)

جيڪڏهن ڪو سنڌي ۽ سرائيڪي ڪلام ڌار ڪري ٿو ته اهو ڪو ڏوهه ڪونهي. ساڳي ريت ڪافي ڳولڻ ۾ آسانيءَ خاطر ڪافين کي رديف وار ترتيب ڏيڻ به ڏوهه نه آهي.

هينئر اچو ته گدومل جي لڳايل الزامن جو قدري تفصيلي جائزو وٺون ته جيئن پتو پوي ته ڪنهن ڪيتري محنت ڪئي:

گدومل جيتوڻيڪ پنهنجي پهرين بيان (هوبهو نقل) تان هٿ کڻي وڃڻ ۾ عافيت سمجهي تنهن هوندي بہ ڇاڪاڻ تہ سندس بيان رڪارڊ تي اچي ويو آهي، تنهن ڪري ان جي ڇنڊ ڇاڻ لازمي ٿي پئي آهي. گدومل جي مذڪوره الزام جو تحقيقي جائزو وٺڻ لاءِ اسان پهريون هتي بہ نهايت سادا تقابلي چارٽ پيش ڪريون ٿا. جن مان پهرين چارٽ ۾ تاليفن جي ترتيب جي ڀيٽ ڏني وئي آهي.

مؤلف	گدومل ڪنڊڻ مل هرجاڻي	عبدالحسين شاه موسوي
تاليف	ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرودنامہ	ديوان بيدل
ايڊيشن	41_1940ع	1954ع
ترتيب		
	جلد اول 1940ع منڍ شجرو فقير بيدل سائين جو مقدمہ فصل 1۔ بيدل جي سوانح عمري فصل 2۔ بيدل جو مذهب فصل 3۔ بيدل سان روح رهاڻ فصل 4۔ بيدل جي تاليف ۽ تصنيفات فصل 5۔ بيدل جو شعر ۽ شاعري سرودنامہ (سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون) جلد 2، 1941ع منڍ سرودنامہ (ڪافيون، سي حرفي، ڏوهيڙا)	پيش لفظ مقدمہ بيدل جي وڏن جو احوال ۽ اولاد بيدل جي تعليم ۽ سندس اوائلي عمر ۽ شعر حسن پرستي فنا في المعشوق فقير غلام محمد قاضي پير محمد بيدل جي گرهستي زندگي فقير صاحب جو مذهب بيدل جي شخصيت بيدل جو شعر ۽ شاعري بيدل جي ڪلام تي متقدمين جو اثر تصنيف ۽ تاليف

	ماخذ
	اظهار تشڪر
	تخفيفون
	سنڌي ڪلام
	وحدت نامہ
	فرائض صوفيہ
	سنڌي ابيات
	متفرقہ ابيات
	سنڌي ڪافيون
	مناقب
	مرثيہ
	پنجن بولين ۾ مخمس
	سرائيڪي ڪلام
	ڪافيون
	ابيات
	سي حرفيون
	سلوڪ
	اردو ڪلام جو نمونو
	فارسي ڪلام جو نمونو
	عربي ڪلام جو نمونو
	ضميمہ نمبر 1
	ضميمہ نمبر 2

هن هيٺ اسان هڪ ٻيو سادو تقابلي چارٽ پيش ڪريون ٿا جنهن ۾ حضرت بيدل جي ڪلام جي سهيڙيل مقدار جي پيٽ ڏني وئي آهي.

تاليف وچور	مؤلف		اظهار/تبصرو
	گدومل هرجاڻي	موسوي صاحب	
	وحدت نامو/ديوان	1954ع	

	بيدل 1940ع/41_ 1940ع		
	ڪلام جو تعداد		
(الف) سنڌي ڪلام			
وحدت نامو (بيت)	150 (؟)	151	گدومل، وحدت نامو الڳ شايع ڪرايو هو.
فرائض صوفيہ (بيت)	_	23	گدومل فرائض صوفيہ بابت اٽڪاڻ رهيو.
ابيات	_	43	گدومل وٽ هي بيت ڪونہ آهن.
ڪافيون	_	79	
مناقب	38	1	
مرثيو	_	1	
(ب) سرائڪي ڪلام			
ڪافيون	214	238	ساڳي ريت موسوي صاحب 24 سرائڪي ڪافيون وڌيڪ ڏنيون آهن.
ڪافيون (ريختہ)	4	3	گدومل ريختہ ڪافي کي ريختہ ڪونہ ڄاڻايو آهي.
ابيات	25	27	
سي حرفيون	1	04	
(ج) سلوڪ	_	04	
(د) پنجن ٻولين ۾ مخمس	_	01	

پڙهندڙ متين ٻنهي سادن تقابلي چارٽن ۾ ٻنهي تاليفن جي ترتيب، ڪلام جي مقدار ۽ اصناف سخن جي Variety مان ئي اندازو لڳائي سگهندا تہ گدومل جي مذڪوره ناروا الزام تہ "موسوي، عبدالحسين شاهہ سندس (گدومل جو) تيار ڪيل 'ديوان بيدل' جو "هوبهو نقل ڪري پنهنجي نالي تي شايع ڪيو آهي" واري ڪوڙي دعويٰ جي پِتِ وائکي ٿي وڃي ٿي.

گدومل لکيو آهي تہ هن 'ديوان بيدل' تيار ڪرڻ مهل 50_55 نسخا آڏو رکيا. هتي ٻنهي مؤلفن جي ماخذن جو چارٽ ڏجي ٿو.

حضرت عبدالقادر بيدل جي ڪلام جا ماخذ

گدومل هرجاڻي ديوان بيدل 41_1940ع	عبدالحسين موسوي ديوان بيدل 1954ع
٭ 'سڀ نقل ۽ دُستخط لکيل ڪتاب، جي اٽڪل پنجاهہ_ پنجونجاهہ (55_50) ٿيندا ۽ خاص ڪري بيدل بادشاه جي معشوق قاضيءَ وارو قلمي نسخو ۽ فرزند بيڪس سائين جو دستخط ٿيل نقل....' ڏسو صفحو ٿ... ٭ سنواريل سڌاريل ۾ سوڌيل: _ قاضيءَ واري قلمي نسخي، _ بيڪس جي دستخط لکيل ڪتاب _ ڪنعئي جي قلم بند نسخي ۽ وغيره وغيره ڪتابن تان. ڏسو ص: 142	راڄپال بولچند وسومل وارو ڇپيل ڪتاب غلام مهدي قاضيءَ جو قلمي نسخو ياٽيا جهامنداس وارو قلمي نسخو نواب علي شاه وارو قلمي نسخو هرجاڻي گدومل ڪنڻ مل وارو قلمي ڇپيل ڪتاب. علي گل شاه وارو قلمي نسخو فولاد فقير وارو قلمي نسخو علي بخش 'ڪمتر' وارو قلمي نسخو سومرو فقير جو بياض _ محمد رمضان فقير جو بياض _ مستر ويرومل جو بياض _ لکميچند ياٽيا جو بياض بحوالہ ص:98 _ نواب شاه رضوي جو ڪتاب (لکيل

	20 جون 1901ع / 2 ربيع الاول 1319هہ)
	حضرت عبدالقادر بيدل: صراط السالڪين بحوالہ ص:329
	فقير رمضان بن چنو: "چمن بينظير" (1340هہ)
	سلامت راءِ ڪڪريجا جو بياض (26 ذي الحج 1271هہ)
	ڏسو صفحو: 358

مٿين 'ماخذاتي تقابلي چارٽ' جي اڀياس مان معلوم ٿيندو تہ گدومل اڏندي ٿي دعويٰ ٿو ڪري تہ هن پنجاهہ-پنجونجاهہ قلمي نسخن تان بيدل سائين جو ڪلام پيٽي مستند تيار ڪيو آهي. پر ايڏي ساري وڏي تعداد ۾ قلمي نسخن جو نانءُ نشان بہ ڪونہ ٿو ڏيکاري. تنهن ڪري سندس اها دعوي ٺلهي دعويٰ محض ۾ ايندي ان ڪان پوءِ هرجاڻي صاحب پير محمد قاضي محمد محسن بيڪس جي دستخط نسخن جي ڳالهہ ڪري ٿو. اڳتي هلي جاٽايل نسخن سان ٽين ڪنعئي جي نسخي جو اضافو ڪري 'وغيره وغيره' جا لفظ آڻي ٿو. حالانڪ تحقيق ۾ 'وغيره' جهڙن مبهم لفظن جي گنجائش نہ هوندي آهي. بهرحال هتي اسان هرجاڻي صاحب جي ڄاڻايل ٻن نسخن پير محمد قاضي ۽ محمد محسن بيڪس جي حوالي سان ڪجهہ ڳالهيون ڪنداسين.

ان ڪان اڳ جو اسان اول ذڪر ٻن ماخذن تي ڪجهہ ويچار ونديون هتي اسان نهايت اهم ڳالهہ ڏانهن ڏيان ڇڪائيندا هلون تہ شري گدومل دعويٰ تہ ڪري ٿو پنجاهہ- پنجونجاهہ نسخن سان ڪلام پيٽائڻ جي پر هڪ بہ اختلافي پڙهڻي ڏيڻ ڪان قاصر نظر اچي ٿو.

هوڏانهن جيڪڏهن موسوي صاحب جي تاليف ڪيل "ديوان بيدل" جو اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ تحقيق جو باقاعده حق ادا ڪيو ويو آهي. ڄاڻايل جملي سورهن ماخذن جون اختلافي پڙهڻيون حاشين ۾ تفصيل سان ڏنيون ويون آهن.

پير محمد قاضيءَ کي حضرت بيدل جو حضور حاصل هو ۽ هو وڏي سائين جو ڪلام لکندو هو. قاضي صاحب جي لکيل بياض ڪان وڌيڪ

ڪنهن جو بہ نسخو/بياض جامع ۽ مستند نہ ٿو ٿي سگهي. ان ڪان پوءِ فقير محمد محسن 'بيڪس' جو بياض بہ گهڻي قدر جامع ۽ مستند آهي. ليڪن اسان ڏسو ٿا تہ گدومل وٽ بيدل جي ڪلام جو مقدار تمام ٿورو آهي. ان مان محسوس ٿو ٿئي تہ اهي ٻئي نسخا سندس ماخذ نہ رهيا هوندا ۽ گدومل جي اها رڳو سگهي دعوي آهي. تہ پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ سندس ماخذ ڪهڙو آهي؟

هتي اسان پڙهندڙن آڏو ان ڳالھ جو بہ اظهار ڪندا هلون تہ گدومل جي بيدل سائين جي حوالي سان تاليفات جي بغور مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هرجاڻي صاحب حضرت بيدل جي ڪلام جي سهيڙڻ جي اصل طريقہ ڪار کي بيان ڪرڻ کان لنوائيندو آيو آهي ۽ پڙهندڙن اڳيان صحيح حقيقت بيان ڪرڻ بدران اجايون دعوائون پيش ڪندو رهيو آهي. پر غالبا اصل صورتحال هن ريت آهي جنهن جو هرجاڻي صاحب انديا وڃي ان جاڻائيءَ ۾ اعتراف ڪيو آهي جنهن مان اصل حقيقت نروار ٿئي ٿي، هونئن بہ ڪوڙ کي پاڙ ڪو نہ هوندي آهي. لکي ٿو:

"برابر هڪ بہ سال لڳو ءِ سموري ڪلام جي معني بندي (مان) ۽ بيدل سائينءَ جي درگاھ جي هڪ مجاور (سبحان بخش) (گدومل کي مجاور ۽ خليفي ۾ ڪو فرق نظر نہ ٿو اچي) ديوان نرملداس سُجانسنگهاڻيءَ کان سمجهي... ۽ اهڙيءَ طرح هڪ دستخط ڪتاب ٻن سالن جي لڳاتار محنت کان پوءِ تيار ٿيو. (ص:8)

هرجاڻي صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ:

"جا خبر شايد پروفيسر ديارام منشاراماڻيءَ کي ڪانہ آهي جو هن چئي ڏنو تہ اهو دستخط ڪتاب هن درگاھ جي مجاور جي صلاح سان ٺاهيو آهي." (ص:8)

نوجوان عبدالحسين موسوي ثاني اسان کي ڊي ڪي منشاراماڻيءَ جو هڪ خط ڏانهس لکيل ڏنو. ان مان هڪ اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

"درگاھ بيدل جي گادي نشين-سبحان بخش مون (يعني ڊي ڪي منشاراڻي) کي ۽ سيد شاهنواز شاه رضوي کي چيو تہ عبدالقادر بيدل جو ڪلام چند مختلف بياضن تان نقل ڪري هڪ هنڌ جمع ڪري ڏيو جيڪو اسان ٻنهي ڄڻن گڏجي هڪ مسودو تيار ڪيو جيڪو پوءِ سبحان بخش وٽ رهيو."

مٿين سمورين ڳالهين ۽ بيانن مان اسان هن نتيجي تي پهچون ٿا تہ:

مرحوم سبحان بخش جي چوڻ تي ڏيڍ ڪي، منشاراماڻي ۽ سيد شاهنواز شاه ڪجھ بياضن تان بيدل جو ڪلام نقل ڪري هڪ هنڌ هيڪاندو ڪري هڪ مسودو تيار ڪيو جيڪو سبحان بخش وٽ رهيو. گدومل کي جڏهن بيدل جو ڪلام گڏ ڪري ڇپائڻ جو شوق جاڳيو يا ڪاڪي پيرومل وغيره جي چوڻ تي/اتساهہ ڏيارڻ تي هن اُن ڪم ۾ هٿ وڌو تہ سڏو آيو سبحان بخش وٽ. سبحان بخش ڏيڍ ڪي. منشاراماڻي ۽ شاهنواز شاهہ جو مسودو ڪٺي گدومل کي ڏنو هوندو. پر ڇاڪاڻ تہ گدومل کو محقق ڪونہ هوان ڪري ٻنهي ڄڻن (گدومل ۽ سبحان بخش) گڏجي ان وقت جي وڏي عالم ۽ اديب نرملداس سجانسنگهاڻي کان سمجهڻ شروع ڪيو. ضرور نرملداس صاحب بہ پنهنجي فرصت جي آذار هنن کي وقت ڏيندو هوندو. نرملداس ڪلام پڙهندو هوندو تشريح بہ ڪندو هوندو ۽ گدومل لکندو ويندو هوندو. ائين سمورو مسودوپڙهڻ پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ پريا بہ سال لڳي ويا هوندا ۽ گدومل بہ سمجهڻ سان گڏ لکندو بہ رهيو جنهن ڪري هڪ الڳ مسودو تيار ٿي ويو جنهن کي پوءِ گدومل ڇپرايو ۽ جاٽايائين تہ هن پنجاهہ- پنجونجاهہ نسخن پيتائڻ کان پوءِ بيدل جو ڪلام تيار ڪيو آهي.

بهرحال هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: "ازانسواءِ جيئن جو بيدل جي سموري ڪلام هن کان اڳ صبح جي روشني ڪانہ ڏٺي آهي ۽ سينہ بہ سينہ محفوظ، عاشقن جي دلين تي اڪريل معشوقن جي مام ۾ آيل ۽ راڳيندڙن جي رمزِ ۾ رتل رهيو آهي، ان ڪري منجهس ڪيترائي اجايا لفظ لا، لا سيان، وي، وو ۽ وغيره وغيره فقط وزن کي ناهڻ ۽ سُر تي پوري آڻڻ لاءِ آندل آهن جي ڇاپي ۾ آڻڻ جي ضرورت نہ سمجهي ڪين خارج ڪيو ويو آهي." (ص:133)

گدومل جي مٿين عبارت پڙهڻ سان ائين ٿو محسوس ٿئي تہ هن حضرت عبدالقادر بيدل جو گهڻو ڪلام فقير ۽ راڳيندڙن وٽان حاصل ڪيو. وڌ ۾ وڌ ائين چئي سگهجي ٿو تہ ڪيس بيدل سائين جي ڪلام جو اهڙو بياض مليو جيڪو اڻپورو هو.

بهرحال ان وقت اسان جي حيرت جي حد نہ رهي جڏهن گدومل پنهنجي بيان ڪيل نامعلوم پنجاهہ-پنجونجاهہ ماخذن ۽ قاضي پير محمد ۽ محمد بيڪس وارن نسخن تان خاموشيءَ سان دستبردار ٿيندي نظر آيو.

ورهاڱي ڪان پوءِ گدومل جڏهن هندستان ۾ پنهنجو ڪتاب "ديوان بيدل ۽ بيڪس" 1960ع ڌاري پڌرو ڪيو تہ ان ۾ حضرت عبدالقادر بيدل ۽ سندس فرزند محمد بيڪس جو ڪلام گڏي شايع ڪيائين ۽ ٻنهي بزرگن يعني بيدل ۽ بيڪس جي ڪلام جا جيڪي ماخذ ۽ انهن جون تخفيفون ڄاڻايائين اهي هوبهو تخفيفن سميت ساڳيا ماخذ هئا، جيڪي عبدالحسين شاهہ موسوي 1954ع ۾ پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" ۾ استعمال ڪيا هئا.

هتي ٻنهي مؤلفن طرفان تيار ڪيل مسودن جي ماخذن جو چارٽ ڏجي ٿو:

مؤلف	عبدالحسين شاهہ موسوي	گدومل هرجاڻي
تاليف	ديوان بيدل	ديوان، بيدل ۽ بيڪس
ڇاپو	1954ع ڇاپو پهريون	1960ع
ڪلام جا ماخذ		
	راڄپال بولچند وسومل وارو ڇپيل ڪتاب (ر) غلام مهدي قاضيءَ وارو قلمي نسخو (غ) ٻاٽيا جهامنداس وارو قلمي نسخو (ٻ) نواب علي شاهہ وارو قلمي نسخو (ن) هرجاڻي گدومل ڪنڊ مل وارو ڇپيل ڪتاب (هہ) علي گل شاهہ وارو قلمي نسخو (ع) فولاد فقير وارو قلمي نسخو (ف) علي بخش 'ڪمتر' وارو قلمي نسخو (ڪ) سومر فقير جو بياض (س) محمد رمضان جو بياض (م) مسٽر ويرومل جو بياض (و)	غلام مهدي قاضيءَ وارو قلمي نسخو (غ) نواب علي شاهہ وارو قلمي نسخو (ن) علي گل شاهہ وارو قلمي نسخو (ع) فولاد فقير وارو قلمي نسخو (ف) علي بخش 'ڪمتر' وارو قلمي نسخو (ڪ) سومر فقير جو بياض (س) محمد رمضان فقير جو بياض (م) مسٽر ويرومل جو بياض (و)

لکميچند پاتيا جو بياض (ل) بحوالہ: مذکوره بالا ڪتاب	لکميچند پاتيا جو بياض (ل) بحوالہ: مذکوره بالا ڪتاب، ص:76

اتي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ گدومل هندستان وڃڻ کانپوءِ پنهنجا اڳ ڇاڀايل ڪلام بيدل جا ماخذ ڇو مٽايا ورِي سندس نوان ماخذ بہ هوبهو اهي ساڳيا آهن، جيڪي ڪانئس اڳ عبدالحسين شاهہ جي تيار ڪيل "ديوان بيدل" جا ماخذ رهيا. حالانڪ موسوي صاحب کي تہ قاضي پير محمد ۽ محمد محسن بيڪس ٻنهي جا مستند ترين دستخط نسخا ميسر ٿي ڪونہ ٿياهئا. گدومل تہ اتي وڃي فخر ۽ برتري سان چئي ٿي سگهيو تہ منهنجو پيش ڪيل "ديوان بيدل" مستند ترين آهي، ڇاڪاڻ تہ مون "ڪلام بيدل" پير محمد قاضي ۽ محمد محسن بيڪس جي دستخطن تان نقل ڪيو آهي.

هتي ٻيا بہ اهم سوال پڻ اٿن ٿا.

1. گدومل هندستان وڃي اتي شايع ڪيل "ديوان بيدل ۽ بيڪس" 1960ع ۾ "ڪلام بيدل" جون اختلافي پڙهڻيون تہ حاشين ۾ ڏنيون آهن، پر ان سان گڏ ڪلام بيڪس جون اختلافي پڙهڻيون حاشين ۾ ڏيڻ کان قاصر آهي، جڏهن تہ منڍ ۾ جتي ماخذ ۽ تخفيفون ڏنيون اٿائين، اتي واضح لکيو اٿس تہ:

"بيدل ۽ بيڪس جو هيءُ سمورو ڪلام مٿي ڏنل صاحبن جي قلمي نسخن، بياضن ۽ ٻين ڪتابن سان پڙهي ۽ پيٽي ڪلام بلڪل مڪمل طرح ڇپائي ظاهر ڪيل آهي." (ص:76)

2. گدومل کي هندستان ۾ اهي ماخذ ڪٿان هٿ آيا؟

حقيقت اها آهي تہ مذڪوره جملي قلمي نسخا ۽ بياض، نہ تہ گدومل ڪتب آندا ۽ نہ ئي هن ڪڏهن پڙهيا، پيٽيا ۽ ڏٺا. جيڪڏهن هرجاءِ اهي نسخا پڙهيا ۽ پيٽيا هجن ها تہ پوءِ "ڪلام بيڪس" جون بہ اختلافي پڙهڻيون ڏئي ها. دراصل گدومل سرقي ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو آهي. هن اهو سمورو مواد عبدالحسين شاهہ موسوي صاحب جي تاليف "ديوان بيدل" تان کنيو آهي. نہ صرف ايترو پر هن پنهنجي تاليف جي اڳوڻي ترتيب بہ ترڪ ڪري موسوي صاحب واري ترتيب اختيار ڪئي.

ذرا هي چارٽ ملاحظہ فرمايو:

مؤلف تاليف ايڊيشن	گدومل هرجاڻي ديوان بيدل 41_1940ع	موسوي صاحب ديوان بيدل 1954ع	گدومل هرجاڻي ديوان بيدل ۽ بيڪس 1960ع
	ڪافيون	وحدت نامو	فرائض صوفيہ
	(سرائڪي ۽ سنڌي)	فرائض صوفيہ	وحدت نامو
	سي حرفي	ابيات سنڌي	ڏوهيڙا
	ڏوهيڙا	متفرقہ ابيات	
		سنڌي ڪافيون	
		مناقب	ڪافيون
			(سرائڪي ۽ سنڌي)
		مرثيہ	
		پنجن بولين ۾ مخمس	
		ابيات سرائڪي	
		سي حرفيون	سرحرفيون
		اردو ۽ هندي ڪلام جو نمونو	اردو ۽ هندي ڪلام
		سلوڪ	سلوڪ
		فارسي ڪلام جو نمونو	فارسي ڪلام
		مخمس	
		_	
		_	
		_	
		_	
		عربي ڪلام جو نمونو	عربي ڪلام

گدومل تہ هڪ هنڌ تہ هيءُ ٻڌائي آهي تہ:

"ساڳيءَ طرح 'متفرقہ بيت' ٻنهي پيءُ پٽن يعني بيدل ۽ بيڪس جا گڏي ڇپيل آهن ۽ صرف بيدل سائينءَ جا نہ آهن ۽ ان ڪري ئي مون پنهنجي ڪتاب "ديوان بيدل" ۾ انهن کي درج نہ ڪيو هيم ۽ هاڻي بيدل ۽ بيڪس جي رسالي ۾ جڳهہ ڏيان ٿو."

گدومل هرجاڻيءَ جو اهو چوڻ تہ هن مذڪوره 'متفرقہ بيت' پنهنجي ڪتاب "ديوان بيدل" 41_1940ع واري ايڊيشن ۾ نہ ڏنا آهن. سچو نہ تہ بہ ڪجهہ غلط آهي.

گدومل پنهنجي ڪتاب ديوان بيدل ۽ بيڪس" ۾ 'متفرقہ بيت' عرف 'بيدل ۽ بيڪس جا گڏيل ڏوهيڙا' جي عنوان تحت جملي 20 بيت ڏنا آهن. جيڪي مذڪوره ايڊيشن جي صفحي نمبر 110 کان 112 تائين آهن. انهن جملي 20 بيتن مان بيت نمبر16، 17 ۽ 20 هو پنهنجي ڪتاب "ديوان بيدل" 41_1940ع واري ايڊيشن ۾ شامل ڪري چڪو آهي. جيڪي مذڪوره ايڊيشن جي صفحي نمبر 270 تي بيت نمبر 16، صفحي 268 تي بيت نمبر 8 ۽ صفحي 270 تي بيت نمبر 18 پڙهي سگهجن ٿا. بلڪ هن جهڙيءَ ريت پنهنجي مقصد ماڻڻ خاطر بيدل سائينءَ جي ڪلام سان هٿ چراند ڪئي آهي. اها نهايت افسوس ناڪ آهي. اسان ان جو مثال ڏيون ٿا:

ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرودنامہ، 1941ع، ج:2، ص:270، بيت نمبر 18

نين سپاهي سر سرواهي مغلان وانگر مريندي،
بيڪس شهدا نون بيرحمان، هس هس قتل ڪريندي،
گهر فرمار اجاز ڪرڻ، جيهي طرف چڙهيندي

گدومل ورهاڱي کان اڳ واري پنهنجي ديوان بيدل جي ايڊيشن لاءِ دعويدار آهي تہ هن جا ماخذ قاضي پير محمد ۽ بيڪس ٻنهي صاحبن جا دستخط نسخا آهن. ظاهر آهي تہ هرجاڻي صاحب مذڪوره مٿيون بيت جنهن ۾ مغلن جي بربريت جي تاريخ سمايل آهي. جاڻايل مستند نسخن تان نقل ڪيو هوندو. پر گدومل ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۾ جڏهن "ديوان بيدل ۽ بيڪس" نالي ڪتاب تاليف ڪري 1960ع ۾ ڇپرايو تہ ڪن ٻين بيتن سميت هن بيت لاءِ بہ ڇپائين تہ هي بيت ٻنهي

پيءُ پٽ يعني بيدل ۽ بيڪس جو آهي. هرجاڻي صاحب هن بيت ۾ نہ صرف تحريف ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو آهي، پر آخري سٽ جي پڙهڻي مهمل بڻائي ڇڏي اٿس.

نين سپاهي سر سرواهي، مغلان ونگ مريندي،
بيڪس، بيدل شردان نون، بيرحمان هس هس قتل ڪريندي،
گر قر ماران جا رنپاون، جيهي طرف چڙهيندي

(بيت نمبر20، ص:112)

بهرحال ننڍي سائين فقير محمد محسن 'بيڪس' جو تاليف ڪيل "ديوان بيدل" جو اصل دستخط نسخو اسان جي سامهون آهي. موسوي صاحب پنهنجي تاليف "ديوان بيدل" ۾ 'متفرقہ بيت' جي عنوان تحت جيڪي يارهن (11) بيت ڏنا آهن، انهن مان سواءِ بيت نمبر 8 جي ٻيا سمورا بيت بيڪس سائين جي مذڪوره نسخي ۾ موجوده آهن. جڏهن تہ بيت نمبر 8 (۽ ٻيا سمورا متفرقہ ابيات) منشي سلامت راءِ ڪڪريجي جي دستخط بياض ۾ موجود آهن. هيءُ بياض بيڪس سائين جي ولادت کان ڪجهہ ورهيہ اڳ جوڙيو ويو آهي.

گدومل جو سي حرفين بابت اعتراض بہ اجايو آهي. ۽ حقيقت تہ اها آهي تہ ورهاڱي کان اڳ جڏهن هن حضرت عبدالقادر بيدل جو ڪلام پئي سهيڙيو تہ ان وقت کيس صرف هڪ سي حرفي دستياب ٿي.

الف: احد بيچون وچگو نہ سپ سين سرنيارا.

وڏيڪ ٽن سي حرفين جي کيس خبر بہ ڪانہ هئي ڇاڪاڻ تہ سندس پيش نظر ڪوبہ معتبر ۽ مستند نسخو هو ئي ڪين ۽ غالباً نہ وري هن ان ڏس ۾ ڪا جوڳي جاکوڙ ڪئي ٿي ڏسجي.

ٻي سي حرفي:

الف: آ سهڻا سڻ حال ميڏا.
تيڏي ٻاجهہ ڀهون درمانديان مين.

جنهن کي هرجاڻي صاحب بيدل جي ڪري مڃيو آهي، اها هن موسوي صاحب جي ديوان بيدل 1954ع تان بغير حوالي جي کڻي پنهنجي "ديوان

بيدل ۽ بيڪس” 1960ع ۾ شايع ڪئي' آهي. ڏسو تہ گدومل جيڪو ناروا الزام موسوي صاحب تي ڏري رهيو آهي، ان جو مرتڪب پاڻ ٿيو آهي.

ٽين سي حرفي:

الف: آڪڻ دعا ڪائي ڳل نهين جو تون،
ڄٽ ڪٽ آپ وڪاوندا هين.

جنهن کي هرجاڻي، بيدل جي سي حرفي مڃڻ لاءِ تيار ناهي ۽ دعويدار آهي تہ اها بيڪس جي رچيل آهي جيڪا هن پاڻ بيڪس جي قلمي نسخي ۾ ڏٺي هئي!!! ۽ چوٿينءَ سي حرفي جيڪا اڌوري آهي ان لاءِ سندس چوڻ آهي تہ خبر نہ ٿي پوي تہ ڪنهن جي آهي. اسان هرجاڻي صاحب متعلق ڪا راءِ زني ڪرڻ بدران هت صرف ايترو چونداسون تہ مذڪور چارئي سي حرفيون محمد محسن بيڪس جي تاليف ”ديوان بيدل“ قلمي 1294ھ ۾ موجود آهن. بهرحال گدومل صاحب جيڪا سي حرفي

آ: آڪڻ دي ڪائي ڳل نهين جو تون
ڄٽ ڪٽ آپ وڪاوندا هين.

ي: يار جنهان دي نال مليا 'بيڪس'
انهان بڙي درجات هووي
(ص:239)

بيڪس جي تخلص سان نقل ڪئي آهي، سا بيڪس سائين پنهنجي دستخط تاليف ”ديوان بيدل“ (قلمي 1294ھ) 'بيدل'. تخلص سان تحرير ڪئي آهي:

ي: يار جناندي نال مليا 'بيدل'
اونهان بڙي درجات هوئي.

چا اُن مان اهو ظاهر نہ ٿو ٿئي تہ گدومل هرجاڻي صاحب حضرت عبدالقادر بيدل جي ڪلام ۾ تحريف ڪرڻ جو مرتڪب ٿيو آهي ۽ لڳايل الزامن جو سزاوار بہ پاڻ آهي.

گدومل پنهنجي ڪتاب ۾ بيدل سائين جون جيڪي ڪرامتون لکيون آهن، سي 16 صفحن تي مشتمل آهن. الله جي پيارن جون ڪرامتون برحق،

پر هن ڪي عجيب ڪرامتون بيان ڪيون آهن. مثلاً صفحي 40 تي ڏيکاريو اٿس تہ بيدل سائين سر چالس نيپيئر سان انگريزي ۾ گفتگو ڪئي. نيپيئر کي انگريزي ٻوليءَ جي پرچار لاءِ چيو پر بيدل انڪار ڪيو.

گدومل ٻيو هڪ واقعو لکيو آهي تہ: "هڪ دفعي جڏهن بيدل سائين فقير محمد صديق جهوڪ شريف واري سان ملڻ ويا تہ فقير محمد صديق، بيدل سائينءَ کي ڏسي چيو تہ "هندو فقير اوري اچي ويهو." چو تہ پاڻ ساداتن جي ادب کان پري پئي ويٺا. جڏهن فقير بيدل سائين ٻاهر آيو تہ ڪن ماڻهن عرض ڪيو تہ سائين فقير محمد صديق اوهان کي هندو چو سڏيو. پاڻ جواب ڏنائون تہ "اسان جي خيال جي فنا هاڻي ڪرمچند هندو ۾ آهي ان ڪري هندو سڏيائون." (ص:43_44)

اهو واقعو ائين نہ آهي، جيئن گدومل لکيو آهي. اهو واقعو عبدالحسين شاه تحقيق ڪري صحيح نموني لکيو آهي. (ڏسو ديوان بيدل، ص:18_19)

گدومل لکيو آهي تہ (بيدل جي) شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ وانگر مڪمل يا نج سنڌي نہ آهي، پر لاڙيچڪي نوع، سرائڪي سوع، اردو اسٽائيل ۽ پارسي طرز تي ٻڌل آهي. (ص:15)

بيدل جو ڪلام نج سنڌي آهي. ان ۾ لاڙي ٻولي نہ، پر اترادي ٻولي استعمال ڪيل آهي. عربي، فارسي ۽ اردو زبانن ۾ سندن ڏار ڪلام آهي.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ گدومل، بيدل سائين جي ڪلام جو گهرو مطالعو ڪونہ ڪيو آهي. هو عربي ۽ فارسي جو ڄاڻو نہ هو ۽ نہ وري هو ٻوليءَ جو ماهر هو نہ تہ هو اهڙي اڻاتري راءِ هرگز نہ ڏئي ها.

گدومل جي "ديوان بيدل" تي لکيل مقدمي جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو ٻن الڳ الڳ ٻولين 'سنڌي' ۽ 'سرائڪي' جي فرق کان اڻ واقف آهي. هتي اسان ٻہ مثال ڏيون ٿا:

"... هڪ هندستاني آدمي فقير صاحب جن جي ملاقات لاءِ آيو. گفتگو کان پوءِ ان ماڻهوءَ جي خدمت ۾ عرض رکيو تہ مهرباني فرمائي پنهنجي چيل شعرن مان هڪ شعر ٻڌايو. پوءِ پاڻ سنڌي ٻولي کانسواءِ هر هڪ ٻوليءَ مان هر هڪ چيل غزل انهيءَ کي ٻڌايائون. انهن جي ٻڌڻ کان پوءِ انهيءَ کي سنڌي شعر ٻڌڻ جي چاهنا اندر ۾ اتپن ٿي. جنهن تي پاڻ هندستانيءَ ۾ فرمايائون.

جنهن جو مطلب هو تہ سنڌي ٻولي وسري ويئي آهي. انهيءَ تي انهيءَ ماٺهو وري عرض ڪيو تہ توهان ٻي ڏڙڪ شعر شروع ڪيو ۽ ڪابہ اٽڪ ڪين ٿيندي. پوءِ پاڻ شعر چوڻ جو خيال ڪيائون تہ سنڌي ڳالهائڻ آسان ٿي پين ۽ يڪدم ڪلام چوڻ شروع ڪيائون. پهريون سنڌي ڪلام جو چيائون سو هي آهي.

ٿل: نهين حاجت پڙهڻ پڙها وڻ دي۔ سک رمز وجود وڃاوڻ دي

نال دليل نہ ليسي دلبر۔ عقل نہ اوڏنهن ٿيسي رهبر

سمجهي مام ڪو صوفي بيسر۔ شاهي طبل وڄاوڻ دي.

(ڪلام پورو ڏنل آهي)... هي ڪلام پوري ٿيڻ بعد انهيءَ هندستانيءَ موڪلايو ۽ وڃڻ وقت فرمايائين تہ آئينده سنڌي ڳالهائيندا رهو ۽ ڪوبہ اٽڪاءُ نہ ٿيندو. (ص: 30، 31، 32 ڇاپو: 1940ع)

گدومل مٿي ڏنل جنهن ڪلام کي سنڌي ڄاڻايو آهي ظاهر آهي تہ اهو سنڌي نہ بلڪ سرائڪي آهي. هڪ ٻيو مثال ڏسندا:

"... بيدل جون نحوي بناوتون بہ سندس سنڌي ٻولي وانگر عجيب و غريب آهن. حالتي پچاڙين جون نشانيون 'دي' يا 'دا' آهن. مثلاً عشقدا= عشق جو عشاقاندي= عشاقن جي. (ص:138)

هڪ ٻئي هنڌ لکي ٿو: بيدل کان گهڻي رياضت جي ڪري سنڌي صفا وسري ويئي هئي. ان ڪري ڪيس سليس سنڌي ڳالهائڻ ۾ اٽڪ ٿيندي هئي... بيدل جي سنڌي مڪمل يا نج سنڌي نہ آهي. (ص: 137) گدومل بيدل جي سنڌيءَ جا جيڪي لفظ مثال طور ڏنا آهن اُهي هي آهن:

ميڏا، تيڏڙا، اسانڏي، اپني، ڪريندائين، ويکهين، سٽ، گهن، ويکہ وغيره. (ص:138)

افسوس جي ڳالهہ آهي جو عبدالحسين شاه موسوي جي هيڏي محنت لاءِ گدومل فقط هيئن لکيو آهي:

"... ڪتاب جو Getup سهڻو آهي، باقي ٻي حالت ۾ هن جي ڪوجنا يا محنت مون کان وڌيڪ ڪيل ڪانہ ٿي نظر اچي ۽ هو صاحب پاڪستان ۾ رهندي بہ اتي ئي ويٺو آهي، جتي اڄ 20 سال اڳ ويٺو هوس ۽ ڪوجنا ڪئي هئي."

گدومل جي ان عبارت مان مَر سهائپ، تنگ نظري ۽ پاڻ پڏائڻ جي بوءِ اچي ٿي، نہ تہ هونئن سائين عبدالحسين شاه ۽ گدومل ٻنهي جي تحقيق ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. گدومل جي ڪتاب جي صفحي 10 ۽ 11 تي ڏنل ۽ صفحي 193 کان 196 تائين شامل عربي فارسي ڪلام گهڻي ڀاڱي غلط ڏنل آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس شعر جي ڄاڻ نہ هئي ۽ سندس شعري ذوق انتهائي نبل ۽ هيٺو هو. ٻين هنڌن تي بہ اهڙو حال آهي.

فقير قادر بخش بيدل جي ڪلام جو هڪ ماخذ

آزاد قاضي

بيدل سائين جي ڪلام ڪٺي ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڄ تائين ڪي خاص ڪوششون ڪونہ ٿيون آهن جيڪي ٿوريون گهڻيون ابتدائي ڪوششون ٿيون، انهن کي ورهاڱي واري طوفان ڪک پن ڪري ڇڏيو. ورهاڱي ڪانپوءِ هڪ طرف صوفياڻي فڪر بابت ڪم ڪندڙ عالمن جو وڏو انگ وطن جي وٽن کي الوداع ڪري ويو تہ ٻئي طرف لڏپلاڻ واري افراتفريءَ ۾ ڪيئي قلمي نسخا گم ٿي ويا. عدم تشدد ۽ رواداريءَ واري صوفياڻي سر زمين انتشار جو شڪار ٿي وئي ۽ ڪم ڪندڙ ادارا برباد ٿي ويا. نہ رڳو اهو ٿيو پر تبديل ٿيل حالتن ۾ وطن جا وڻ ڇڏي ويلن سان ڪنهن بہ حوالي سان ڪنهن سهڪار يا رابطي جو سلسلو بہ برقرار نہ رهيو.

اهڙي ماحول ۾ نت نون سماجي ۽ سياسي مسئلن مُنهن ڪڍيو جنهن جي نتيجي ۾ سمورا ڪم چڙ تہ ٽپ ٿي ويا. ميان جي ڳوٺ مان نڪرندڙ گهڻ رخي معلومات ڏيندڙ عاليشان علمي رسالو "ماهوار سنڌو" جيڪو محض رسالو ڪونہ هو پر هڪ مڪمل اشاعتي اداري واري حيثيت رکندڙ هو ان جا شمارا ڏسڻ سان پتو پوي ٿو تہ مختلف عالمن پاران صوفي بزرگن جهڙوڪ: 'دلپت'، 'بيدل'، 'بيڪس'، 'روحل' وغيره جا تيار ڪيل ڪليات ۽ ڪي بياضِ ان اداري وٽ اشاعت لاءِ موجود هئا. جيڪي بعد ۾ ڪيڏانهن ويا، ان بابت ڪو پتو ڪونہ پئجي سگهيو آهي.

بيدل سائين جو ڪلام بہ مختلف بياضن ۽ قلمي نسخن ۾ ٽڙيو پکڙيو پيو هو ان کي ڪٺي ڪرڻ واريون ابتدائي ڪوششون هرجاٽي گدومل ۽ بولچند راجپال ڪيون جن مختلف ماڻهن وٽان قلمي نسخا هٿ ڪري، ۽ ڪن ماڻهن جي سينن ۾ سانديل معلومات گڏ ڪري بيدل سائين جي

ڪلام کي عام ڪرڻ واريون اوائلي ڪوششون ڪيون. هرجاڻي گدومل، ”ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري ۽ سرود نامہ“ عنوان سان پهريون جلد 1940ع ۾ شايع ڪيو.

هرجاڻي گدومل کي ديوان بيدل تيار ڪرڻ وقت بيدل ۽ بيڪس سائينءَ جا هيٺ ذڪر ڪيل ڪجهہ قلمي نسخا ۽ مختلف شاعرن جا بياض هٿ لڳا.

- غلام مهدي قاضيءَ جو قلمي نسخو
- نواب علي شاهہ وارو قلمي نسخو
- علي گل شاهہ وارو قلمي نسخو
- فولاد فقير وارو قلمي نسخو
- علي بخش ”ڪمتر“ وارو قلمي نسخو
- سومر فقير جو بياض
- محمد رمضان فقير جو بياض
- لکميچند ڀاٽيہ جو بياض
- مسٽر ويرومل جو بياض[1]

ذڪر ڪيل قلمي نسخن ۽ مختلف بياضن جي مدد سان گدومل هرجاڻي ”ديوان بيدل“ تيار ڪيو. ان ديوان جو پهريون ۽ ٻيو حصو شايع ٿيڻ کان پوءِ مقامي ماحول منجهڻ شروع ٿي چڪو هو. جيڪو اڳتي هلي ورهاڱي جو سبب بڻيو. سنڌو رسالي جو سمپادڪ بولچند راجپال جيڪو رسالي جي سلسلي ۾ مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڪيل ڪوشش دوران بيدل سائين جو ڪلام گڏ ڪندو رهندو هو. ان بہ اهڙي صورت حال جي مد نظر پنهنجي پورهيي کي سميٽڻ شروع ڪيو ۽ 1950ع ۾ ”بيدل جو سنڌي ڪلام“ شايع ڪرائي ڇڏيو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن ان ڳالهہ طرف اشارو ڪيو آهي تہ ”اٽڪل تيرهن سال ٿيندا تہ مون کي سنڌيءَ جي مشهور صوفي شاعرن جي سنڌي شعر ڪٺي ڪرڻ جو شوق جاڳيو“(2) ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هن 46-1947ع ڌاري ڪلام جي سهيڙ واري ڪم جي شروعات ڪئي ان سلسلي ۾ هو لکي ٿو:

”انهيءَ شوق جي شروعات عزيز دوست مهاشيہ ڪرشن لعل سپتر مهاشيہ جيوڻ لعل آريہ اپديشڪ سکر واري ڪئي، جنهن پنهنجي پتا جا قلمي نسخا آڻي، منهنجي اڳيان رکيا. منجهن هڪ قلمي نسخو بيدل ۽

بينڪس صاحبن جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جو ٻه هو. پهريائين بيدل صاحب جي سنڌي ڪلام جي ڪٺي ڪرڻ جو دل ۾ پيهه ڪيم".[3]

بولچند مٿي ذڪر ڪيل بيدل ۽ بيڪس صاحبن جي سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين واري قلمي نسخي کي بنياد بنائي جڏهن مواد جي ڳولا ڦولا شروع ڪئي، تڏهن کيس پيتا لاءِ هيٺيان قلمي نسخا هٿ لڳا.

جيوڻ لعل وارو قلمي نسخو

غلام علي "مسرور" وارو قلمي نسخو

قاضي پير محمد وارو قلمي نسخو[4]

مٿي ذڪر ڪيل مواد ۽ درگاهه جي گادي نشين سائين سبحان بخش صاحب جن جي تعاون سان هن "بيدل جو سنڌي ڪلام" تيار ڪري شايع ڪرايو.

1947ع واري افراتفريءَ کان پوءِ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ جهڙي اداري پاڻ سنڀالي، اشاعتي سلسلن جي شروعات ڪئي، تڏهن بيدل سائين جي رسالي تيار ڪرڻ وارو ڪم محترم عبدالحسين موسوي جي حوالي ڪيو ويو. جنهن مواد کي مڪمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هيٺ ذڪر ڪيل قلمي نسخا، بياض ۽ ڇاپي ڪتاب نظر مان ڪڍيا.

غلام مهدي قاضيءَ جو قلمي نسخو

نواب علي شاهه وارو قلمي نسخو

علي گل شاهه وارو قلمي نسخو

فولاد فقير وارو قلمي نسخو

ڀاٽيا جهامنداس وارو قلمي نسخو

علي بخش "ڪمتر" وارو قلمي نسخو

سومر فقير جو بياض

محمد رمضان فقير جو بياض

لڪميچند ڀاٽيه جو بياض

مسٽر ويرومل جو بياض

راڄپال بولچند وسومل وارو ڇپيل "بيدل جو سنڌي ڪلام" هرجاٽي گدومل ڪنڻ مل وارو ڇپيل "ديوان بيدل"[5]

اهڙي طرح موسوي صاحب پاران تيار ڪيل "ديوان بيدل" 1954ع ۾ منظرعام تي آيو. اهي ڏينهن، اهي نينهن ان کان پوءِ بيدل سائين جي ڪلام

ڪني ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪائي ڪارگر ڪوشش ٿيندي نظر ڪانہ ٿي اچي ورنہ صوفين ۽ سنتن جي سرزمين، جا صدين کان علمي حوالي سان مالا مال پئي رهي آهي، ان جي مختلف خاندانن جي ذاتي ڪتب خانن ۾ اجان بہ اهڙا بياض ضرور هوندا، جن ۾ بين مختلف صوفي شاعرن جي ڪلام سان گڏ بيدل سائين جو ڪلام پڻ ٽڙيو پکڙيو پيو آهي.

اجوڪي محفل ۾ آءٌ هڪ اهڙي بياض جو ذڪر ڪريان ٿو جنهن ۾ بيدل سائين جون 59 ڪافيون ملن ٿيون. 7x11 انچ ماپ واري هن بياض ۾ 208 صفحا آهن هر صفحي کي چوڏاري پٽيون ليڪون ڏيئي، مواد جي حد مقرر ڪئي وئي آهي جن مان ڪٿي ڪٿي بعد ۾ لکيل ڪي سٽون ان مقرر ڪيل حد کان ٻاهر بہ لکيون ويون آهن هن بياض ۾ گهڻو تڻو مواد ڪافين ۽ غزلن تي مشتمل آهن جڏهن تہ آخر ۾ ڪجهہ مولود ۽ مناجات پڻ ڏنل آهن. هر صفحي تي مواد جي مد نظر ٻن کان پنجن تائين ڪافيون / غزل ڏنيون ويون آهن.

هن بياض ۾ تمام گهڻن ڄاتل ۽ اڻڄاتل شاعرن جون ڪافيون ۽ غزل آيل آهن جيڪي گهڻي ڀاڱي صوفياڻن خيالن جي ترجماني ڪن ٿا. ان مان ڪيترو ڪلام اهڙو بہ آهي جيڪو اڄ تائين ڪٿي بہ شايع نہ ٿيو آهي. البت ڪو اهڙو بہ مواد آهي جيڪو عوامي دلچسپيءَ سبب فنڪارن پاران ڳايو ويو آهي.

هن بياض ۾ شامل اهڙن ڪافين جا ٿل هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي ڪنهن بہ ديوان ۾ شامل نہ آهن.

- انا الحق آپ کهتاهي سوئي منصور ڪر اولي
- صنوبر سوز بازيءَ ۾، حسيني حال آ منهنجو
- بيا ڪجهہ فن فنون نہ چلندا ڪر هڪ ترڪ وجود ووڙي سئيان وو
- بازي عجب بنائي آدم نام ڌراڪي
- اس رستي وچ آوي ڪون، ٻاجهون فاني ٿيوڻ آپني
- صورت انساني ڪيئو ڏيرو عرشين ڪيئن سمائين
- صورت کيل ٿو کلايان، مان سرُ سبحاني آهيان
- اٽانگو عشق آهي اوکو۔ هزارين مرد ماري ٿو
- جنهن جا تون پنڌڙا پڇين ٿو.

هتي بيدل سائينءَ جي اها ڪافي پيش ڪجي ٿي جيڪا هن بياض ۾

موجود آهي پر ڪنهن بہ ديوان ۾ شامل ڪونهي.

صنوبر سوز بازيءَ ۾ حُسيني حال آ منهنجو
شاهنشاهہ عشق سِر آيو پِلن ۾ پال آ منهنجو

پنهنجي پيارن مٿي مولا چڙهيئي ڪيئن چوهہ مون شولا
عرش ڪرسي ۾ واويلا سُٽي قضيو حسينڻ جو

جڏهن نالو نفي ٿيڙو وجودا غير سڀ ويڙو
قريبن قول اهو ڪهڙو موتو سرُ مال آءَ منهنجو

اصلي هيڙن اهو رايو فائق فرمودو فرمايو
"بيدل" نام ڏرايو سُوري سينگار آءَ منهنجو

. هن بياض جي آخر ۾ صفحي 206 تي ڪاتب، ڪتابت جو سال لکندي لکيو آهي "فقط تاريخ پهرين محرم 1343هجري بقلم آخوند نور محمد ابن مرحوم ابراهيم قوم مهر ساڪن مسڪون قاسم علائقہ سکر ضلع سکر".

جڏهن تہ بياض جي آخري صفحي تي مولوي عبدالعزيز الله شاهہ الحسني و الحسيني الرحمة الله عليہ چڪائي جي حوالي سان هيٺيون بنهہ آخر ۾ آيل آهي.

هرچہ آيد بر سرمن يا نصيب من غريبم حال شد مارا غريب
من نور دلم نور دل و جان هم نور آسمان و زمين نور درختان همہ نور

هن بياض تي نظر وجهڻ کان پوءِ چٽي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽڙيل پکڙيل بياضن مان جيڪڏهن حضرت شاهہ عبداللطيف ۽ سچل سائين جي ڪلام وانگر، بيدلؔ سائين جي ڪلام جي ڳولا لاءِ ڪشالا ڪري مواد هٿ ڪيو وڃي تہ بيدل فقير جو پڪو مستند رسالو تيار ٿي سگهي ٿو.
هي بياض محترم سائين ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب مهرباني ڪري مطالعي لاءِ ڏنو جنهن لاءِ راقم سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهي.

حوالا

1_ هرجاڻي، گدومل ڪنٹمل، ديوان بيدل ۽ بيڪس (1960ع) صوفي

ساهتيہ مالا بمبئي ص 76
2_ راجپال، بولچند، ’بيدل جو سنڌي ڪلام‘ (1950ع) آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد، ص 9
3_ ساڳيو حوالو
4_ ساڳيو حوالو ص 10
5_ موسوي عبدالحسين شاهہ ’ديوان بيدل‘ (1961ع) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ص 77
6_ 1343هجري جو آخوند نور محمد مرحوم جو ڪتابت ڪيل بياض

عارف بالله حضرت بيدل سائين رح
جي ڪتاب رموز القادري جو تعارف

مولانا عبداللطيف سڪندري

بسم الله الرحمن الرحيم!

حضرت محبوب سبحاني قطب رباني پير پيران غوث الثقلين حضرت سيد عبدالقادر جيلاني غوث اعظم بغدادي بادشاهه رضي الله عنه جي تصنيفات مان هڪ اهم ڪتاب قصيده غوثيه مشهور معروف آهي جيڪو عربي نظم ۾ آهي. ان ۾ 29 بيت آهن. ڪن نسخن ۾ گهٽ وڌ بيت به آهن. قصيده غوثيه جو اثر نهايت جلالي آهي. ان جي ورد ڪندڙ جو روحاني پريشر گهٽو هاءِ رهندو آهي.

ان جي زبان مان شل پٽ پاراتو نه نڪري. شهر روهڙي جي درويش صفت علمي شخصيت قاضي علي رضا رحه سان 72ع ۾ بيماري حالت ۾ طبع پرسي خاطر ملاقاتي ٿيس پاڻ ٻڌايائون ته درياهه پاسي قصيده غوثيه پڙهيم ٿي جنات ڏڪو ڏنو گوڏو پچي پيو ان ڪري بستري داخل آهيان نه ته حضرت جيئي شاهه جيلاني جي درگاهه مبارڪ پراٹو سکر ۾ روزانو زيارت ۾ 45 سالن کان ناغو نه ڪيو هو. معذوري مجبوري آهي. مالڪ توهان کي موڪليو آهي. قصيده غوثيه جي تلاوت وقت اول آخر درود پاڪ گهڻو پڙهڻ سان ان جو تاثير معتدل رهندو آهي. حضرت قادر بخش بيدل سائين رحه به دستگير بادشاهه جيلاني جوان قطب الاقطاب جي برهه حه بکباري عاشق صادق اليقين. قادري طريقي جي اصلي چاشني ميناج جو جڪابل ۽ انهن جي چوگانن جو طوافي هو. ان ڪري قادري ناطي جو قدر ڪنديو. ان جي جيلاني فيض عطا. پاڳ نازي جي پلاري ڪامل ولي الله حضرت سيد

عبدالوهاب شاهه جيلاني رحہ جي نمڪ کي نروار ڪرڻ جو ذمو سِرَ تي کڻي حضرت غوث اعظم رضہ جي ڪتاب قصيده غوثيہ جو فارسي منظوم شرح "رموز القادري" نالي لکي لاهوتي لڙهي ۾ وڏيڪ هڪ موتي پوتي ڇڏيو. اهو ڪتاب حضرت بيدل سائين 20 ربيع الثاني 1259هجري ۾ جوڙي مڪمل ڪيو هو. سَو سلام دعائون ان پياري بي زياء مريد قاضي پير محمد کي جنهن اِن ڪتاب کي 27 جمادي الثاني 1280هہ ۾ نقل ڪري عاشقن لاءِ انمول روحاني تحفو محفوظ ڪيو. ان جي علمي ڪاوش کي بدوي خاندان ۽ خادم الفقراء غلام علي مسرور بدوي فقير احمد علي احمد بخش فقير ۽ فقير منل مسرور عارفن لاءِ ورق ورهايا. هندو فقراء مان گدومل ڪنڻ مل هرجاڻي بہ فارسي عربي ٻولي عشق سان پڙهي تہ جيئن حضرت بيدل سائين جي ڪلام کي سمجهي سماج تائين پهچايان. روهڙي شريف جي هندو دوستن طرفان بيدل سائين جي "طالب" تخلص وارا چپايل بيت مون پاڻ ڏٺا جيڪو مون کان لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد ۾ وڃائجي ويو. روهڙي جا نوجوان اديب ٿوري همٿ ڪندي اهڙا مواد ڳولي سگهن ٿا.

ان قصيده غوثيہ جا شرح عربي فارسي ٻولين ۾ گهڻي تعداد ۾ ٿيل آهن ولايتي ملڪن جي لائبررين ۾ پڻ جام نسخا رکيل آهن. اردو ۾ بہ ڪافي ترجما ٿيل آهن پر حضرت بيدل سائين جي ڪيل شرح رموز القادري جون رمزان نراليون آهن ان جو مَٿُ ثاني مشڪل هجي. عالم عارف عاشق رند جون راهون قلم جون ڪاهون بي مثال آهن. حضرت بيدل سائين ڪتاب رموز القادري ۾ قصيده غوثيہ جي 27 ستاويهن بيتن جو شرح لکيو آهي. شروعاتي حمد صلوات بعد هن طرح عربي ۾ لکن ٿا. هي ڪتاب برڪتن واري قصيده غوثيہ جو فارسي ۾ شرح لکيو اٿم اهو قصيده غوثيہ غوث الثقلين نجيب الطرفين سلطان العارفين مهدي الطالبين حضرت مولانا محي الدين سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره العزيز جو ناهيل آهي.

ان خطبي ۾ بيدل سائين حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رضہ کي ثقلين جو غوث لکيو آهي يعني جنن ۽ انسانن جو مددگار يا ٻنهي جهانن ۾ مددگار غوث اعظم لاءِ اهڙو ئي لقب مبارڪ حضرت مخدوم محمد هاشم رحہ پنهنجي درود پاڪ واري ڪتاب ۾ بہ لکيو آهي.

بيت:

سقاني الحب كاسات الوصال
فقلت لخمرتي نحوي تعال

معني: مون کي عشق وصل جو پيالو پياريو پوءِ پنهنجي ساقي کي چيم
نہ مون ڏي اچ

حضرت بيدل سائين قصيده غوثيہ جي مذڪوره پهرئين بيت جي فارسي ۾ 41 ايڪتاليهہ بيتن ۾ شرح ڪئي آهي. ان ۾ انهن نبين سڳورن ۽ امامن سڳورن جو بيان ڪيو آهي جن عشق الهيٰ ۾ شهادت جو پيالو پيتو. پنهنجي خيالات جي تائيد ۾ هي بيت بہ چيو اٿائين.

هر چہ مي گويم ڪلام پاڪ دان
ني ڪہ چون گفتار اهل خاک دان

يعني جيڪي مون روحاني ڳالهيون ٻڌايون آهن اُهي قرآن پاڪ ڄاڻ. خاڪي عامي ماڻهن واري گفتگو ناهي. غوث اعظم فرمائن ٿا محبت الهي مون کي وصال خدا جي رُتبي تي پهچايو پوءِ منهنجي لاءِ جيڪو حقيقت جو شراب مقدر هيو اهو سڏي گهرائي ورتم.

بيت 2 جو شرح:

سعت و هشت لنحوي في ڪئودس
فهمت بسڪرتي بين الموالي

معني:- اهو فقر وارو شراب پيالن ۾ پريل مون ڏي ڊڪندو آيو
پوءِ مان ولين جي جماعت ۾ جذبن سان مست ٿي ويس.

ان بيت جو 20 ويهن بيتن ۾ بيدل سائين شرح لکيو آهي جن ۾ عشق ۾ مست ٿيلن جا نالا بہ ڏنا اٿس مجنون ليلان ۽ فرهاد، شرف الدين شاهہ شيخ صنعان وغيره جيڪي عشق جي تجلين ۾ فنا هئا. انهن بيتن ۾ بہ بيت وڏي اهميت جو ڏس ڏين ٿا.

پر تو آن ذات قدس ڪبريا، در مظاهر يافت رنگ بي ريا.

يعني:- قدرت خدا جي ذات جا ڪرٽا تجليون، جاتي ڪاتي مختلف رنگ ۾ ظاهر آهن. حضرت بيدل سائين ٻئي بيت ۾ هن طرح ٻڌائي ٿو:

گر نبودي جلوه گر آن نور پاک، از رُخ آئينہ هائي آب و خاک

يعني:- ان ذات پاڪ جو نور پاڪ حضرت آدم جي قالب جسم خاڪي تي جلوه گر نہ ٿئي ها تہ سندس ايڏو شرف ۽ مسجود ملائڪ نہ ٿئي ها سڀ رب پاڪ جي قرب جو ڪمال آهي.

بيت نمبر 3 جو شرح ستن بيتن ۾ ٿيل آهي.

فقلت لسائر الاقطاب لموا
بحالي وادخلوا انتم رجال

معني:- پوءِ سيني قطبن کي چيم تہ توهان بہ ارادو ڪري هليا اچو منهنجي حال رنگِ فقر ۾ داخل ٿيو توهان بہ ولايت جا صاحب آهيو

(1) باز بانِ حالِ گفتم در زمان، زمرهِ اقطاب را کہ اي مهتران

معني:- فقر فيض جي شراب جي عطا ٿيڻ بعد اندر واري زبان سان ان وقت برگزيده قطبن کي چيم اي بزرگو!

(2) کسوت عالم بپوشيد از ڪمال، تابتابد بر دل تان نور حال

معني:- باطن واري پوشاڪ پايو تہ باطني نور جا دلين تي چمڪات ڏسندؤ.

(3) صورتم را دان چو معنئ بي زوال
نقص من سرمايہء عين الکمال

معني:- منهنجي صورت کي لا زوال اڻ لڀ حقيقت ڄاڻو سمجهہ ۽ عقل ۾ ايندڙ منهنجي نقص کي بہ ڪمال سمجهندا.

سمجهاڻي:- مريد ٿيڻ بعد مرشد جي صورت پاڪ جو تصور پچائبو رهبو آهي ۽ مرشد ڪامل جي ڪا عادت سمجهہ ۾ نہ اچي تہ ان کي باطني رمز سمجهي پنهنجي ڪوتاهہ عقل جوقصور سمجهڻ سان فيض ملندو آهي. حضرت غوث اعظم سيني قطبن کي مريد ڪندي پنهنجو مرتبہ ولايت مٿن ظاهر ڪيو هو اهو فخر ناهي بلڪ شڪر نعمت جو اظهار آهي.

(4) جسم مارا جان شماريد اي مهان
بر سرير آئيد چون شاهِ شهان

معني:- منهنجي ظاهر جسم کي روح سمجهو اي بزرگو

۽ منهنجي اڱڻ چوگان تي بادشاهن وانگر بي فڪر اچو

(5) تو بہ ما آميز ما باذات حق، خويش را آ ميختہ بر دم سبق

معني:۔ توهان مون سان گڏجي وجو ۽ مان ذات حق رب پاڪ جي ذات ۾ فنا آهيان. پاڻ کي فنا في الله ڪرڻ وارو سبق پڙهيو اٿم.
يعني توهان مريد فنا في الشيخ وارو سبق پچايو اڳتي آساني ٿيندوَ.

(6) آخر اي مردان حق داخل شويد. در مقامِ وصل و قربم بگر ديد

معني:۔ اي اولياء ڪرام وصال جي مقام ۾ داخل ٿيو ۽ منهنجي قرب شفقت ۾ شامل ٿيو.

(7) تاشماهم همدمِ آن نور پاڪ. ڪشتہ و بيرون روند از آب و خاڪ

معني:۔ تہ توهان اُن پاڪ جي نور جا هميشہ فدائي ٿي وجو ۽ خاڪي اولي چولي کان ٻاهر نڪري نروار ٿيو. هر دم ذڪر الهي ۾ محو رهو.
بيت نمبر 4:

وهموا واشربوا انتم جنودي
فساقي القـوم بالوافي ملال

معني:۔ ۽ مون قطبن کي چيو جلد ڪيو فقر جو شراب طهور پيئو توهان منهنجو لشڪر آهيو ۽ پوري قوم جي ساقي ڪائنات جي مرشد ڪريم حضرت رسول ڪريم ﷺ جن مون کي فقر شراب جا ڀريل پيالا (تقسيم لاءِ) عطا فرمايا آهن.

ان چوٿين بيت جو شرح حضرت بيدل سائين ويهن بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ فقر عشق معرفت جي طالبن کي هر وقت الله تعاليٰ جي عبادت ۽ ذڪر ۾ مشغول رهڻ جي بار بار ترغيب تاڪيد ڪيو ويو آهي.
بيت نمبر 5:

شربتم فضلتي من بعد سكري
ولا نلتم علوي و اتصالي

معني:۔ توهان اوليائن منهنجي او بر پيتي تہ بہ منهنجي مرتبي ڪمال ۽ مقام اتصال کي نہ پهچي سگهيا.

ان ڪري اوهان کي اجان وڌيڪ ترقي لاءِ رياضت عبادت ڪرڻ

گهرجي. قصيده غوثيہ جي مٿئين پنج نمبر بيت جو شرح رموز القادري ۾ حضرت بيدل سائين ايڪويهن بيتن ۾ مختلف مطلب سمجهايا آهن.

بيت نمبر6:

مقامكم والعليٰ جمعا والكن
مقامي فوقكم مازال عالي

معنيٰ:ـ توهان قطبن اوليائن جو مرتبو مٿي آهي "عام امت کان" پر منهنجو مقام مرتبو توهان کان وڌيڪ بلند آهي ۽ هميشہ بلند رهندو.

ان ڇهين بيت جو شرح 19 بيتن ۾ ڏنل آهي.

انهن بيتن ۾ بيدل سائين مختلف ماڻهن جون مختلف منزلان بيان ڪيون آهن بہ بيت وڏي اهميت وارا بيان ڪيان ٿو.

بيت نمبر6 جي شرح اٺويهن بيتن مان بہ وڏي اهميت وارا بيت هن طرح آهن:

1. منزل عيسيٰ چهارم آسمان، منزل احمد فِضائي لامكان

يعنيٰ:ـ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي منزل چوٿون آسمان آهي هن وقت بہ چوٿين آسمان تي حال حيات آهن. ۽ حضرت سيد المرسلين ﷺ جن جي منزل لامڪان جون فضائون آهن معراج پاڪ جي مرتبي بلندي ڏي اشارو آهي. حضرت بيدل سائين عشق محبت سيدنا محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم سان سرشار آهي.

آسمانو پر گئي ادريس عيسيٰ شڪ نهين، دم مين ميري لامكان معراج اترا اور هي

2. منزل بوجهل سجين و عذاب
منزل صديق عليين مآب

يعني ابوجهل جي جاءِ عذاب ۽ مقام سجين آهي ۽ حضرت سيدنا صديق اڪبر رضہ جي جاءِ مقام عليين ۾ عزت اڪرام سان آهي.

واضح رهي تہ لفظ سجين ۽ عليين واضح طور قرآن پاڪ جي پاره 30 ۾ سورت مطففين ۾ واضح اصطلاح فرمايل آهي. جنهن جي معنيٰ بالڪل پڌري آهي ڪنهن بہ تاويل يا شڪ جي گنجائش ناهي.

ڪلان ان ڪتب الفجار لفي سجين. خبردار منڪرن جي لکت سجين آهي. سجين هولناڪ جاءِ آهي جيڪا ستن زمينن هيٺان پوري دوزخ ۾ ڇپ

ڏکي جاءِ آهي جتي ابليس ۽ انجي پوئلڳن جي جاءِ آهي خاص طرح قيامت ۾ قرآن جي منڪرن کي اُتي واڙيو ويندو. ڪلان ان ڪتب الابرار لفي عليين. خبردار بيشڪ نيڪو ڪارن صديقن مومنن عارفن جي لکت نصيب مقام عليين ۾ آهي. مقام عليين ۾ ترسايل مؤمنين کي قسمين قسمين نعمتن سان خوشحال رکيو ويندو ۽ قرآني فيصلي موجب تسنيم نهر يا چشمو عرش معليٰ هيٺان وهندو بهشت ڏي وڃي عليين مقام ۾ ڇوڙ ڪري ٿو ان مان الله تعاليٰ جا خاص مقرب بانها پاڻي پيئن ٿا.

حضرت بيدل سائين جهڙو برک عالم ڪامل اڪمل اولياء صوفي عارف به ان ڳالهه جو کليو اقرار اعلان ٿو ڪري ۽ دلي محبت جو اظهار ٿو ڪري ته حضرت مرسلن جي مهندار احمد مختار صلي الله عليه وسلم جو سهرو ۽ پيارو صحابي يار غار حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه کي الله تعاليٰ مقام عليين عطا فرمايو آهي.

منزل بوجهل سجين و عذاب
منزل صديق عليين مآب

يعني رب جي قدرت اختيار ته ڏسو جو سجين ۾ ابوجهل کي عذاب خواري سان وڌائين ۽ حضرت ابوبڪر صديق کي عزت انعام سان مقام عليين ۾ رهايائين. حضرت بيدل جي علم شاعري جو ڪمال ڏسو جو ان بيت جي پهرين سِٽ ۾ سجين بڌايائين ۽ مقام عليين بعد ۾ بيان ڪيائين اِهو ان ڪري جو قرآن پاڪ جي متابعت ڪندي اهڙو طريقو اختيار ڪيائين سورت مطففين ۾ اڳ ۾ سجين جو بيان آهي ۽ عليين جو بعد ۾.

حضرت بيدل سائين جا مريد پانڌيئڙو ۽ منهنجا پيارا قربدار حبدار مولائي مڙس حضرت بيدل سائين جي برهه واري ٻني سان پنهنجي عقيدن کي مقام عليين تائين پهچائي پوري قوم کي پيار پريت جو پيغام امن پهچايون ٿا ته حضرت بيدل سائين جي تعليمات مطابق دوئي واري دانگي کي پچون ٿا ۽ انسانيت ۾ فرق ڪدورت تعصبات وارن اجاين حربن کي حرام ٿا سمجهون. اسان سڀئي اڳ ۾ حيدري آهيون ۽ پوءِ قادري آهيون. حق موجود سدا موجود

حياتي باقي ته باقي آئنده انشاء الله

عروج معنوي

منل مسرور

خالق ڪل ڪائنات جيتري مخلوق تخليق فرمائي آهي. انهن جي وڌڻ ۽ اُسرڻ جا ذريعا بہ پيدا ڪيا آهن. ملائڪن ، جنن، حورن ۽ غلمانن جي بقا وڌڻ ۽ اُسرڻ لاءِ ملڪوتي غذائن جو بہ انتظام ڪيو آهي.

نيڪ روشن هجي تہ جيستائين حضرت آدم عليہ السلام ۽ بيبي حوا سلام الله عليہ انساني وجود سان جنت ۾ سڪون پذير هئا. تيستائين سندن غذا بہ فقط ملڪوتي هُئي... جڏهن قادر مطلق جي اَمر خلاف غير ملڪوتي درخت مان انهن ڪجهہ کائي ورتو. تڏهن سندن سڪونت بہ غير ملڪوتي وادي ناسوت يعني زمين تي مقرر ڪئي وئي.

حضرت آدم عليہ السلام ۽ بيبي حوا سلام الله عليہ جو زمين تي نازل ٿيڻ بعد سندن جو وڌڻ ۽ اسرڻ ڪيئن ٿيو. ان کان علاوه سندن رهڻ ڪرڻ، جٽڻ وٽڻ ڪيئن ٿيو ان روئداد متعلق، ڪافي ڪتابن ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

جڏهن کين پهريون اولاد ٿيو تہ انهن جو ظاهري قدُبُت نندڍو هو جن جي ابتدائي غذا اُمڙِ جوکيرُ. برسات جو پاڻي ۽ بعد ۾ نوس غذائن تي مشتمل پئي رهيو جنهن ذريعي، اِهي وڏي، اُسري، پنهنجي مقرر قد ۽ قامت کي پئي رَسيا. جيڪو سلسلو دور_ حاضر تائين رهندو اچي ٿو هن قسم جي اُسرڻ کي فقط طبعي عروج سمجهڻ گهرجي. هن زمين يعني عالم _ ناسوت ۾ طبعي عروج يعني جسماني ترقي جو دارومدار بہ ظاهري غذائن تي مشتمل رهندو اچي ٿو.

جڏهن تہ انسان فقط مادو نہ آهي مگر اُن جي وجود ۾ خدا جي طرفان روح بہ رکيل آهي.

فَاِذا سويته ونفخت فيه من الرّوحي، فقعوله ساجدين.

ترجمو: پوءِ جڏهن مان اِن (آدم ع) کي دُرست ڪري وٺان ۽ منجهس پنهنجي روح کي ڦوڪي وٺان. تڏهن اوهان هڪدم انجي سجدي ۾ ڪري پئو.

اشارو ڪيل روح ۾ طلب جي مقنطيسي ڪشش بہ رکيل آهي، جنهن تحت هو پنهنجي اصل طرف پهچڻ لاءِ جدوجهد ۾ رهندو آهي. جڏهن هي، هن قفسِ عنصري کان بيدل ٿي پنهنجي اصل طرف پُرندو آهي تہ درميان مان سڀ رڪاوٽون هٽي وينديون آهن.

من عروج الروح فاينتهر الفلک

ترجمو: جڏهن روح عروج ڪندو آهي تہ پوءِ درميان مان آسمان بہ هٽي ويندا آهن اهڙي طرح روح پنهنجي اصل تي بہ پهچي ويندو آهي. هن نوعيت جي رسائيءَ کي روحاني عروج چوڻ ۾ ڪوبہ شڪ نہ هئڻ گهرجي.

قدرت طرفان، روح جي، انساني جسم جي بقا لاءِ جيڪا مدت مقرر ڪيل آهي. اُن مدت تائين روح کي وجود سان گڏ رهڻو آهي. اهوئي سبب آهي. جو عروج بعد سندس انساني وجود طِرف نزول ٿيندو رهندو آهي.

بيان ڪيل عروج روح جي پنهنجي ذاتي اختيار ۾ نہ هوندو آهي. بلڪ ان لاءِ هڪ وسيلي جو عمل دخلُ بہ ضروري چيو ويو آهي.

ياايها الذين آمنوا اتقوا الله وابتغوا اليه وسيلة

ترجمو: اي ايمان وارو پرهيزگار بڻجو الله تعاليٰ جي طرف هڪ وسيلو وٺو مٿي امرڪيل وسيلو آهي حُسن جو توجہ يعني تجلوتاب. جيڪو ڪنهن بہ ظاهري سونهن مان پُهچي. ان ڏس ۾ حضرت انسان جو حُسن سڀ کان وڌيڪ جاذب ۽ اثر ڪندڙ آهي جنهن جو بنيادي ڪارڻ سندس جي احسن تقويم آهي.

جڏهن، ڪنهن بہ انساني، حسن جي ڪشش واري اشڪنجي ۾ اسير ٿي اُنجي محبت ۾ مقيد ٿيو عين ان وقت حضرت حُسن پنهنجي قرب جي ڪمند(رَسي) ذريعي پنهنجي طرف ڇڪيندو رهندو. ان طرح شڪار ٿيل شائق بہ ديوانہ وار ڊوڙندو اچي. محبوب سان ملندو.

المجاز قنطرة الحقيقت

ترجمو: مجازي عشق، حقيقي عشق طرف ڏاڪڻ آهي.

ذڪر ڪيل دل لڳيءَ ڪي مجازي عشق جو درجو ڏنل آهي. جيڪو حقيقي يعني الاهي عشق جي حال تي رسائڻ لاءِ ڏاڪڻ مثل آهي.

نيڪ روشن هجي تہ ان مجازي ولولي تحت، حقيقي طور بہ وحدت ۾ واصل ٿي سگهجي ٿو. پر انلاءِ بہ ساڳئي امر ڪيل وسيلي جي ضرورت آهي، ورنہ... عاشق مجنونءَ وانگر ليلا تائين رسي سگهجي ٿو.

هن زمري ۾ الله لوڪ درويشن جو قرب قريب ٿيڻ ئي ڪارگر ثابت ٿيندو آهي جن جي روحاني همت ۽ توجہ سان ارادتمند، حقيقت جو واصل ٿي سگهندو آهي.

جلعت في الروح طريق العارفين

ترجمو: روح ۾ عارفن لاءِ طريقت رکيل آهي.

نيڪ روشن هجي تہ روحاني تصرف اهڙي بہ لامڪان تي پهچائيندو آهي، جتي ڪنهن بہ بندي، ملائڪ نبي يا رسول عہ جي گنجائش ۽ رسائي نہ ٿيندي آهي.

ذڪر ڪيل عروج ڪي معنوي عروج چوڻ ۾ ڪوبہ وهم نہ آهي. هِي معنوي عروج جتي بہ هجو اُتي ميسر ٿي پوندو آهي.

وهوَ معڪم اينما ڪنتم

ترجمو: ۽ هُو اوهان سان گڏ آهي. اوهين جتي بہ هوندا.

بيان ڪيل معنوي عروج تحت وصال ڪي وصالِ حق بہ چئي سگهجي ٿو. اِن ڏس ۾ ارادتمند جي هست بود جي نفي ۽ ذات حق جي آمد يعني اثبات هوندي آهي. ذڪر ڪيل وصال ذات حق جي قرب ۽ موجودات تحت ٿئي ٿو.

ڪجھ عاشقانِ رسول الله صہ جو انڪشاف هن طرح بہ آهي. تہ رب تعاليٰ پنهنجي محبوب محمد مصطفيٰ صہ سان. مقدس مقامات مثلاً غار حرا، غار ثور، مسجد نبوي صہ، شهر مڪي، مديني عہ ۽ دوران جهاد بہ ڪيترا دفعا معنوي معراج ماڻيو آهي.

لِي مع الله وقتاً لايسعني فيه ملائڪ مقرب ولا نبي ولا رسول

ترجمو: منهنجو الله پاڪ سان جيڪو وقت هوندو آهي. اُن ۾ ملائڪ مقرب، نبي عہ ۽ ڪنهن بہ رسول عہ جي مابين گنجائش نہ هوندي آهي.

عين اِن اوقات ۾ لاموجود اِلاالله يعني ماسوي الله ٻيو ڪجھ بہ نہ هوندو آهي. ذڪر ڪيل ماجرا، صوفي اهل صفا، اصحابِ ڪرام ۽ الله لوڪ درويش متعلق ڪافي مڪتوبات ۾ ڪافي ڪجھ ڏنو ويو آهي.

اُونهي هن اسرار جي، جني پسي جُوءِ
حيرت ۾ پيا هُوءِ، پسي موج محمدي صہ
(حضرت بيدل رح)

پسي موج محمدي، وجودئون ويا
انا رب انا محمد صہ، انهي پنڌ پيا

جوڳي مري جِيا، هيرڪ جي ها هوت جا.

بيان ڪيل عروجي ڪيفيت جي ضمن ۾، حضرت قادر بخش بيدل رح، حضرت عبدالوهاب سچل رح، حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح، حضرت شاه عثمان مروندي رح، حضرت سيد عبدالقادر گيلاني قدس حضرت حسن بن منصور حلاج قدس، حضرت بايزيد بسطلامي قدس ۽ اُنهن کان اڳ ۾ اصحاب سڳورا رضہ ۽ اهڙي طرح حضرت علي رضہ ۽ پاڻ سڳورن صلعم جا ڪافي انڪشاف پڻ معلوم ٿيا آهن. جن جو مضمون ۽ متنُ طوالت سبب پيش ڪرڻ کان معذرت خوان آهيان.

هن زمري ۾ بيان ڪيل الله لوڪن جو فرمودو آهي تہ "اسين پاڻ بلڪل ڪجھ بہ نہ آهيون ۽ ماسوي الله ٻيو ڪجھ بہ ناهي، جيڪڏهن آهي تہ نقط الاالله حق موجود آهي. اسان کان ٻاهر اسان ۾ اندر، توهان ۽ اسان، اُن ذات حق کان الڳ ڪاٻہ شئي نہ آهيون."

بيان ڪيل انڪشاف علم عقل، سمجھ ۽ فهم کان بالاتر ضرور آهي پر حقيقت حق. حق موجود سدا موجود آهي.

ڪوئي بانڪا ڪيلي-عشق دي التي ڪيل
ڪيت عقل دي هڪ پل ديوچ-برهہ ڪريندا پيل.
(حضرت بيدل رح)

نيڪ روشڻ هجي تہ ڪاملين جي قياس ۽ سرمستن جي دمبدم هردم معنوي مشاهدي موجب پنهنجي اندر ۽ ٻاهر حق جوئي احاطو آهي.

هر طرف ساجن ٿو وسي، هستي چڏي هوشيار ٿيءُ
دانھ دوئي کي وجھ دسي- پاڻئون ٻِجي بيزار ٿيءُ.
(حضرت بيدل رح)

هند سنڌ جي ورهاڱي کان ٻہ ٽي سال اڳ ۽ بعد ۾ ستن اٺن سالن جي درميان فقير بابا مسرور رح جي صوفياڻي تربيت ۾ رهندي هڪ طرف ڪجھ سوچڻ لڳو هوس. تہ ٻئي طرف تصوف جي ڪتابن مان ڪجھ قدر نقط بہ جمع ڪري رهيو هوس. هن ضمن ۾ دور حاضر تائين ڪافي جمع پونجي گڏ ڪري چڪو هوس. جن مان مسرور رح اڪيڊمي ۽ بيدل رح يادگار ڪميٽي کي ڪافي قلمي ۽ خود نوشتہ مواد پيش ڪري چڪو آهيان. جن مان ڪجھ قدر مواد تہ شايع بہ ٿي چڪو آهي.

پنهنجي ابتدائي لڳن دوران. ڪجھ شاعرن، ڪجھ نثر نويسن ۽ ڪجھ ناول نگار ۽ افسانہ نگارن جون لکتون بہ پيش نظر رهيون هيون. جن جي ڪردار ۾ شخصي انا وڌيڪ محسوس ٿيندي هُئي. ڪجھ ليکڪن جي لکڻن ۾ خدا جي رازن کي، نہ سمجھڻ سبب. شڪوہ ۽ شخصي انا جو اُپارُ بہ محسوس ٿيندو هو ڪجھ ليکڪن جو جملن ۾ وري رب پاڪ جي ذات جو واضح انڪار بہ معلوم ٿيندو هو. ذڪر ڪيل نظريات جو چڙيا گهر. تمام سخت مونجهاري ۾ غلطان ڪري وجهندو هو. جنهن جو بنيادي ڪارڻ، منهنجي پيش نظر ان تجديد کي نہ سمجهڻ. شايد سندن مڪتب فڪر کان نا آشنائي ئي هئي جنهن ڪري هڪ قسم جو جمود اُڄ تائين مٿم سوار رهيو اٿم.

هڪ دفعي هڪ جديد دانشور پنهنجي تقرير دوران عورتن جي حقن واري آزادي مردن جي بالادستيءَ جي مخالفت ۾ ڳالهائڻ لڳو. جيڪو موضوع تمام اهم ۽ بالڪل ضروري هو... پر همراہ اڳتي هلي، انساني جبلتن ۽ شهواني رجحانن جي آزاديءَ جي حق ۾ ڳالهائيندي، تمام گرجدار لهجو اختيار ڪيو. صاحب موصوف پنهنجي تقرير دوران ڪوبہ ديسي مثال نہ ڏنو بلڪ سڀ جو سڀ پرڏيهي ملڪن جي ماڻهن جا حوالا ڏيندي ٻُڌندڙن کي مرعُوب ڪرڻ پئي چاهيو... خير!

جيڪڏهن ڪنهن وقت. انهن بيانن متعلق ڪجهه قدر پُڇيو ويندو هو تہ فوراً چئي ڏيندا هئا تہ "اوهين پراڻا ماڻهو دقيانوسي ۽ مدي خارج نظريئن تي ڪفايت شعاري ڪيو ويٺا آهيو.. زمانو ڪيتري ترقي ڪري چڪو آهي. پر اوهين اجا تائين ڄٽڪا سوال ڪنيو ويٺا آهيو.

-حالانڪ ڪانئن ايڏي وڏي پُڇا بہ نہ ڪئي ويندي هُئي. پر همراه پنهنجي زبان کي روڪي ئي نہ سگهندا هئا. هتي مون کي ان گوهر افشاني ڪرڻ جو شوق هرگز نہ هو. پر ڪجهہ عرصو بعد جڏهن ساڳيا ماڻهو. ساڳيا ئي نظريا کڻي. پاڻ کي نجُ ۽ سچو صوفي سڏائڻ لڳا. تڏهن ئي طبيعت ۾ اهو تغير پيدا ٿيو تہ اِنهن جديد صوفين کي بنيادي تصوف جي ضمن ۾ ڪجهہ خبردار ڪري ونجي. حقيقت ۾ مسئلو اهو بہ آهي. تہ جديد دور جي لکڻ وارن وٽ عينيت ۽ مشاهدات جي ضمن ۾ فقط عقلي ۽ نقلي تاويلون ئي آهن. جنهن ڪارڻ شخصيت ۽ معنويت ۾ مونجهارو واقع ٿي پيو آهي.

اِهو سڀ ڪجهہ لالچ جي رستي ۾ پيش آيو آهي. جيڪو روحاني. روشن راهن جي مخالف سمت ۾ واقع آهي. جتي هيرن جواهرن جي هوس ۾ چٽ چَٽِي پوندي آهي. ياد رهي تہ روشن راهن تي نہ ڪونئرو آهي. نہ ڪونئرو جو هار نہ وري ڪونئرو جو ڪِرتُ ئي آهي. اِنهن راهن جي منزل مقصود اِهڙي ڪين ولايت آهي. جتي نہ بندو آهي نڪائي بندگي ئي آهي...!

چڏيائون سڀ سانگ ڪندا ڪوهہ نماز کي
جيڏانهن عالم آسرو. تيڏانهن ڪن نہ تانگهہ
نڪي پرن ڪلمو نڪي ٻُڌن بانگهہ
لاهوتيءَ بيلانگهہ عدم ڪان اڳي ٿيا
(حضرت بيدل رح)

ذڪر ڪيل واديءَ عدم يعني ڪينَ ولايت جي مخالف ڏِس ۾ لالچ. ڪوڙ دوئي. تعصب قتل غارت. فقط شخصي انائيت جا وڏا ميار اُپا ٿيل آهن.

ياد رهي تہ انساني جبلتون. ڪامنائون. احتياج مقاصد. مفادات. انفرادي هست بود. تصوف جي زمري مان خارج ٿيل آهن.

خام خوديءَ جا خطرا. عاشق ڪج عدم
قرب پار قدم. خوديءَ ريءَ ڪٽيج تون
(حضرت بيدل رح)

تصوف ۾ جيڪڏهن ڪو تصور، فڪر يا نظريو موجود آهي تہ فقط لاموجودِ الاالله يعني حق موجود ئي آهي.

مڙيوئي محبوب آه۔ مشتاقن مقصود
سدا حق موجود۔هم ڪي هڪُ جاڻ تون
(حضرت بيدل رح)

تازو، حضرت روهڙي شريف ۾ حضرت مير جان محمد شاه رح، جي عرس واري موقعي تي هڪ فنڪار صوفياڻو ڪلام ڳائي رهيو هو. جيڪو پنهنجي ڳائڻ دوران البت، ناٽ نخرا، ڪجهہ وڌيڪ ئي ڪري رهيو هو... منهنجي لڳ هڪ دور۔ حاضر جو صوفي شاعر بہ ويٺل هو. تنهن طنزيہ انداز ۾ چيو تہ "مِٺل صاحب، ڇا تصوف اِتي اَچي پُهتي آهي؟ مون سندس ارادو تہ سمجهي ورتو هو پر بحث ۾ وڃڻ نہ پئي چاهيم. انڪري مون اٽڪاڻ ٿي، سندس ڪيل سوال پٺيان هڪ سوال ڪيو تہ "قبلا اوهان جو اشارو ڪهڙي طرف آهي؟ ان تي همراه چيو تہ "ويراڳ ۾ ايڏا ناٽ نخرا ۽ تال پخال... ڇا اِهوئي تصوف آهي؟ مون سندس ڪيل سوال جي جواب ۾ عرض ڪيو تہ اِهي اسانجون پنهنجيون هترادو ادائون آهن، باقي تصوف تہ پنهنجي اصلي معنوي صورت ۾ جيئن جو تيئن دائم قائم آهي.

عروج اناالحق ڪا نظارا نزول ۾،
موتوا قبل اشارا هم هم حساب ڪا
(طبع زاد)

هڪ ڳالهہ پوري سمجهداري ۽ سنڀال سان مڪمل طور جاڻڻ گهرجي تہ حضرت محمد مصطفيٰ، احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وسلم، افلاڪن کان مٿي عرش اعظم تي۔لامڪان ۾ جيڪا رب پاڪ سان مخصوص ملاقات ڪئي، انکي معراج محمدي صلعم چوڻ گهرجي.

ان کان علاوه پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم سان، رب تعاليٰ، هن زمين تي معنوي طور موجود ٿي ملاقات ڪئي، ان کي عروج معنوي چئبو. جيڪو معراج جي مترادف ان ڪري بہ چئي سگهجي ٿو جو اِن ۾ بہ عروج جو دخل آهي.

نيڪ روشن هجي تہ جنهن بہ مقام تي رب پاڪ جي موجودات ٿيندي آهي، اُتي هرڪا شيءِ يعني سڀ ڪجهہ ختم ٿي عدم ٿي ويندو آهي. جهڙي طرح سج اڀرڻ وقت آسمان مان وڏا ننڍا گره گم ٿي ويندا آهن. عين ان وقت رب پاڪ. نور سماوات والارض جو پوري مانداڻ تي احاطو بہ قائم هوندو آهي. يعني تہ مڪان ڪان لامڪان تائين الله تعاليٰ جي ذات ئي محيط هوندي آهي... اهڙيءَ طرح ڪابہ جڳهہ ڪويہ مڪان، سندس موجودات ۾ گرفت ڪان ٻاهر باقي نہ رهندو آهي. اهڙي طرح جنهن بہ مڪان تي ذڪرِ ڪيل اوئداد واقع ٿيندي آهي. ان کي لامڪان ئي سمجهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ خدا عزوجل جي موجودات سبب مڪانُ مڪانُ نہ رهندو آهي ۽ نڪا شيءِ شيءِ ئي رهندي آهي. اِهو سڀ ڪجهہ ذات محيط جي موجودات وقت ٿيندو رهندو آهي.

نڪا هاءِ نہ هوءِ، واهہ جو ويلَ وصال جي
جاءَ ربڪ والملڪ صفا صفا رمي رسيا روءِ
سدا سُوءِ ٻسُوءِ-سجڻ وسن سامهان
(حضرت بيدل رح)

ڳالهيون سلڻ نہ جهڙيون

خادم عباسي

جيئن تہ منهنجو جنم هڪ سنڌ جي صوفي گهراڻي ۾ ٿيو آهي، مان پنهنجي عمر وڏن وڏن صوفي درويشن جون ڪچهريون ٻڌيون آهن فقير فارسيءَ جا گوهر هئا ۽ هر وقت سندن ڪچهري ۾ اڪثر ڪري مثنوي مولانا روم ۽ منطق الطير پڻ عطار سائينءَ جي باري ۾ ڪچهري هلندي هئي جنهن ڪي صوفي رهاڻ سڏيندا هئا. اهڙن عارفن ۾ فقير فولاد علي شر جو اسم گرامي وڏيڪ مشهور رهيو آهي. فقير اناالحق جو پڻ نعرو هنيو ۽ وڏي واڪ هنيو جنهن تان فقير صاحب تي ڪيس داخل ٿيا. فتوائون آيون ۽ فقير صاحب ڪي تعزير پڻ مليو جيڪي صعوبتون فقير خوشيءَ سان سٺيون پر فقير پنهنجي نعري حق تي ثابت قدم رهيو. اچ مان فقير صاحب جي رهاڻ لکي رهيو آهيان جيڪا مارچ 1966ع ۾ اسان ٻڌي. فقير صاحب فرمايو تہ شاهہ لطيف جا سڀ سوانح نگار، شارح ۽ محقق متفق راءِ آهن تہ لطيف سرڪار پاڻ سان سفر ۾ ٽي ڪتاب ضرور کڻندو هو(1) ڪلام مجيد (2) ملفوظات شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري "بيان العارفين في تنبيهہ الغافلين" (3) مثنوي مولانا روم. ان مان اوهان مثنوي شريف جي عزت ۽ عظمت جو اندازو لڳائي سگهون ٿا. مثنوي جنهن لاءِ مولانا جامي فرمائي ٿو:

صنف الڪتب الڪتاير المعنوي ليس فيها ڪا لڪتاب مثنوي

دنيا ۾ ڪيئي معنوي ڪتاب لکيا ويا انهن معنوي ڪتابن ۾ مثنويءَ جهڙو ڪتاب آهي ئي ڪونہ.

انني ابصرت في النوم الرسول،
في يديه المثنوي وهو يقول

مون خواب ۾ نبي سردار جو ديدار ڪيو ۽
سندن هٿن مبارڪن ۾ مثنوي شريف هئي
۽ پاڻ سڳورن فرمايو:

رحمت الله برجنازه مولوي
داد قرآن را لباسِ پهلوي

حق تعاليٰ مولويءَ تي رحمت ڪري جنهن قرآن مجيد کي فارسي رنگ ڏنو.

ان مان توهان رومي صاحب جي مثنوي جي قدر جو ڪاٿو ڪري سگهو ٿا پوءِ مثنوي جو هڪ بيت فقير فولاد پڙهيو:

ترجمو: جيڪڏهن آدم ۾ حق تعاليٰ سمايل نہ هجي ها
تہ پوءِ مٽيءِ ۽ پاڻيءَ کي سجدو ناهي ڪبو.

سنڌ جي سيني درويشن اهائي تند تنواري آهي تہ:

جوڙي قلب بيت ربي انسان ۾ سمايو
ڏسي ذات کي صفت ۾ ملڪن بہ سر نوايو

سيني صوفين ساڳيوئي سبق ڏنو آهي.

اهين مثلي وچ بي مثلي هي، وهواه عجائب اصلي هي
خوش خير محمد ڪون تسلي هي، آدم بن الله آيا.

سچل، ائين چيو تہ:

صورت جو سلطان، پاڻ ڏسي ٿو پنهنجو تماشو
پٺائي صاحب بہ سينڌ ۾ مارئي ڳائي چيو تہ:
اسين ڳوليون جنهن کي سي پڻ اسيئي
ناٿي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو

بيدل سائين، بہ اها ڳالهہ ڪئي تہ:

ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ سماياسي
صفت ۾ پنهنجي رائي سان سوبن نالا سڏاياسي

جيستائين اسين آدم کي الله جو مظهر نہ مڃينداسين تيستائين انسان

جي عزت بحال نہ ٿيندي اسان ماڻهن کي بندو گندو آهي نہ. پر الله آدمي بن آيا جي سمجهاڻي نہ ڏني تہ مختلف نالن ۽ نعرن تي اسان جو رت پاڻيءَ وانگر ضرور وهندو اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڪلهہ اسان جا (هندو توڙي مسلمان) جا مقدس مقامات محفوظ نہ آهن. هڪ صوفيءَ جو ويساهہ ڪامل هجڻ گهرجي تہ:

آدم کی کسی روپ میں تحقیر نہ کرنا
پھرتا ہے زمانے میں خدا بھیس بدل کر

حق موجود

فارسي شاعري جو مطالعو ۽ فقير قادر بخش بيدل

محمد پنهل ڏهر

سنڌ ۾ فارسي شاعري جي ابتدا ڪڏهن کان ٿي، تنهن جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ: "انين صدي هجري ۾ سلطان فيروز شاهہ تغلق جي فتوحات ۽ سنڌ ۾ سما گهراڻي جي حڪمراني سان فارسي زبان جي مطالعي جو دور شروع ٿيو. يارهين ۽ ٻارهين صدي ۾، عهد اڪبري کان وٺي مغليہ دور ۾، سنڌ ۾ فارسي ذريعي مڪتبي تعليم، انشا پردازي ۽ شاعري جا معيار وڌيا. مرڪزي شهر ٺٽو علم ادب جو وڏو مرڪز بنجي ويو ۽ پڻ سڄي سنڌ ۾ مڪتبي تعليم جي ترقي سان فارسي زبان جا شاعر مؤرخ ۽ انشا پرداز پيدا ٿيا."[1]

سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي جي جائزي وٺڻ لاءِ اسان هيٺ چند اهڙن ماخذن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، جن ۾ هند ۽ پاڪ جي ٻين علائقن سان گڏ سنڌ جي شاعرن جي فارسي شاعري ۽ نثري ادب جو پڻ جائزو ورتو ويو آهي، جنهن ۾ "فقير قادر بخش بيدل" جي سوانح ۽ سندس فارسي ڪلام جو تذڪرو پڻ شامل آهي.

1 ـ مقالات الشعراءَ:

سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي لاءِ سڀ کان پهريائين ڪلهوڙا دور ۾ سنہ 1174هہ ۾ شهر ٺٽي جي نامور اديب، شاعر ۽ مؤرخ سيد مير غلام علي شير قانع "مقالات الشعراءَ" جي نالي سان، سنڌ ۾ فارسي شاعرن جو هڪ تفصيلي تذڪرو تصنيف ڪيو جنهن ۾ ست سؤ اٺويهن شاعرن جي ڪلام مان مختصر انتخاب ۽ سوانح ڏنائين.(2) هن تذڪري ۾ سنڌ جي فارسي گو شاعرن سان گڏ ڪجهہ اهڙن فارسي گو شاعرن جو احوال ۽ نمونہ

ڪلام بہ ڏنو ويو آهي، جيڪي ٻين ملڪن مان، خاص طور تي افغانستان ۽ ايران مان سنڌ ۾ آيا.

جيئن تہ سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي لاءِ هي هڪ آڳاٽو لکيل تذڪرو آهي. جيڪو ڪلهوڙا دور ۾ لکيو ويو هو. تنهنڪري هن ۾ بيدل سائين جو ذڪر موجود نہ آهي. هتي هن تذڪري جو ذڪر صرف انهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي تہ جيئن سامعين، سنڌ ۾ فارسي شاعري جي ابتدائي مطالعي کان واقف ٿي سگهن. هِن تذڪري کي سنڌ جي مشهور مؤرخ ۽ عالم سيد حسام الدين راشدي ايڊٽ ڪيو. اِهو تذڪرو پهريون ڀيرو 1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي پاران ڇپايو ويو.

2_ تڪملة مقالات الشعراءَ:

سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي لاءِ مقالات الشعراءَ کان پوءِ، چوڏهين صدي هجري ۾ ٺٽي شهر جي اديب ۽ شاعر محمد ابراهيم خليل کي اِها توفيق ٿي جو مير قانع کانپوءِ وارن فارسي شاعرن جو تذڪرو لکيائين، جيڪو گويا قانع جي مقالات الشعراءَ جي تڪميل هو . . . . . . هِن ۾ ٻياسي شاعرن جو ذڪر شامل آهي. خليل هن تذڪري ۾ شاعرن جي انتخاب لاءِ قانع جي نقش قدم تي هليو. يعني تہ جيڪي شاعر ٻاهران سنڌ ۾ آيا، تن جو بہ ذڪر ڪيائين. سندس چوڻ مطابق ”بعينہ طرز راه آن يگانہ روءِ“ يعني اِهل سند وهر اهل ولايت کہ از سند در گذرد درج نمايد.(3) هن تذڪري ۾ بہ بيدل سائين جو ذڪر نہ آندو ويو آهي. هتي اسان هِن تذڪري جو احوال بہ صرف انهيءَ لاءِ شامل ڪيو آهي تہ جيئن اهل علم، سنڌ ۾ فارسي شاعري جي سموري مطالعي مان واقف ٿين.

هي تذڪرو پهريائين مصنف پاڻ سنہ 1305هہ ۾ ”مرغوب نوا“ ۽ ”تڪملة مقالات دلدبا“ جي تاريخي نالن سان شايع ڪرايو. (4) بعد ۾ هن تذڪري کي بہ پير حسام الدين راشدي ايڊٽ ڪيو ۽ حاشين ۽ واڌارن سان سينگاريو. اِهو ايڊٽ ڪيل تذڪرو ٻيو ڀيرو ”تڪملة مقالات الشعراءَ“ جي نالي سان سنہ 1958ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي پاران ڇپيو.

3_ تذڪره لطفي:

سنڌي ۾ لکيل هي مشهور تذڪرو صرف سنڌ جي سموري شاعري، يعني

فاسي، سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو شاعري جي مطالعي تي لکيو ويو آهي. ليڪن اُن جي باوجود زياده حصو سنڌي شاعري کي ڏنو ويو آهي. هن تذڪري جي خوبي اها آهي تہ هِن ۾ سموري شاعري جو مطالعو دور وار پيش ڪيو ويو آهي ۽ هر دؤر جي شاعري جي مطالعي کان اڳ ۾ اُن دور جي سياسي تاريخ تي بہ ڀرپور نموني سان روشني وڌي وبئي آهي ۽ اُن کان پوءِ هر هڪ دؤر جي شاعرن جي شاعري سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ فارسي تي تبصرو ڪيو ويو آهي. ٻين زبانن خاص طور سرائيڪي، اردو ۽ فارسي جي ڀيٽ ۾ سنڌي شاعري تي ڀرپور بحث ڪيو ويو آهي ۽ اُن جي ڀيٽ ۾ ٻي شاعري (سرائيڪي، اردو ۽ فارسي) تي مختصر بحث ٿيل آهي. هر هڪ شاعر جي شاعري جي مطالعي کان اڳ ۾ اُن جي سوانح تي سٺي نموني روشني وڌي وبئي آهي.

هونئن تہ هِن تذڪري کي سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي جي فهرست ۾ شامل نٿو ڪري سگهجي، ليڪن جيئن تہ هِن ۾ سنڌ جي شاعرن جي فارسي شاعري تي بہ دؤر وار مختصر روشني وڌي وبئي آهي، تنهنڪري اِنهيءَ تذڪري کي سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي واري فهرست ۾ ڇڏي بہ نٿو سگهجي. اِنهيءَ لاءِ اسان بہ هِن تذڪري کي پنهنجي هن مقالي ۾ شامل ڪيو آهي.

هِن تذڪري جو لکندڙ لطف الله بدوي آهي، جنهن هِن تذڪري کي ٽن جلدن ۾ لکيو آهي ۽ چوٿين جلد لکڻ جو بہ ڪيس ارادو هو. پوءِ خبر نہ آهي تہ مصنف بعد ۾ اِهو چوٿون جلد تيار ڪيو الائي نہ. اِنهيءَ لاءِ مصنف لکيو آهي تہ "ٽيون جلد تيار ٿي ويو ڪتاب جي وڏي وڃڻ سبب باقي بزرگن جو احوال جيڪڏهن حياتي مستعار باقي رهي تہ چوٿين جلد ۾ ڏيندس." (5)

هِن تذڪري جي ٽئين جلد ۾، صفحي 201 کان 231 تي فقير قادر بخش بيدل جو تفصيلي احوال موجود آهي. صفحي 201 کان 230 تي هِن جي زندگي جو تفصيلي احوال ڏنو ويو آهي. صفحي 230 کان 231 تي هِن جي شاعري تي مختصر ترين روشني وڌي وبئي آهي. صفحي 232 تي سندس عربي ڪلام مان انتخاب ڏنو ويو آهي.صفحي 233 کان 235 تي فارسي ڪلام مان انتخاب پيش ڪيو ويو آهي. صفحي 235 کان 236 تي سندس جي اردو ڪلام جو انتخاب ڏنو ويو آهي ۽ صفحي 236 کان 248 تي سندس سنڌي ڪلام جو انتخاب پيش ڪيو ويو آهي.

هِن ڪتاب جو پهريون جلد شايد پهريون دفعو 1943ع ۾ ڇپيو (؟) (6) ٻيو دفعو 1954ع ۾ (؟) ۽ ٽيون ڀيرو 1963ع ۾، آر. ايڇ احمد اينڊ برادرز حيدرآباد پاران شائع ٿيو. تذڪره مذڪوره جو ٻيون جلد، پهريون دفعو شايد 1946ع ڌاري ڇپيو. (7) ۽ ٻيو ڀيرو 1955ع ۾ شايع ٿيو (؟) ۽ ٽيون ڀيرو 68_1967ع ۾ آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرز حيدرآباد طرفان ڇپايو ويو. هِن تذڪري جو ٽيون جلد پهريون ڀيرو 53_1952ع ۾ آر ايڇ احمد اينڊ برادرز حيدرآباد وارن ڇپايو.

4_ پارسي گويان هندو سنده:

هِن فارسي تذڪري جو مصنف ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي آهي. هِن تذڪري ۾ مصنف هند ۽ پاڪ (سنڌ سميت) جي مشهور فارسي گو شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ شاعرن جي زندگي جي مختصر احوال سان گڏ انهن جي فارسي ڪلام جو نمونو بہ شامل ڪيو آهي. مصنف ڪتاب ۾ شاعرن جو دؤر وار ذڪر ڪيو آهي. هر دؤر ۾ پهريائين هند ۽پاڪ (سنڌ کانسواءِ) جي فارسي شاعرن جو احوال ۽ ڪلام ڏنو اٿس ۽ اُن بعد اُن دؤر جي سنڌ جي فارسي شاعرن جو ذڪر ڪيو اٿس.

مصنف، ڪتاب جي صفحي 267 تي فقير بيدل جو مختصر احوال ۽ صفحي 268 تي سندس فارسي ڪلام جو مختصر انتخاب ڏنو آهي. هي ڪتاب انتشارات بنياد فرهنگ طرفان ايران (؟) مان آڳاٽو (؟) ڇپيو آهي.

:Persian Poets of Sindh _5

سنڌ جي فارسي شاعرن جو هي انگريزي تذڪرو بہ ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي جو لکيل آهي. دراصل هي تذڪرو مٿئين تذڪري، يعني "پارسي گويان هندو سند" جو منقسم حصو آهي. جنهن ۾ هن مذڪوره تذڪري مان صرف سنڌ جي فارسيءَ شاعرن جي چونڊ ڪري هي انگريزي ۾ تذڪرو تيار ڪيو آهي. هن ۾ شاعرن جو احوال دؤر وار ڏنو ويو آهي. هر شاعر جي احوال ۾ سندس زندگي جو مختصر احوال لکيو ويو آهي ۽ اُن بعد سندس فارسي ڪلام جو انتخاب (فارسي ۾ ئي) پيش ڪيو ويو آهي ۽ سندس فارسي ڪلام تي پنهنجي طرفان تبصرو پڻ انگريزي ۾ ڏنو اٿس.

هِن ۾ بيدل فقير جو احوال صفحي 243 کان 246 تي آيل آهي. جنهن ۾

هِن جي مختصر سوانح عمري ۽ سندس ادبي خدمتن جو ذڪر ڏنو ويو آهي. اُن بعد صفحي 246 کان 251 تي سندس فارسي ڪلام مان انتخاب ۽ اُن تي انگريزي ۾ تبصرو ڏنل آهي.

هيءَ ڪتاب پهريون دفعو 1956ع ۾ ٻيو ڀيرو 1987ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران ڇپيو آهي.

6ـ تڪملة التڪملة (سنڌ ۾ فارسي شاعري جو آخري دور):

هِن وقت تائين سنڌ ۾ فارسي شاعري جي مطالعي تي آخري ڪتاب "تڪملة التڪملة" (سنڌ ۾ فارسي شاعري جو آخري دور) جي نالي سان، جڳ مشهور عالم ۽ محقق جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، تازو تيار ڪيو آهي ۽ ڇپايو آهي. هن ڪتاب جي تياري ۽ مواد جي باري ۾ جناب بلوچ صاحب لکي ٿو ته "هن ڪتاب جي نالي تڪملة تڪملة مان ظاهر آهي ته هي تذڪرو ماضي ۾ لکيل ٻن تذڪرن يعني قانع جي مقالات الشعراءَ ۽ خليل جي تڪملة مقالات الشعراءَ جي سلسلي جي ڪڙي آهي. البت انهن جي معيار تائين پهچڻ محال آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ هند ۾ فارسي شاعري جي عروج وارو زمانو گذري ويو. هن دؤر ۾ اهو به غنيمت آهي جو اڳين شاعرن جي باقي ڪلام کي محفوظ ڪري سگهجي. البت تڪملة جي تڪميل جي ڪوشش ڪندي به تتمه لاءِ گنجائش باقي رهندي.

...... ڪتاب ۾ شامل مواد تي غور ڪبو ته هي ڪتاب سنڌ ۾ فارسي شاعري ۽ علم ادب جي آخري دور جي تاريخ آهي ...... مقدمي مان واضح ٿيندو ته محمد ابراهيم خليل پنهنجي پيشرو غلام علي شير قانع جي نقش قدم تي هليو يعني ته سنڌ ۾ مقيم شاعرن کانسواءِ، سنڌ ۾ ايندڙ شاعرن کي به پنهنجي تذڪري ۾ آندائين. هن تڪملة التڪملة ۾ به اُن اصول کي سامهون رکيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان پهرئين عنوان ٻارهين صدي هجري تائين، هيٺ انهن شاعرن جو ذڪر به آندو ويو آهي، جيڪي سنڌ ۾ آيا يا جن سنڌ جي حوالي سان شعر چيا.

...... خليل گهٽو ڪري سنڌ جي شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي، پر سنڌ ۾ ڪِن آيلن کي به شامل ڪيو آهي. باوجود ان جي، سنڌ جا ڪي قادر الڪلام شاعر سندس تڪملة مقالات دلدبا ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويا آهن ...... هي ڪتاب تڪملة التڪملة، ڪنهن حد تائين خليل جي تڪملة

جي تڪميل آهي ۽ پڻ آئنده تحقيق ذريعي تتمه جي تياري لاءِ ترغيب آهي. منهنجي آڏو هِن تصنيف جو خاص مقصد اِهو رهيو آهي تہ سنڌ ۾ فارسي داني ۽ خاص طرح فارسي شاعري جي باقيات صالحات ڪي جيترو تي سگهي، محفوظ ڪيو وڃي، پر سنڌ ۾ فارسي شاعري جي ذخيري مان حسن انتخاب وارو دور ختم ٿي ويو. جڏهن مواد ئي محفوظ نہ رهيو تہ انتخاب ڪيئن ٿيندو. هِن وقت جڏهن سنڌ ۾ فارسي ذريعي تعليم ۽ تربيت واري دور جي خاتمي کي بہ ڏيڍ صدي گذري چڪي آهي،تڏهن سنڌ ۾ فارسي شعر جي بچيل ذخيري مان جيڪا بہ صنف دستياب ٿئي سا غنيمت آهي." (8)

هِن ڪتاب جي صفحي 188 کان 190 تي فقير قادر بخش بيدل جي سوانح ۽ سندس ادبي ڪارنامن تي مختصر روشني وڌي ويئي آهي ۽ صفحي 190_191 تي سندس فارسي ڪلام جو ٿورو انتخاب شامل ڪيو ويو آهي.

اهڙي طرح اِنهيءَ ڪتاب جي صفحي 209 تي بيدل سائين جي فرزند محمد محسن بيڪس جو مختصر احوال ۽ سندس فارسي ڪلام مان چند سٽون ڏنيون ويون آهن.

هي ڪتاب (سنڌي مقدمي سان) پهريون ڀيرو سال 2007ع ۾، آرٽس فيڪلٽي، علامہ آءِ آءِ قاضي ڪئمپس، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پاران ڇپايو ويو آهي. اهڙي طرح هي ڪتاب اردو مقدمي سان بہ "سنڌ ۾ فارسي شاعري ڪا آخري دؤر (تڪملة التڪملة)" جي نالي سان پهريون ڀيرو 2007ع ۾ ئي، مقتدره قومي زبان پاڪستان اسلام آباد طرفان شايع ٿيو آهي. اِنهيءَ اردو مقدمي واري ڪتاب مذڪوره ۾ بہ ساڳئي مٿي ڄاڻايل صفحن تي فقير قادر بخش بيدل ۽ سندس فرزند محمد محسن بيڪس جو احوال ۽ سندس ڪلام فارسي جو انتخاب ڏنو ويو آهي.

7_ پاڪستان ۾ فارسي ادب:

پاڪستان ۾ فارسي ادب، نثر و نظم، ٻنهي جي ګڏيل مطالعي تي هي اردو ڪتاب، هِن وقت تائين ڇهن جلدن ۾ ڇپجي چڪو آهي. اِن ڪتاب جو لکندڙ ڊاڪٽر ظهور الدين احمد آهي. ليڪ پنهنجي هِن ڪتاب جي هر هڪ جلد ۾ پاڪستان جي هر هڪ صوبي جي فارسي ادب (نثر و نظم)

جو تعارف جدا جدا ”مرڪز ادب“ جي عنوان سان ڏنو آهي. مثلاً صوبي سنڌ جي فارسي اديبن ۽ شاعرن جو تعارف، سنڌن فارسي تصانيف جي تعارف سميت ”مرڪز ادب سنڌ“ جي عنوان هيٺ پيش ڪيو آهي.

هِن ڪتاب جي ٻئين جلد جي صفحي 406 کان 410 تي بيدل سائين جي احوال ۽ ادبي خدمتن سان گڏ سندس فارسي ڪلام مان مختصر انتخاب بہ ڏنو ويو آهي.

هِن ڪتاب جو پهريون جلد، پهريون دفعو سال (؟) يونيورسٽي بڪ ايجنسي لاهور پاران ڇپيو هو. هِن پهرئين جلد جو فارسي ترجمو بہ پهريون ڀيرو سال 1385هہ شمسي ۾ تهران (ايران) مان ڇپيو آهي. اِهو ترجمو شاهد چوڌري ڪيو آهي. (9) ٻئي جلد جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾ مجلس ترقي ادب لاهور وارن ڇپايو هو. ٽئين جلد جو پهريون ڇاپو 1977ع ۾ اداره تحقيقات پاڪستان دانشگاهہ پنجاب لاهور پاران ڇپيو. هِن ڪتاب چوٿون جلد بہ پهريون دفعو 1985ع ۾ اداره تحقيقات پاڪستان دانشگاهہ پنجاب لاهور مان ڇپيو هو. هن جلد ۾ سنڌ جي فارسي ادب جو ذڪر شامل نہ آهي. ڪتاب مذڪوره جو پنجون جلد بہ ساڳئي اداري پاران پهريون ڀيرو 1990ع ۾ ڇپيو آهي. اهڙي طرح هن ڪتاب جو ڇهون جلد، پهريون دفعو 2005ع ۾ مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد طرفان شايع ٿيو آهي.

8- تاريخ ادبيات مسلمانانِ پاڪستان و هند:

پنجاب يونيورسٽي لاهور پاران، پاڪستان (موجوده بنگلاديش سميت) ۽ هند (ڀارت) جي ادب (نثر ۽ نظم) متعلق هي ضخيم ڪتاب سورهن جلدن ۾ ڇپايو ويو آهي. انهن سورهن جلدن مان صرف جلد ٽيون، چوٿون ۽ پنجون يعني ٽي جلد، پاڪستان (موجوده بنگلاديش سميت) ۽ هندستان جي فارسي ادب (نثر ۽ نظم) متعلق آهن. انهن ٽن جلدن ۾ هندستان ۽ پاڪستان (موجوده بنگلاديش سميت) جي فارسي دان اديبن ۽ شاعرن۽ سندس فارسي تصانيف جو مختصر تعارف شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صرف چند فارسي جي اديبن ۽ شاعرن جو احوال موجود اهي. ليڪن افسوس جو انهن ۾ فقير قادر بخش بيدل جو احوال بلڪل شامل نہ آهي. هِن ڪتاب جو هتي ذڪر اِنهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي، جو هي ڪتاب

پاڪستان جي سنڌ سميت سمورن علائقن جي فارسي ادب (نثر و نظم) متعلق لکيو ويو آهي. ليڪن خبر نہ آهي تہ هن ڪتاب ۾ سنڌ جي هن مشهور فارسي شاعر ۽ اديب فقير قادر بخش بيدل جو احوال ڇو نہ ڏنو ويو آهي.

هِن ڪتاب جو جلد ٽيون پهريون دفعو 1971ع ۾، جلد چوٿون پهريون ڀيرو 1971ع ۾ ڇپيو ۽ جلد پنجون پهريون دفعو سال 1972ع ۾ ڇپيو. هِن ڪتاب جي جلد ٽئين جو فارسي ترجمو بہ "تاريخ ادبيات فارسي در شبه قاره هند" جي نالي سان تهران (ايران) مان پهريون دفعو سال 1380هہ شمسي ۾ ڇپيو آهي. اِهو ترجمو مريم ناطق شريف جو ٺيل آهي. (10)

9۔ دانشنامہء ادب فارسي:

حڪومت اسلامي جمهوريہ ايران جي سرپرستي ۾ هي ڪتاب تازو هِن وقت تائين ستن جلدن ۾، اداره سازمان چاپ و انتشارات وزارت فرهنگ و ارشاد اسلامي تهران وارن ڇپايو آهي. هي ڪتاب فارسي اديبن، شاعرن ۽ فارسي ادب جي باري ۾ هڪ قسم جو انسائيڪلوپيڊيا آهي. فارسي ادب جي هن ضخيم ڪتاب جو ايڊيٽر حسن انوشه صاحب آهي.

هِن ڪتاب ۾ دنيا جي تقريباً انهن سڀني ملڪن جي اديبن ۽ شاعرن ۽ انهن جي فارسي ادب ۾ خدمتن جو ذڪر ڪيو ويو اهي، جتي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سان فارسي زبان يا فارسي ادب موجود هويا آهي.

هِن ڪتاب جي جلد چوٿين ۾ هند، پاڪستان ۽ بنگلاديش جي فارسي اديبن، شاعرن ۽ فارسي ادب جو احوال ڏنو ويو آهي. ڪتاب مذڪوره جي هِن چوٿين جلد جا ٽي حصا آهن. هر هڪ حصو بخش جي عنوان سان هڪ ضخيم ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو.

هِن ڪتاب جي مذڪوره جلد جي ٽنهي ڀاڱن مان ڪنهن بہ حصي ۾ حضرت فقير قادر بخش بيدل جي فارسي شاعري ۽ تصانيف جو ذڪر شامل نہ آهي.

حوالا

1. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، تڪملة التڪملة (سنڌي ۾ فارسي شاعري جو آخري دور) ڇاپو پهريون 2007ع، آرٽس فيڪلٽي سنڌ يونيورسٽي

جامشورو صفحو 1، مقدمو.

= ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌ ۾ فارسي شاعري ڪا آخري دور (تڪملة التڪملة) طبع اول 2007ع. مقتدره قومي زبان پاڪستان اسلام آباد، صفحو 1، مقدمہ.

2. تڪملة التڪملة (سنڌ ۾ فاسي شاعري جو آخري دور) صفحو1، مقدمو.

= سنڌ ۾ فارسي شاعري ڪا آخري دور (تڪملة التڪملة) صفحو1، مقدمہ.

3. تڪملة التڪملة (سنڌ ۾ فارسي شاعري جو آخري دور) صفحو 2 ۽ 3 مقدمو.

= سنڌ ۾ فارسي شاعري ڪا آخري دور (تڪملة التڪملة) صفحو 02 مقدمہ.

4. تڪملة التڪملة (سنڌ ۾ فارسي شاعري جو آخري دور) صفحو 02 مقدمو.

= سنڌ ۾ فارسي شاعري ڪا آخري دور (تڪملة التڪملة) صفحو 02 مقدمہ.

5. لطف الله بدوي، تذڪره لطفي جلد ٽيون، ڇاپو پهريون 53_1952ع، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرز حيدرآباد، صفحو ب، عرض مصنف.

6. لطف الله بدوي، تذڪره لطفي جلد پهريون، ڇاپو ٽيون 1963ع، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرز حيدرآباد، صفحو هہ، مقدمو اشاعت ٻي.

7. لطف الله بدوي، تذڪره لطفي جلد ٻيون، ڇاپو ٽيون 68_1967ع، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرز حيدرآباد، صفحو هہ، تمهيد طبع ثاني.

8. تڪملة التڪملة (سنڌ ۾ فارسي شاعري جو آخري دور) صفحو الف_ب (معذرت مصنف) ۽ صفحو 03 مقدمو.

= سنڌ ۾ فارسي شاعري ڪا آخري دور (تڪملة التڪملة) صفحو الف_ب (معذرت مصنف) ۽ صفحو 03 مقدمہ.

9. هي معلومات جناب ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب فراهم ڪئي.

10. هي معلومات جناب ڊاڪٽر غلام محمد لاکي صاحب فراهم ڪئي.

بيدل جو رانجهو

سرور سيف

حضرت فقير قادر بخش بيدل سنڌ جو يگانو شاعر ۽ نثر نگار آهي جنهن سنڌي، فارسي، سرائيڪي، اردو ۽ عربي ۾ نہ صرف فصيح ۽ بليغ ڪلام چيو پر نثر ۾ بہ تصوف جي مختلف موضوعن تي ڪيئي ڪتاب رقم ڪيا. ۽ علم اجتهاد ۽ فقہ تي قلم ڪنيو محترم اختر درگاهي جي معلومات ۽ تحقيق جي مطابق نظم خواه نثر تي بيدل سائين جا اٽڪل ٽيهہ ڪتاب آهن. ۽ سنڌي ۾ وحدت الوجود جي فلسفي جي هن عظيم مبلغ نہ صرف هن فلسفي جي اپٽار ڪئي پر باقائده بحث مباحثا ڪيا مناظرا ڪيا. حضرت عشق کي عقلي دليلن سان پيش ڪري وقت جي اڪابرن، عالمن ۽ فقيهن کي قائل ڪيو ۽ پنهنجي علمي فضيلت جي ڌاڪ ويهاري.

حضرت بيدل رحہ پنهنجي پيش رو سنڌي شاعرن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرمست سميت ڪيترن ئي سنڌي شاعرن جو اثر ورتو ۽ کيس شاهہ سائين ۽ سچل سرمست سان بي حد عقيدت هئي، جيڪا عقيدت سندس ڪلام ۾ بہ پڌري آهي، مثال طور لطيف سائين جي پيغام ۽ ڪلام لاءِ چئي ٿو.

سڻايائون سنگ کي،لطيف ڪي لات
سٽي سي پاسي ٿيا، پاڻ ڪنان پريات
مرڪيو مقالات، پورا ڪن پورب ڏي

۽ سچل جي لاءِ تہ سندس اها ڪافي ئي ڪافي آهي، جيڪا حضرت سچل سرمست جي وصال جي موقعي تي چئي هئائون.

قرب دارن جي ڪنڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تنهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو
حق اناالحق تي چيو پر منجهہ نظر منصور هو
منجهہ شريعت شرڪ چون، منجهہ معرفت منظور هو.

اهڙيءَ طرح اردو فارسي، عربي ۽ سرائيڪي شاعريءَ ۾ سچل سائينءَ سان گڏ رومي کان جامي، عطار کان سعدي، امير خسرو کان خواجہ حسن بصريءَ جي ڪلام جي حسن جا لقاء بہ پسيا.

سنڌ جي لاکيڻي لطيف جي شاعريءَ ۾ اسان کي سنڌ جي مٽيءَ مان جنميل لوڪ داستان پسڻ ۾ ايندا. جن ۾ عمر مارئي، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، سهڻي ميهار، ليلا چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ، مومل راڻو سان گڏ موکي ۽ متارن جو داستان بہ آهي، ۽ تقريبن سڀني مستند رسالن ۾ اهي ئي داستان آيل آهن، سواءِ ڪنهن هڪ اڌ نسخي جي جنهن ۾ باگوجي نسخو بہ شامل آهي، جنهن ۾ ”هير رانجهي“ جو سُر بہ شامل آهي. جنهن ۾ ٽي داستان آهن، جڏهن تہ سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ هير رانجهي جي حوالي سان سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ ڪافي ڪلام چيل آهي، پر اسان بيدل سائين جي ڪلام جي مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي سسئي، مومل، مارئي، نوري، سهڻي سان گڏ سرزمين عرب جي نيم تاريخي عشقيہ داستان ليلا مجنون، سرزمين فارس جي مشهور ڪلاسيڪل داستان شيرين فرهاد ۽ وارث شاهہ جي پنجاب جي هير رانجهي جي ذڪر اوس ئي ملندو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هير رانجهي جي قصي کي پنجاب جي عظيم شاعر وارث شاهہ پنهنجي ”هير“ ۾ بي انت امرتا بخشي ۽ ان جي تخليق ڪيل هير جي ڳولج پنجاب جي عام ماڻهو پنهنجي روح ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ رانجهي جي بنسريءَ جي ڪوڪ هر پنجابيءَ جي دل ۾ لٿل آهي، پر سائين قادر بخش بيدل جنهن انداز مان ۽ جيترو هير رانجهي کي ڳايو آهي، ان جو منفرد انداز آهي، وارث شاهہ وٽ رانجهي کان وڌيڪ هير مقدم آهي، جڏهن تہ بيدل وٽ رانجهو ڪڏهن عاشق آهي تہ ڪڏهن معشوق، ڪڏهن طالب آهي تہ ڪڏهن مطلوب. بيدل سائينءَ هير رانجهي تي باقائده هڪ مختصر فارسي مثنوي چئي جيڪا 89 بيتن تي مشمل آهي. جڏهن تہ سنڌي ۽ سرائيڪي ۾ جيترو سلطان العاشقين حضرت حسين بن منصور جي ذڪر

اذڪار آهي اوترو ئي رمزن وارو رانجهو سندس مشق سخن ۾ موضوع بحث آهي. رانجهو ۾ رنگ پور سندس شاعريءَ جا خاص استعارا آهن. جنهن سان بيدل سائين هر اوست جي باريڪين کي عيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

تخت هزاري شاهه سڏائين. وچ سيالين چاڪ
مار نغارا وحدت والا. بيدل ٿي بيباڪ

هيٺ بيدل سائين جي ڪلام مان ڪجهه ٽڪون ڏجن ٿيون. جن ۾ بيدل سائين رانجهي ۾ هير جي مختلف انداز ۾ رنگ ۾ ذڪر ڪيو آهي.

ڪافي روپ جهنگلو

تخت هزاري جو تون مالڪ. چاهئون چاڪ سڏائين
تون تہ چو ٿو لوڪ پلائين

ڪافي روپ جوڳ 94

تخت هزار ڇوڙ رنگپور دي وچ رانجهن آيا

ڪافي روپ جوڳ 95

رنگپور دي وچ بنا ڪر بيٺڪ. رانجهو رمزان لاوندا.

ڪافي روپ ڪامول

ويکو سيالين رمزين غمزين
رانجهو را روح ريجهايا
تخت هزارا ڇوڙ ڏتوسي
جهنگ سيال سيبايا

ڪافي روپ بلاولي

رمز رانجهو دي سَرَ سرواها. هير نماٽي دانيتا

ڪافي روپ مالڪوس

تخت هزاري دا صاحب ويکو
ڳليان وچ ڦريندا
هير سيالڻ نون. سامي سيلاني
نين اڙاڪي جو نيندا

بیدل رمز بازي ویک رانجهو دي
عشق دا کیل کلیندا.

کافي روپ جوگ

شاهنشاهہ سیالین دي وچ، شوقون چاک سڈایا
تخـــت هزاري والي نون ٿیا، سیر کرڻ دا رایا

کافي روپ جهنگلو

عشق دا مهٽا وچ سیالین
چمر اسان سر چایا چایا چایا
عشق لڳا سانون مایا مایا، مایا
صورت والڙي ویس مین رانجهن
پیچ ساڏي نال پایا پایا پایا

کافي روپ مالکوس

ماریا مینون، جوڳي کیها جا دو لایا، جوڳي ڏاڍا جادو لایا
مین نماٽي نون رانجهن ویکو جادو جوڙ بچایا

کافي روپ بروهہ

رانجهو دي رمز اٿان من موهیا، اٿان بنیا اسباب

کافي روپ ڏناسري

وچ سیالین چاک سڈاوي، صاحب تخت هزار
بشریت دا کر بهانا، آپ ٿیا اظهار

کافي روپ جوگ

هیر تون رمز رانجهن دي کیتا، ملکین ملک مشهور

کافي روپ سورٺ

رانجهو ساڏي ویڙهي یار، آئوندا پاؤندا رمزان لاؤندا.
قلب المؤمن جهوک رانجهن دي، ڦر ڦر پائندین ڦیري یار.

کافي روپ جوگ

عشق لڳا تدبیران چکیان، عقل دا ڳیا اختیار
شاهہ رانجهو کنون عشق چوڙایا، کیوین تخت هزار

ڪافي روپ ڪامول

بيدل نالي رک هر حالي، تينون هي قسم خدا دي
رانجها تون رمزان اڳيان يار.

ڪافي روپ پورب

جهنگ سيالين رانجهو آيا، عبديت را منصب پايا
اپني خواهش ڍولئي، سر دي چاتا بار

ڪافي روپ جوڳ

شاهه رانجهو ڪنون عشق ڇوڙايا، ڪيوين تخت هزار

ڪافي روپ جهنگلو

ڏک سک دي وچ رانجهو آها، رمز واليان دا رفيق

ڪافي روپ نٽ ڪلياڻ

چاڪ سڏا وندين وچ سيالين، شاهه شوري دا حال

ڪافي روپ جوڳ

رانجها تخت هزاري دا سائين، سئيان دي لج پال
- رنگ پور ساڏي روح نه ڀاٽي، وسان رانجهو دي نال
روز ازل ڪنون رانجهن آيا، ساڏا محرم حال
تخت هزاري دا شاهه سيلاني، چلندا چاڪان دي چال.
- آوس رانجها ساڏڙي ويڙهي، تانگهيان لڳيان مين نون
- تخت هزاري مين وسان، رانجهو نال مين وسان.

ڪافي روپ ڪامول

تخت هزارا ملڪ اسان ڏا، چاڪ سيال سڏائي هون

ڪافي روپ جوڳ

چاڪ سڏاوي وچ سيالين، تخت هزاري دا شاهه ڙي سنئيان
رانجهو دي رمز ازل وچ ڪيتا، سوگها اسان ڏا ساهه ڙي سنئيان.
- چاڪ نهين يار اسان ڏا، تخت هزاري دا سائين
جي ڪوئي آکي چاڪ رانجهونون، انهين نون گهول گهتائين.

ڪافي روپ جهنگلو

سُٽي مين وچ سيالين سنئيان
رانجهو دي حسن دي هاڪ اکيان اڙيسان

ڪافي روپ جوڳ

رانجهو والي رمز اسان ڏي، ساهہ سيباٽي سنئيان ۔۔۔ وي

ڪافي روپ بلاولي

رانجهو نال مين وسان، ڪيڙان پيڙان ڪنون ڳيان.
خاڪ مبارڪ در رانجهو دي، چاهہ ڪنون مين چيسان
مين رنگ پور تون ڪيتي بيزاري، بيدل ول نہ وسان.

ڪافي روپ جوڳ

رانجهو نال مين تخت هزاري وسان، هڻ چُتيان جهنگ سيال ڪنون
۔ رانجهو نال اسان ڏا روح رليا، چاتم سر خلق دي خواريان ۔۔۔ جي
آل مل رانجهو مين تان راتيان ڀهون، غم درد دي وچ گذاريان

ڪافي روپ گنوري

تخت هزاري دا رانجهن سائين، وچ سيالين نون چاڪ سڏاوين

ڪافي روپ بلاولي

رانجهــن سائين آء سيالين، دليان ڪريندِيان خريدان
رنگ پور دي وچ ظاهر هوبان، شوق ساڏي ديان شنيدان

ڪافي روپ بسنت

جهنگ نون چوڙ ڪي تخت هزارين، آهہ وجڻ تڪرار مين نون
عشق دي لڳڙي تار مين نون.

ڪافي روپ نٽ ڪلياڻ

ڪيڙي پيڙي نہ من پانوين، شاهہ رانجهو نال مين رَلنديان

ڪافي روپ جڳ

رنگپور دي وچ مين جي ڏنڙا، چوڙ شرف سلطاني
۔ ملڪ سيالين آيا، تخت هزارون دا سائين،
رمز رانجهو دي سانون، دُرس بتائين راهين.

- مين تون چاڪ نہ ڄاڻين، شاهہ هزارا مين هون.
- مين تہ نڪا رڙي آهيان، رانجهو تون بخش گناهان
هير نماڻي عيبن هاڻي، پلئہ تساڏي مين پيان
تخت هزاري دا شاهان

ڪافي روپ جهنگلو

خويش قبيلا ڇوڙ ڪرا هُڻ، پيش رانجهو دي پيان پيان پيان
وسان هزاري نال پياري، جهنگ ڪنون مين ڳيان ڳيان.

ڪافي روپ جوڳ

جوڳي تخت هزاراؤن آيا، مرلي اُهيندي شور مچايا
لئيان برهہ ديان ٻهيان.
شاهہ رانجهون دي الٽي چالي، چاڪ سڏاوي وچ سيالي

ڪافي روپ جوڳ

پار چناُهان رانجهو وسندا، ڪوڪان مين اور وار
رين انڌيري مين ٻيلي وسان

ڪافي روپ بلاولي

تخت هزارون رانجهن سائين، آيا وچ سيالين
يار سڄڻ دي ڳالهين، سانول ياد جو پئيان

ڪافي روپ ڌناسري

سجدا ڪيتا ساڏي ساهہ. رانجهي نون روز ازل وچ سنيئان

ڪافي روپ جڳ

هير نون ٻيا ڪجهہ خيال نہ ڪوئي، رانجهو دا راهہ پڇاوي

ڪافي

- تخت هزرون جوڳي آيا، اُنهين سانون ڏاڍا چيڻڪ لايا

ڪافي روپ بلاولي

وهہ تختون جهنگ پڄايا. شهہ رانجهن چاڪ سڏايا.
ها اصلي اينوين رايا، ٿيا ظاهر حسن هزاري.

ڪافي روپ جڳ

هير رانجهو نون بيدل، برهي ڪيهي چاٽي چڪائي ري.
- رانجهو دي رمز ساڏا من موهيا. وبسان مين تخت هزاري وي
رانجهو نال سوئي هڪ ٿيوي، جو ئي وجود وساري
- ول وَل رانجهو ،وچ سيالين، نال نماڻين ڪريسان،
آ ء اچانڪ اکيان اڙبندي.

ڪافي سر جوڳ

تخت هزارون عشق دي ڪيتي، جهنگ سيال پُچاوي
اپني ذات چپاڪي

ڪافي روپ بلاولي

تخت هزارؤن جوڳي آيا
انهين سانون ڏاڍا، چيٽڪ لايا

ڪافي روپ جوڳ

نين لڳي رانجهو نال سئيان، عشق پڳي سڀ اولي اولي.

اولهہ جو فلسفو، آسماني ڪتاب ۽ سائين قادر بخش "بيدل" رحہ

ضياءُ شاهہ

سائين قادر بخش "بيدل" رحہ اُپ کنڊ جي صوفي بزرگن شاهہَ سَچَلَ، بلهي شاهہَ باهو وارث شاهہَ ۽ ماڌو لال حسين وانگي اِڪائي، بي خودي، فنا ۾ بقا ۽ الستي عشق جي ڳالهہ ڪئي آهي.

سندس "وحدت نامہ" وارن بيتن ۾ تصوف سان تعلق رکندڙ بنيادي وِٿن جو اظهار ملي ٿو جنهن ۾ هستيءَ کي همہ اوست ۾ گم ڪرڻ، حسين بن منصور حلاج واري حالت، ايڪائيءَ ۾ ايڪُ ٿيڻ، حقيقت ۾ هڪ ٿيڻ، اثبات ۾ قرار ماڻڻ، سبحان سان رهاڻ، روحاني راحت، همہ اوست جي هوڪي، خوديءَ جي خطرن، نفيءَ کي نروار ڪرڻ، معنيٰ ۾ موليٰ ٿيڻ، سَراپا سبحان ٿي وڃڻ، ربوبيت جو راز پَروڙڻ، حق جي ڳولا ڪرڻ ۽ سچو صوفي ٿيڻ لاءِ ڀاڻ وڃائڻ جهڙا مضمون ملن ٿا.

حقيقت اها آهي تہ "وحدت نامہ" وارن بيتن ۾ سائين قادر بخش "بيدل" رحہ جي فڪر ۽ فلسفي جو نچوڙ سمايل آهي، بنهہ ائين جيئن درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪجي يا بوند ۾ سمنڊ کي سمائجي ۽ سندن ڪافين، مثنوي دلڪشا، ديوان سُلوڪ الطالبين ۽ ٻئي ڪلام ۾ وحدت نامہ ۾ موجود فڪر جي اپٽار ٿيل آهي.

هتي جيئن تہ مون کي سائين قادر بخش "بيدل" رحہ جي فڪر ۽ فلسفي جا اولهہ جي فلسفي ۽ آسماني ڪتابن ۾ اهڃاڻ ۽ ثبوت ڳولهڻا آهن، تنهنڪري قدرتي طور وحدت نامہ وارن بيتن جو ذڪر گهڻو ٿيندو.

يوناني فيلسوفن منجهان "عارفيوس" نالي فيلسوف جو تذڪرو سڀ کان اڳ ڪرٽو پوي ٿو. هن جيئن تہ ڄاڻي ٻجهي پاڻ کي گم نام رکيو تنهنڪري سندس شخصيت بابت گهڻي ڄاڻ نہ ٿي ملي، پر ايترو ضرور لکيو ويو آهي تہ هو هڪ باڪمال گويو ۽ صاحبِ حال صوفي فقيرهو. هو انساني جيون کي قيدخانو سڏيندو هو ۽ فنا ۾ بقا واري فلسفي جو قائل هو. فلسفي جي تواريخ ۾ سندس هڪ نظم ملي ٿو جنهن ۾ هن عالمِ عقبيٰ جي سير ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. عارفيوس جي فڪر کان مشهور يوناني فيلسوف "فيثاغورس" گهڻو متاثر ٿيو ۽ هن سندس فڪر جي پرچار ڪندي ڪي پنهنجا خيال بہ پيش ڪيا. سندس خيال موجب انساني روح جي تطهير جو واحد رستو مادي دنيا جي گند کان نجات حاصل ڪرڻ ۾ آهي. جيئن سائين قادر بخش بيدل فرمايو آهي تہ:

"سُر سهيون ڪيوسِرَ جو سازُ پڇي سامين."

ڄاڻايل خيال تہ يوناني فلسفي جي ان مڪتب سان سلهاڙيل فيلسوفن جا آهن، جيڪو روح جي اوليت جي بنياد تي بيٺل آهي، پر جيڪي فيلسوف مادي کي مقدم سمجهن ٿا، سي بہ مادي دنيا جي سيني جاندار يا بيجان شين جي بنياد اٽي (ATOM) جي اڪائيءَ تي وجي ٻيهن ٿا. ان کانسواءِ زنده شين جو بنياد جيو گهرڙو "ANIMAL CELL" آهي،تنهن حقيقت جي بنياد تي علم حيوانات ۽ علم نباتات جا ضخيم ڪتاب لکيا ويا آهن. پر اَٽي ۾ جيڪو مانداڻ آهي يا جيو گهرڙو جنهن بنياد تي زندهہ آهي، تنهن راز کي ڪير سمجهي؟ تنهن ڪري ئي سائين قادر بخش "بيدل" رحہ فرمايو تہ:

"شهودن شعاع، عَرش مَٿارون اُپريو."

يوناني فيلسوف "پارمي نائيڊيس" چيو هو تہ هواسن جي دنيا اصل ۾ فريب آهي، جنهن خيال جي بنياد تي افلاطون پنهنجو مثاليت وارو فلسفو گهڙيو. افلاطون ازلي مثلن تي يقين رکي ٿو جنهن کي هو "هيئت" پڻ سڏي ٿو. سندس فلسفي موجب مادونيا اصل ۾ انهن مثلن جو پاڇو آهي، جيڪي ازل لاڪون موجود آهن ۽ ابد تائين موجود رهنديون. سندس خيال آهي تہ مادو اصل ۾ خام مواد آهي، جنهن تي مثلن جي ڇاپ لڳل آهي. پر سائين قادر بخش "بيدل" رحہ دنيا جي هر هڪ شيءَ کي پرينءَ جو پاڇو سڏي ٿو. جيئن فرمائين ٿا:

"نالي آهن آدمي، نہ تہ سرا پا سبحان"

يا

"ڪوڙين ڀتين اُنَ جو عالَمَ تي انعام"

حضرت موسيٰ عہ تي نازل ٿيل ڪتاب "توريت" جي باب "پيدائش" ۾ چيل آهي: "جڏهن خاوند خدا زمين ۽ آسمان کي ناهيو تڏهن زمين تي ڪوبہ ٻوٽو ڪونہ هو ۽ ڪوبہ ٻج ڪونہ ڦٽيو هوڇو تہ اجا تائين زمين تي مينهن ڪونہ وسايو هئائين ۽ نہ وري ڪو انسان ئي هو جيڪو زمين تي پوک ڪري"

سائين قادربخش "بيدل" رحہ ڪائنات جي ابتدا ۽ ان جي بنيادي مقصد کي "ڳُجهہ" سڏي ٿو:

سٽايائون سنَگَ کي، ڳالهيون سنديون ڳُجَهہ،
لاهوتين کي ڪا هُئي، لَنءَ لنءَ اندر لُجَهہ،
جنهن جي سُجَهہ نہ ٻُجَهہ، تاتي ڪَيائون تَڪِيا.

يَشوع نبيءَ واري ڪتاب ۾ حضرت موسيٰ عہ جو پوئلڳ يشوع حضرت موسيٰ عہ جي قوم کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

"پاڻ کي پاڪ ڪرايو ڇا لاءِ جو سڀاڻي خدا وند اوهان منجهہ ڪي عجائب ظاهر ڪندو."

سائين قادر بخش بيدل رحہ فرمائي ٿو:

مَلَڪُ نُڪو مَلڪُوتُ هو هو هوڪو حقيقت جو
هَا هُو تَئون هَلي ڪري، جاءِ ڪيم جَبروتُ،
نازُلَ ۾ ناسُوتُ، اچي ٿِيس اوچتو.

ائين انسان جڏهن مَنَ جو مير ڌوئي صاف ڪري ٿو تڏهن انسان ۾ عجائب ظاهر ٿين ٿا ۽ کين منزلون ملن ٿيون.

الله تعاليٰ جي آخري ڪتاب قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي:

"وفي انفسڪم افلا تبصرون"

"۽ مان توهان جي وجود ۾ وينو آهيان، ڇا توهان نٿا ڏسو؟"

سائين قادر بخش بيدل رحہ فرمائي ٿو:

"ڳولا ڪرين جنهن جي، سا ڳيو تون مطلوب،
خوبن کون آن خوب، جي تون پسين پاڻ کي."

حضرت قادر بخش بيدل رحہ جا همعصر مشائخ

پروفيسر عبدالقادر چاچڙ

حضرت بيدل سائين جي پيدائش 1230ھ مطابق 1814ع ۾ ٿي ۽ سندس وفات جو سال 1289ھ مطابق 1872ع آهي.

هن مقالي ۾ حضرت قادر بخش بيدل رحہ جي وقت جا طريقت وارا بزرگ ۽ طريقت جي سلسلن جي بزرگن کي شامل ڪيو ويو آهي. هونئن ته حضرت بيدل سائين جا بيشمار همعصر مشائخ ۽ طريقت جي سلسلن وارا بزرگ آهن، پر هتي ڪجهہ چيده چيده بزرگ هستيون ذڪر ڪجن ٿيون.

پير سيد صبغت الله شاهہ راشدي پاڳارو (اول)

پير سيد صبغت الله شاهہ پنهنجي والد ماجد ۽ عرفان جا واهہ وهائيندڙ عالم ۽ سالڪ سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحہ جو پڳدار پٽ هو. جيڪو 5 رمضان المبارڪ 1246ھ ۾ فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

جنهن وقت پير صاحب پاڳاري جي وفات ٿي ان وقت حضرت بيدل سائين 16 سالن جي ڄمار جا هئا، چونڪ اسلام ۾ 7 سالن جي عمر واري جي حديث ۾ روايت قبول ڪئي ويندي آهي، انڪري مون پير صاحب پاڳاري کي حضرت بيدل سائين جي همعصرن ۾ آندو آهي.

پير سيد علي گوهر شاهہ اصغر راشدي:

سيد صبغت الله شاهہ راشدي جو فرزند هو جيڪو 1231ھ ۾ تولد ٿيو ۽ 15 سالن جي ننڍڙي عمر ۾ ڪيس والد ماجد جي انتقال بعد سنڌ جي مشهور روحاني گاديءَ جي مسند تي ويهاريو ويو.

پاڻ سنڌ جي وڏن شاعرن ۾ شامل هو

حضرت اصغر سائين 1263 ۾ فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو.

پير سيد محمد ياسين شاهہ راشدي جهنڊي وارو

سيد محمد ياسين شاهہ بن سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحہ بن سيد محمد بقاءَ شاهہ جو پير ڳوٺ جي هڪ وڏي علمي ۽ روحاني گهر ۾ جنم ورتو.

هن علم ۽ طريقت جي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي.

سيد محمد راشد روضي ڌڻيءَ رحہ اولاد مان پڳ پير سيد صبغت الله شاهہ جي حوالي ڪئي، جنهن بعد پير صاحب ۽ سندس نسل جي بزرگن کي پاڳارو چئجي ٿو ۽ جهاد ۽ حق جو جهنڊو وري پنهنجي وڏي پٽ پير سائين محمد ياسين شاهہ راشدي کي عطا ڪيائون. جنهن ڪري کيس ۽ خاندان کي جهنڊي وارو چئجي ٿو.

سيد محمد ياسين شاهہ پائرن سان بعض اختلافن ڪري پير ڳوٺ کي الوداع چئي مختلف جڳهن کان ٿيندو موجوده پير جهنڊو لڳ نيو سعيد آباد کي پنهنجو مسڪن بڻايو.

مختلف جاين مَنائڻ ڪري کيس جاين وارو سائين بہ چئجي ٿو.

هيءُ بزرگ 15 رجب 1275هہ ۾ وفات ڪري ويو.

سندس خاندان ۾ سيد رشيد الدين شاهہ ۽ رشد الله شاهہ وڏي پائي جا ۽ قادر الڪلام شاعر ٿي گذريا آهن.

خليفو محمد يعقوب همايوني

خليفہ محمد يعقوب بن محمد مبارڪ ذات جو پيچوهو ڊيره الهيار (جهٽ پٽ) بلوچستان طرف جا وينل هئا.

خليفہ صاحب علم جي تحصيل مولانا عبدالحليم ڪنڊوي وٽ پاڳناڙي بلوچستان ۾ ڪئي. پوءِ پنهنجي استاد علامہ ڪنڊوي سان گڏجي پهريون جيڪب آباد جي ويجهو آباد ۾ آيا. اتان زميندار غازي خان سومرو ۽ مسو خان سڏائي جي اصرار تي همايون شهر ۾ آيا، جتي مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيائون.

خليفو صاحب 1273هہ ۾ وفات ڪري ويو.

مفتي عبدالغفور همايوني:

خليفي صاحب جي وفات بعد ان جي مسند تي سندس فرزند ارجمند،

برصغير جو مشهور و معروف فقيھ ۽ عالم. مفتي عبدالغفور همايوني وينو جنهن جو جنم 1261ھ ۾ ٿيو.

ان جي فتوي ڏيهان ڏيھ مشهور هئي، مفتي همايوني جي تصديق بغير ڪنهن ٻئي جي فتوي کي تنهن وقت اهميت گهٽ ملندي هئي.

مفتي صاحب فتوي جي فن جي مهارت سان گڏ قادر الڪلام شاعر پڻ هو. سندس ڪلام جا ٻه مجموعا "ديوان مفتون" سنڌي ۽ "ديوان مفتون" فارسي موجود آهن.

برصغير جو اهو مشهور عالم، فقيھ ۽ قادر الڪلام شاعر 11 رمضان المبارڪ 1336ھ ۾ وفات ڪري ويو.

مفتي محمد ٻيرائي

مفتي محمد بن مولانا عبدالله قريشي 1185ھ مطابق 1745ع ۾ تولد ٿيو.

مفتي صاحب جا وڏا اصل رتيديري جا وينل ۽ گامڻ شاھ جا مريد هئا. پر ڏڪر ۽ ڏڪر ۽ قحط سالي ڪري اچي ٻير (لگ قمبر) ۾ وينا. مفتي صاحب کي پنهنجي مامي تعليم جي حصول لاءِ استاد العلماء مولانا عبدالحليم ڪندوي وٽ روهڙيءَ ۾ چڏيو جتان پڙهي فارغ ٿيو.

مفتي محمد ٻيرائي جو هڪ واقعو مشهور آهي تہ هڪ دفعي مخدوم محمد عاقل ٻير شريف ۾ آيو ملا شڪل ڏسي ڪري مفتي صاحب کان ڪجھ سوال ڪيا. جنهن جا هُن صحيح جواب ڏنا.

وري مفتي صاحب. ميان عاقل کان سوال ڪيا تہ هو منجهي پيو ۽ خليفي کي چيائين تہ اٽ تان فلاڻا ڪتاب لاهي اچ. جنهن تي مفتي صاحب هيءَ شعر چيو:

علم همان است ڪہ در جلد خويش
علـم همان نيست ڪہ در جلد ميش.

اهو شعر ٻڌي مخدوم محمد عاقل، مفتي صاحب کي پاڻ سان گڏ کڻ تي ويهاريو ۽ کيس ٻير شريف جو قاضي مقرر ڪيو.

هيءُ بزرگ ۽ وقت جو وڏو مفتي 1272ھ ۾ وفات ڪري ويو.

سندس جي تعزيت تي سيد حزب الله شاھ (پاڳارو) ٻير شريف آيو ۽ مفتي صاحب جي پونيئرن سان تعزيت ڪئي.

ويجهي زماني جو مشهور بزرگ، اهل الله، علم ۽ عرفان جو منبع

حضرت سائين عبدالڪريم قريشي ٻير وارو مفتي محمد ٻيرائي جي اولاد مان هو.

سيد محمد حسن سوئي شريف وارو

سيد محمد حسن جيلاني، حضرت سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحہ جي خاص خليفن مان هو.

هن بزرگ کي حافظ محمد صديق ڀرچونڊي جي طريقت ۾ امام ۽ مرشد هجڻ جو شرف حاصل ٿيو.

هيءُ بزرگ 1254هہ ۾ وفات ڪري ويو. سندس جي وفات بعد فرزند محمد حسين مسند تي ويٺو.

حافظ محمد صديق ڀرچونڊي

حافظ محمد صديق ڀرچونڊي 1234هہ مطابق 1819ع ۾ تولد ٿيا.

طريقت جو تاج سيد محمد حسن سوئي شريف وارن کان پاتائون، جيڪو پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضہ جو خاص خليفو هو. دنيا جو مشهور انقلابي اڳواڻ مولانا عبيدالله سنڌي، حافظ صاحب جي دست تي مشرف باسلام ٿيو هو ۽ سيد تاج محمود امروٽي ۽ خليفہ غلام محمد دينپوري انجا خاص خليفا هئا.

هيءُ بزرگ 10 جمادي الثاني 1308هہ مطابق 29 مارچ 1891ع ۾ وفات ڪري ويو.

خليفو محمود ڪڙيي وارو

خليفو محمود بن رئيس گهنور خان نظاماڻي 1189هہ مطابق 1774ع ۾ تولد ٿيو. هيءُ بزرگ حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحہ جو بيعتي هو.

بزرگ ڪڙيي وارو وقت جو ولي، صاحب ڪشف و ڪرامات هو. سندس تعلقدار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن.

هن بزرگ پنهنجي مرشد جي ملفوظات کي جمع ڪيو سندس جون ٻيون بہ تصانيف آهن.

خليفو صاحب 9 ربيع الاول 1267هہ مطابق 13 جنوري 1851ع ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا عبدالله سومرا ٽي وارو

مولانا عبدالله بن ملا حامد جو اندازا 1210هہ ڌاري جنم ٿيو.

هن بزرگ تعليم مولانا محمد يعقوب همايوني کان حاصل ڪئي ۽ فراغت بعد درس و تدريس جو ڪم جاري رکيو. مولانا نور محمد شهدادڪوٽي، مولانا عبدالرحمان سڪروي ۽ مولانا عبدالقادر پهنواري وارا وٽن پڙهيا.

هيءُ عالم ۽ علم جو خدمتگار اندازا 1330هہ ۾ وفات ڪري ويو.

مخدوم امين محمد عرف پکن ڌڻي هالائي

مخدوم محمد امين، حضرت مخدوم نوح عليہ الرحمت جو 12 سجاده نشين هو جيڪو 7 شعبان 1254هہ مطابق 26 آڪٽوبر 1838ع ۾ تولد ٿيو.

سندس جو سلسلہ نسب حضرت نوح سروري سان يارهن واسطن بعد وڃي ملي ٿو.

(1) مخدوم امين محمد بن (2) مخدوم محمد زمان بن (3) مخدوم محمد امين بن (4) مخدوم پنيلڏو بن (5) مخدوم عثمان بن (6) مخدوم محمد زمان بن (7) مخدوم مير محمد بن (8) مخدوم منڻ بن (9) مخدوم مير محمد بن (10) مخدوم ابوالخير بن (11) مخدوم امين محمد بن (12) مخدوم نوح عليہ الرحمت.

مخدوم امين محمد عرف پکن ڌڻي قرآن، حديث، فقہ ۽ تصوف جو وڏو ڄاڻو ۽ قادر الڪلام شاعر هو. هيءُ بزرگ 19 صفر 1269هہ مطابق 1853ع ۾ شباب جواني ۾ وفات ڪري ويو.

خواجہ محمد زمان دوم

خواجہ محمد زمان (دوم) بن خواجہ گل محمد بن خواجہ محمد زمان (اول) 1199هہ ۾ تولد ٿيو.

سندس جي صورت ۽ سيرت پنهنجي ڏاڏي واري هئي. جڏهن شاهہ شجاع سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تہ خواجہ صاحب جو گهر مسمار ڪيو ويو ۽ پوءِ خواجہ صاحب پنهنجي گهر جي نئين سر تعمير قلعي نما انداز ۾ ڪئي.

اڳتي هلي وري مير غلام علي ٽالپور، خواجہ صاحب جي قلعي ۽ گهر کي مسمار ڪيو.

هيءُ الله لوڪ، متقي ۽ نيڪو ڪارن جو رهبر ۽ رهنما 1247هه ۾ وفات ڪري ويو.

خواجه محمد حسن لواري وارو

ان جي مسند تي سندس فرزند خواجه محمد حسن ويٺو جنهن جو جنم 1235هه ۾ ٿيو.

خواجه محمد حسن وڏو عالم ۽ علمي مجلسن جو شائق هو. پاڻ علماءَ ۽ صلحاءَ توڙي طالبن جون مجلسون قائم ڪندو هو جن ۾ تصوف ۽ فقهي مسئلن تي مذاڪرا ڪرائيندو هو.

هيءُ بزرگ 1298هه ۾ وفات ڪري ويو.

سيد علي اڪبر شاهه رضوي جانشاهي

سيد علي اڪبر شاهه بن سيد جمن شاهه بن مير جان الله شاهه ثاني بن سيد منور علي شاهه بن سيد جان الله شاهه اول، پنهنجي والد بزرگوار کان بعد مسند تي ويٺو.

سيد علي اڪبر شاهه، فقير قادر بخش بيدل جو همعصر ۽ سهيوڳي هو. هيءُ جانشاني جانشين 1270هه مطابق 1854ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد همت علي شاهه ڪوٺائي روهڙائي

سيد همت علي شاهه بن سيد غلام مصطفيٰ شاهه بن سيد يعوقب علي شاهه (ثالث) بن سيد غلام حسين شاهه، بن سيد يعقوب علي شاهه (ثاني) بن سيد مير صادق علي شاهه اول بن سيد يعقوب علي شاهه ڪوٺائي، 1845ع ۾ تولد ٿيو.

شاهه صاحب وقت جي وڏن عالمن کان عربي، فارسي ۽ سنڌي جي تعليم حاصل ڪئي.

شاهه صاحب خاندان جي شاعريءَ واري سلسلي کي جاري رکندي فارسي، سنڌي، هندي، سرائڪي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪئي. شاهه صاحب 12 شوال 1321هه مطابق پهرين ڊسمبر 1904ع ۾ وفات ڪري ويو.

ميرڪ غلام علي شاھ پوراڻي

سنڌ ۾ پوراڻي سادات مشهور آهن. پوراڻي سادات جي وڏي سيد جلال الدين ابوسعيد پوراڻي جا ٻه فرزند سنڌ ۾ آيا.

انهن مان سيد بايزيد الحسيني بکر ۾ ۽ سيد محمود عرف شيخ ميرڪ ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

ميرڪ غلام علي شاھ بن ميرڪ عبدالرسول بن ميرڪ عرب شاھ بن ميرڪ رشيد الدين محمد بن ميرڪ تقي الدين محمد بن ميرڪ عبدالاول بن سيد محمد عبدالله بن ميرڪ عبدالباقي پوراڻي بن بايزيد الحسيني، 18 ربيع الثاني 1222ھ مطابق 25 جون 1807ع ۾ تولد ٿيو.

سنڌ جي پوراڻي خاندان مان ميرڪ عبدالوهاب پوراڻي جي ”فتويٰ پوراڻي“ ڪنهن زماني ۾ ڏاڍي مشهور هئي.

ميرڪ غلام علي شاھ جي 12 ربيع الثاني 1282ھ مطابق 4 سيپٽمبر 1865ع ۾ وفات ٿي.

مخدوم فخرالدين علوي

ميان فخرالدين بن مولانا حفيظ الله بن الحاج فقير الله علوي پنهنجي دور جو وڏو عالم، اديب ۽ طب جو ماهر ٿي گذريو آهي. ميان صاحب وڏن جي قائم ڪيل درسگاھ ۾ درس و تدريس به ڏني.

هيءَ بزرگ 1270ھ مطابق 1854ع ۾ وفات ڪري ويو.

مير علي نواز علوي

ميان فخرالدين جو فرزند هو جنهن جو جنم 1270ھ مطابق 1854ع ۾ ٿيو.

تعليم مولانا غلام صديق شهدادڪوٽي، مولانا عبدالمجيد ڪاڪڙ، مولانا احمد علي عرب ۽ سيد علي اڪبر شاھ کان حاصل ڪيائين.

مخدوم صاحب عالم ۽ سالڪ هجڻ سان گڏ سنڌي ۽ فارسي جو وڏو شاعر پڻ هو. سندس جو ڪلام ”ڪليات علوي“ جي نالي سان ڊاڪٽر نواز علي شوق جي تحقيق ۽ تدقين سان ڇپيو آهي.

ميان علي نواز 1920ع ۾ فاني جهان کي ڇڏي بقا واري جهان ڏانهن راهي ٿيو.

مخدوم عبدالغفور نتوي

مخدوم عبدالغفور بن مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم نتوي ديني تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪئي. ديني تعليم جي حصول بعد هو شعر و شاعري ڏانهن راغب ٿيو شاعريءَ ۾ ايتري مهارت حاصل ڪيائين جو ڪيس عربيءَ جو قادر الڪلام شاعر چيو ويندو هو. مخدوم صاحب 1277هه مطابق 1861ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد موسيٰ شاهه ثاني جيلاني گهوٽڪي وارو

گهوٽڪي جي جيلاني سادات ۾ وڏا اهل الله درويش ٿي گذريا آهن. سيد موسيٰ شاهه ثاني بہ انهن جي خاندان جو چشم و چراغ هو. جنهن جو 1211هه مطابق 1796ع ۾ جنم ٿيو.

پاڻ سيرت ۽ صورت ۾ اعليٰ پائي جو انسان هو جيڪو 17 رمضان المبارڪ 1281هه مطابق 1865ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد مبارڪ شاهه ثاني:

هيءُ بہ گهوٽڪيءَ جي جيلاني سادات مان هو جيڪو 1209هه مطابق 1792ع ۾ تولد ٿيو. هيءُ بزرگيءَ ۾ ڪمال تي پهتل ۽ مستجاب الدعوات هو. جيڪو 7 شعبان 1274هه مطابق 1858ع ۾ وفات ڪري ويو.

مخدوم عبدالخالق کهڙن وارو

مخدوم عبدالخالق کهڙن وارو پنهنجي والد بزرگوار مخدوم محمد عاقل (اول) بن مخدوم احمدي بن مخدوم عبدالرحمان کهڙن وارو جي وفات بعد 1232هه ۾ وڏن جي درگاهه جو جاءِ نشين ٿيو.

مخدوم عبدالخالق وڏي پائي جو عالم ۽ اهل الله هو حيدرآباد جا مير حاڪم سندس خاص خيال رکندا هئا.

هيءُ بزرگ 18 رجب 1268هه ۾ وفات ڪري ويو.

مخدوم محمد عاقل دوم کهڙن وارو

مخدوم عبدالخالق جو فرزند هو ڪيس والد صاحب جي وفات بعد مسند تي ويهاريو ويو. مخدوم محمد عاقل وڏي پائي جو عالم ۽ تاريخدان هو.

سندس جون تاريخ ۽ بين موضوعن تي تصانيف موجود آهن.
مخدوم صاحب 1293هہ مطابق 1877ع ۾ وفات ڪري ويو.

خواجہ نظام الدين مجددي

خواجہ نظام الدين بن خواجہ محي الدين، مجددي خاندان جا چشم و چراغ هئا. سندن وڏو ڏاڏو خواجہ محمد معصوم مجددي متوفي 1079هہ، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جوخليفو هو.

خواجہ نظام الدين ولايت ۽ ڪرامت جو صاحب هو.

هو سنڌ جي دوري تي نڪتو جڏهن سندس قافلو حيدرآباد پهتو تہ تنهن وقت جي حڪمران مير ڪرم علي ٽالپر جي طبيعت سخت ناچاڪ هئي. ٽالپر صاحب جي گهر واري قرآن کڻي خواجہ صاحب وٽ مڙس جي صحت يابي لاءِ آئي، پر ڪيس خواجہ صاحب سان ملڻ بغير واپس ڪيو ويو.

خواجہ صاحب، مير ڪرم علي ٽالپر جي صحت يابي لاءِ دعا گهري جيڪا بارگاهہ الاهي ۾ قبول پئي. هيءُ صاحب ڪشف و ڪرامت جو بزرگ 1273هہ مطابق 1856ع ۾ وفات ڪري ويو.

ميان محمد حيات ڪتبار

هيءُ ڪتبار درسگاهہ جي باني ميان محمد ڪامل جو فرزند هو. ڪتبار بزرگ ذات جا گهوتا ۽ اصل مراد ڳوٺ لڳ گهوٽڪي جا وينل هئا.

ميان محمد حيات هڪ روحاني صفتن وارو اهل الله هو، جيڪو عالم ۽ قرئت جو وڏو ڄاڻو هو.

پاڻ والد جي وفات بعد مسند تي ويهنو ۽ درس و تدريس ڏيندي 23 ربيع الثاني 1255هہ مطابق 1839ع ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا محمد حسن ڪتبار:

هيءُ ميان محمد حيات جوپاءُ ۽ ميان محمد ڪامل جو فرزند هو. جيڪو 1198هہ مطابق 1783ع ۾ تولد ٿيو.

هن بزرگ ڏانهن مولانا عبدالحليم ڪنڊوي بہ توجہ ۽ تلقين جو طالب ٿيو ۽ مولانا نور محمد شهدادڪوٽي ان جو خليفو هو. هيءُ بزرگ 1274هہ مطابق 1858ع ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا محمد عثمان چاچڙ راڄڙپوري

راڄڙپور جا عالم فقہ فتويٰ ۽ درس و تدريس ڪري پوري سنڌ ۾ مشهور آهن.

مولانا محمد عثمان بن مولانا دين محمد تيرهين صدي هجري جو عالم ۽ حضرت حافظ محمد صديق ڀرچونڊوي ۽ حضرت بيدل سائين جو همعصر هو.

حضرت مولانا محمد عثمان علم ۽ فقہ فتويٰ سان گڏ باطني علوم جو بہ منبع هو. هيءُ عالم باعمل 14 صدي هجريءَ جي شروعات ۾ وفات ڪري ويو. سندس پوئين ۾ علم ۽ طريقت جو سلسلو هلندڙ آهي.

روحل ثاني

روحل ثاني بن غلام علي فقير بن روحل اول پنهنجي والد (غلام علي فقير) جي وفات بعد 1839ع ۾ ڪنڊڙيءَ جو گادي نشين ٿيو جيڪو بيدل سائينءَ جو همعصر هو.

حوالا ۽ سمجهاڻيون:

(1) الرحيم مشاهر نمبر، ايڊيٽر علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، ناشر شاهہ ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد، ڇاپو ٻيو سال 1988

(2) شريعت سوانح حيات نمبر، ايڊيٽر مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، ماهنامہ شريعت سکر، ڇاپو پهريون سال 1981

(3) مهراڻ سوانح حيات نمبر، ناشر سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٻيو سال 1990ع

(4) مهراڻ شاعر نمبر، ناشر سنڌي ابي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٻيو سال 1990ع

(5) سنڌ جا اسلامي درسگاهہ، ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپور، ناشر سنڌي ساهتي گهر حيدرآباد، ڇاپو ٻيو سال 2007ع

(6) يادرفتگان، مخدوم محمد طالب المولي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٻيو سال 1994ع.

(7) تذڪره جانشاهي، اختر درگاهي، ناشر سکر هسٽاريڪل سوسائٽي سکر، ڇاپو پهريون سال 2001ع

(8) تذڪره ڪوٽائي سادات، ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، ساهتي

ادبي اڪيڊمي نوابشاهہ، ڇاپو پهريون سال 1998ع
(9) تذڪره پوراني سادات، ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي، ناشر سکر هسٽاريڪل سوسائٽي سکر، ڇاپو پهريون سال 2001ع
(10) ڪليات علوي، مرتب: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ناشر ڪافي پبليڪيشن ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، ڇاپو ٻيو سال 1982ع
(11) تاريخ سکر، رحيمداد خان مولائي شيدائي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ڇاپو ٻيو سال 2005ع.
(12) صوفي روحل فقير، مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق، ناشر سکر هسٽاريڪل سوسائٽي سکر، ڇاپو پهريون سال 2001ع.
(13) من جي مالا، مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ، ناشر سکر هسٽاريڪل سوسائٽي سکر، ڇاپو پهريون سال 2001ع
(14) ذڪره مشائخ سنڌ، (اردو)، ڊاڪٽر حق نواز اعواڻ، ناشر جامعہ اشرفيہ والس روڊ سکر، ڇاپو پهريون سال 1427هہ.

سنڌ ـ صوفي ثقافت جو سرواڻ بيدل رحہ

قاضي حفيظ عادلپوري

سنڌ سونهاري ملڪان ملڪ مشهور آهي. ان جا ماڻهون نماڻان، هر ڪنهن وَهيڻان، محنتي، ايماندار ۽ پراين پنهنجا سڏبا آهن ۽ عملي طرح سان پڻ تي ڪري ثابت ڪيو اٿائون. جڏهن بہ ڪا ڳالهہ ٿيندي آهي تہ چوندا آهن تہ سنڌ شاهہ ۽ قلندر جي نگري آهي جنهن ڪي لهر نہ ڪي لوڏو.

جتي سنڌ پيار جي ڌرتي هجي ۽ اُتان جا مکڻ جهڙا ماڻهون بہ هجن اُتي قرب وارن ڪي ڪوٺ تہ اهو هڪ لازمي عنصر آهي. هاڻي انهن صوفين، سنتن ۽ سوامن جي سنڌ هڪ وڏي آماجگاهہ ٿي رهي آهي.

صوفين جي سرواڻي شاهہ عنايت، شاهہ ڪريم ۽ سائين عبداللطيف ڀٽائي، حضرت عثمان مروندي سيوهاڻي، سچل سرمست، ڀائي چين راءِ عرف سامي ۽ پوءِ وري تان جو اسان جي محبوب فقير قادر بخش بيدل هن قافلي جي سرواڻي سنڀالي.

مان خوشي ۾ نہ پيو ماپان چاڪاڻ تہ منهنجو تعلق پڻ هتان جي اوس پاس سان آهي ۽ مان پانڊيئڙو سندن قلم ڪار آهيان. سچل سرمست، فقير بيدل، شيخ اياز هتان جا آهن. لاڙ وارن کان ورثو مليو آهي ۽ فقير سائين بيدل تائين ساڳيو سلسلو آهي. هر ڪو پنهنجا ساراهيندو آهي ۽ مان بہ پنهنجي بيدل سرڪار جي ساراهہ ۾ نہ پيو ٿڪجان.

بيدل سائين فرمائن ٿا:

وجد حالت سي اناالحق، کهين عاشق بيدل،
اپني بندي کي تائين، عشق خدائي ديتا.

ان لکڻ ۾ نہ ڪو بهانو آهي پر سچ ئي سچ آهي.

بقول سچل سرمست:

هي مڙيو ئي وصفان، اندر آدمن،
هت آدم مون الله ٿيو بيا سڀ شڪ پڇن،
اصل الله جون آدمي، ثابت صورتن.

بيدل سائين الله جو بندو اهي ۽ سندس شعر مان خودي جي بلندي بکي پئي. فرمائن ٿا تہ:

نالي آهن آدمي، نہ تہ سراپا سبحان
اَلا انسان سري وانا سره، مردن هي مڪان
برتر آهہ بيان، تنين جو تقرير ڪون.

اڳتي سچل سرمست فرمايو آهي حيات، ممات ۽ سِرُ جي باري ۾:

جهڙو آهين تهڙو هوندي، فاني ٿيندين ڇا؟
سُڌِ پنهنجي سِرَ جي ڪامل پيڙ ۽ ڪا،
ڳالهہ نہ سمجهيئي سا، آوازي اناالحق جي.

ساڳئي پيرا ئي ۾ بيدل سرڪار فرمائن ٿا تہ:

مرد نہ مرن ڪڏهين، جن الک ڪيو اثبات
بي جِهت ۽ جهات، سِرُ سيوئي انجو.

هتي مان سنڌين جي ثقافت منڊ ۾ بيان ڪري چڪو آهيان پر صوفين جي ثقافت اها آهي تہ هوگهٽ کائين، گهٽ سمهن، گيڙو رتا ڪپڙا يا سفيدپوش هوندا آهن. سي بہ سادا ۽ سدائين نينهن جي نشي ۾ مستغرق هميشہ مجازي محبوب جي آمد جا منتظر ۽ وري جڏهن حقيقت کي هڪ ٿين ٿا تہ پوءِ محبوب انهن جو مشتاق ۽ پاڻ خود اشتياق ٿي پوندا آهن. ڪهڙو نہ سنوهڪ شاعر سرائيڪي ۾ چيو آهي.

ڪعبي ڪوسجده مين ڪرون، ڪعبہ بي ڪردا ديکيا
خود خدا محبوب دي، نماز پڙهدا ديکيا

وري بيدل سائين فرمائن ٿا تہ:

ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ سمايا سي

عشق اهڙي شي آهي، اهڙو رنگ آهي، اهڙو نُور اهڙو درد اهي، اهڙي تڙپ آهي جو محبوب ۽ عاشق ۾ برابر جو وارد ٿئي ٿو پر سائين ڪٿي ٻاريتو ڪٿي باهہ ٿي ٻري ٿو ڪٿي باهہ جو سيڪ ٿئي ٿو ڪٿي سيڪ ٻجي ساڙيندو ۽ سڙي وڃي ٿو. بقول سعدي شيرازي:

عشق اول درد دل معشوق پيدا مي شود
کي شمع روشن شدي، پروانہ شيدا مي شود.

ترجمو هي آهي تہ عشق پهريائين محبوب جي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو. چاڪاڻ تہ ڏسو جيڪڏهن شمع روشن نہ ٿئي ها تہ ڪٿان پروانو ان مٿان قربان ٿئي ها.

صوفي ثقافت جي سرواڻي ڏسو تہ صوفين سڀڻورن ڪهڙيءَ طرح سان ڪئي آهي مثال وٺون ٿا حضرت سچل سرمست جي اردو غزل جي مطلع جو.

میری یہ جان قربان ہے، میری یہ جان قربان ہے
یہاں آئے اگر کوئی، یہ ہے گو، اور یہ میدان ہے

وري بيدل سائين فرمائن ٿا هڪ غزل جي مطلع ۾

جو غم کا بار چاہتا ہے، اسے فرحت سوں کیا مطلب
جو اپنا سر گنواتا ہے، اسے راحت سوں کیا مطلب

سچل سائينءَ هُوءَ گوءِ هو ميدان ٻڌائي ٿو پر وري بيدل سائين فرحت ۽ راحت کي ترڪ ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو تہ عاشق صادق اُهو آهي جو سڪ چڏي ڏک وٺي، سر ساهہ جي نہ ڪري ۽ ميدان محبت ۾ غازي ٿي نفس اماره سان جنگ ڪري اُن کي شڪست فاش ڏئي ۽ نفس لوّامہ ۽ نفس مطمئنہ حاصل ڪري تہ اُهو غازي آهي ۽ الله پاڪ ۽ رسول خدا جو سچو پچو مڃيندڙ ٿي پوي ٿو جنهن کي صاحب طريقت چئبو آهي.

فقير بيدل سائين: سندس روزمره زندگي بابت ديوان بولچند وسومل راجپال پنهنجي ڪتاب بيدل جو سنڌي ڪلام ۾ لکي ٿو تہ بيدل سائين کي درويش ڪري ڪوٺيندا هئا. بيدل سائين جن پاڻ فرمائيندا هئا تہ صوفين کي صاف رهڻ کپي جيئن ٻين اڳيان مثال ٿي پوي. پاڻ سادي پوشاڪ پائيندا هئا. سندن ڪپڙا ڪارُ ۽ صابڻ ۾ ڌوتل هوندا هئا نہ ڪ ڪٿي ڌوتل ڪپڙا. وٽن صرف بہ وڳا پائڻ لاءِ هوندا هئا. هڪ بوچڻ، هڪ تاجَ يعني

صوفين واري ٽوپي ۽ هڪ بانتي جو اڇو رومال. لذيذ کاڌن سان لڳاءُ ڪون هين، هو سادو کاڌو کائيندا هئا پر جيڪڏهن ڪو سوادي کاڌ ايندو هو تہ اُنَ ۾ پاڻي وِڌڪ وجهي پوءِ کائيندا هئا جيئن ان جي لذت هلي وڃي. اوچو ڪپڙو پائڻ ۽ لذيذ کاڌا کائڻ سان من مچلي ٿئي ٿو تنهن ڪري من کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ان کي لپات ضروري آهي ۽ من چنچلو نہ ڪرڻ گهرجي. من کي مارڻ لاءِ هميشہ بيدل سائين چوويهہ ڪلاڪن مان گهڻو وقت رياضت، عبادت ۽ مراقبي ۾ گذاريندا هئا. رهڻ جي اوطاق هڪ جهوپڙي نما نهيل هوندي هئي. پاڻ منجي تي ويهندا هئا ۽ فقرا وڇايل تڏن تي ويهي رهندا هئا. ڪا وڏائي ڪونہ هوندي هين.

آيل سوکڙيون وغيره انهن مان گهٽ ۾ گهٽ پاڻ وٽ رکندا هئا باقي سڀ سائل، فقير فقرا ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. ڳالهہ ڪندا آهن تہ مير علي مراد خان ٽالپور حڪمران رياست خيرپور 15 اُٺ اَنَ جا نذرانو ڏياري موڪليا پاڻ سائين جن ان مان ادائي ٻڪَ رکي باقي سڀ ان سائلن ۽ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيو. ان کي چئبو آهي توڪلت علي الله.

بيدل سائين هڪ صوفين جو سرواڻ آهي.

جنهن لاءِ فقيرن، مريدن، دوست احباب کي نهنائي جو سبق ڏنو اٿن. پاڻ کي محبوب مجازي ڪانوني محبوب حقيقي تائين پهچڻ جو پنڌ نهايت سولو عاجزي، انڪساري، کي همہ اوست جي رستي ٿُون هِي تون سيکاريو اٿائون. جنهن جي تقليد ۾ هي منزل منديا ويا آهن ۽ هي ورسي ملهائي کيس خراج تحسين پيش ڪري رهيا آهيون.

هر هڪ باصفا عالم، مفڪر، باشرع واصل بي الله ۽ اهل طريقت جو صاحب ولايت الله جو ولي ٿيندو آهي جنهن جي روشني هند سنڌ، هندو مسلمان، سني شيعہ بلڪ هر هڪ مڪتبِ فڪر تي پئي آهي سو آهي بيدل سرڪار هو معلم اعظم، صوفي باصفا، عالم باعمل، عاشق فنا في الله ۽ بقا بالله آهي. بيدل سائين جي شان مان جي تعظيم هر هڪ انسان جي دل ۾ خلوص سان شامل آهي. آخر ۾ سائين جن جا چند بيت عرض ڪري هن مقالي جي پڄاڻي ڪندس ۽ هي دنيا عمل جي جاءِ آهي. ديوان سلوڪ الطالبين ۾ فرمائن ٿا تہ:

عبث ايام عمر اينجا مکن، صرف هوائي دون
ببالِ همت مطلق بشو تا آن جهان راجع

معني آهي تہ اجايو عمر جا ڏينهن هت نہ گذار صرف حرص ۽ حوا ۾ پنهنجي يقيني همت سان آزادتي ڏيکار هن جهان فاني ۾ يعني راجعون موتي ويندا سون. موت برحق رستي الله پاڪ ڪريم ڏانهن موٽايا ويندا سين.

وري فرمائن ٿا تہ:

رخ اسلام را غازه، وصي المصطفيٰ برحق
علي آگاه اسد الله بود، بر سروران سرور

اسلام جي منهن تي سرخي محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي وارث جي آهي علي رضہ جي. خبر آهي تہ الله جو شير هو ۽ بهادرن جو بهادر آهي.

منظوم نذرانہ عقیدت

ادل سومرو

وائي

ٻرن ٿا ٻئي ڏيئڙا
هڪڙي جاري ۾
بيدل بيڪس ڳالهه ساڳئي
روهڙي تي مُرڪي پئي
گيڙو ڳاري ۾
بيدل بيڪس ڳالهه ساڳئي
آهن ٻنهي پيرڙا
ساڳئي چاري ۾
بيدل بيڪس ڳالهه ساڳئي
جُهومي تن جي شاعري
وطن ساري ۾
بيدل بيڪس ڳالهه ساڳئي
چون ٿا ڏاها سيئي
تن جي ٻاري ۾
”بيدل بيڪس ڳالهه ساڳئي

آياز گل

صوفياڻو ڪلام

عرشُ چڙهايو رَبَ سبحاني
نينهُن ڏئي نيشاني
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!
حاصل ۽ لاحاصِل مان
حاصل ٿي حيراني
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!
پاڻَ ٿي پنهنجو دُشمن آهيان
پاڻَ ٿي پنهنجو جاني
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!
منصبَ سارا ڇڏي وَتيسي
دلبرَ جي دَرباني
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!
ماسُ سندمِ ٿي ڪوري مُنهنجي
مُحبَ ڪئي مهماني
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!
ڪنڌُ نِوائي ناڻ سندس جي
پاڻ ڳچيءَ ۾ ڳاني
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!
بيدل جو آ عشق اُتانهون
ڪيرُ سڏائي ثاني؟
بارُ برهه جو سِرَ تي چاتُم!

❊

سيد نور رضوي

بيدل رحہ

رمز رنديءَ جو سمايل راز روهڙي شهر ۾
عشق جو آهي عجب انداز روهڙي شهر ۾
بره وارا فخر ڪن ٿا بيدل رحہ و بيڪس رحہ مٿان
نينهن وارن جو سمورو ناز روهڙي شهر ۾
آشتي ۽ امن جون هر دم صدائون ٿيون ٻُرن
سِڪ سَندو جتِ ڪو ڇڙيل آ ساز روهڙي شهر ۾
ٿي ملي دعوت سين کي سرفروشيءَ جي هتي
ٻڌ اناالحق جو مڌر آواز روهڙي شهر ۾
هيءَ وستي اولياء ۽ صوفياء جي نانءِ ٿي
خالقِ اڪبر جو آ اعجاز روهڙي شهر ۾
حضرت شهباز پٽ جي شاهہ ۽ سچل سندو
دوستو موجود آ هم راز روهڙي شهر ۾
بيدل و بيڪس، حقاني، جان شاهہ ۽ مور شاهہ
پرت وارن جو پسو پرواز روهڙي شهر ۾
عالم بي مثل آهي صورتِ بيدل رحہ ائين
جتِ تہ آهي حافظِ شيراز روهڙي شهر ۾
سيد ﷺ والا جو آموئي مبارڪ پيي هتي
سنڌ وارن کي مليو اعزاز روهڙي شهر ۾
بره جي نعم البدل بيدل رحہ جي آمد ساڻ ئي
عشق جو ٿي "نور" ويو آغاز روهڙي شهر ۾

❊

منٺل مسرور

حسن کي ڏسڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
عشق ۾ رھڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
عجب ناز نخرو حسينن جي ھلچل
نرت نٺ پسڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
حسن جي ستم کي جورو فا کي
کٺي سر سھڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
حسن جي ھَٽيءَ تي وھي ڪاٺُ ڪُھنو
ڪُتر تي ڪُسڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
وڍائي سري نوڪ نيزي چڙھي پوءِ
ھڪل ڏئي ھلڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
شمع تي سراپا جلي ٿو جيئين
پتنگ تي پچڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
ڏِسڻ ڇا اوھان جو اسان جو ڏسڻ ڇا
ڏسڻ کي ڏسڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
علم جون عقل جون ڳالھيون گھڻيريون
حقا حق ٿيڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
برھہ بوند ھڪڙِي تي بيخود ڪري
پيالو پيئڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
بشارت برھہ جي ٿو بيدل ڏئي
نيھي تي نچڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي
چون ٿا منٺل ۾ سالڪ فقيرَ
مري پوءِ جيئڻ ۾ وڏي ڳالھہ آھي

❊

محمد اسماعيل منصور سومرو

نبهن پيا ڏينهن زندگي جا، ڪڏهن سکن ۾ ڪڏهن ڏکن ۾،
هلي حياتي جو سلسلو ٿو ڪڏهن خوشين ۾ ڪڏهن غمن ۾.

هلان هلان هُل هنگاما هڪلون، هي وٺ وٺان ۽ پڪڙ پڇاڙون،
ڪڏهن ٿا ٿابن ۾ ٿابڙون ۽ ڪڏهن ٿا ٽڪجي وڃون ڏِکن ۾.

رهيا نہ رشتا رهيا نہ ناتا، رهيون متيون مائٽيون نہ اڄ ڪلهہ،
قدر نہ اخلاق جا رهيا ڪي، ڏسون ٿا هر ڪم سدا ڏچن ۾.

هتي جو ڏاڍو اهو آ ڳاڀو هلي ٿو هر جا انهي جو داٻو
لڏون ۽ لڏ ٿي پيا برابر، نہ فرق آ ڪو برن پلن ۾.

بهار آئي نٽڙيون نہ مکڙيون، رهيون سدائين اداس اکڙيون،
نہ تازگي ٿا ڏسون گلن ۾، نہ ڇهچٽو ڪو رهيو چمن ۾.

ٿرن ۾ مارو پلر پئين پيا، ڇنن ۾ ڇيلا سدا چرن پيا،
سڪار سانگين ۾ شل ٿئي ڪو وري سکن جو ڪو واءُ وطن ۾.

ڏسان مليرن ۾ شل ملهارون، ٻڌان ڏنارن جون پيو تنوارون،
ڪندي پچارون پريت واريون، ڏسان مان ڏوٿي سدا پکن ۾.

اها ترقي اهو تمدن، اهو آ دنيا جو دور روشن؟
اجهي ڪان عاجز لٿي ڪان آجا، مرن ٿا ماڻهو اجا بکن ۾.

ڪٿي جهالت ڪٿي علالت، ڪٿي آ ڇانيل زبون حالي،
ڏسون ٿا اڙجي ويو آ جت ڪٿ، اڇوڪو انسان غاصبن ۾.

ڏسون ٿا اڄ ڪلهہ ويو بدلجي، محبتن جو مزاج آهي،
نہ دلبرن ۾ ڪا دلبري آ، نہ عاشقي پئي ڪا عاشقن ۾.

ڏسي زماني جو رنگ هاڻي، ويو آ منصور دنگ رهجي،
اچي وئي آ زبان ڏندن ۾، رهي نہ چرپر ڪا آڇپن ۾.

❊

حضور بخش راهي

بيدل جي نگري

اها بيدل جي نگري آهِ پيارا خوبصورت
ٻٽيا روهڙي مبارڪ جا نظارا خوبصورت

رهن ٿا روز روهڙي جي مٿان جلوا جمالي
محمّد مصطفيٰ جي وار وارا خوبصورت

هلي ڏس حاجنا سائين جي اوتاري جي پرسان
مٿو مهراڻ جو پاٽي ڪنارا خوبصورت

گهٽي روهڙي سندي هر هڪ گهمي بهتر ڏٺي آ
وٽيا دل کي سمورا خوب چارا خوبصورت

جڏهن پي باغ بيدل جو حوالو ڏيو گلن جا
مليا ها امن جي رنگ جا اشارا خوبصورت

پڙهن ٿا شاعري درگاهه تي شاعر ادب سان
ادل، اختر، صدف ۽ نور پارا خوبصورت

اهي سنڌو جي سيني تي سدائين رات جو سڀ
پيا ڪن رقص راهي چنڊ تارا خوبصورت

❊

غلام مرتضيٰ خان جاگيراڻي

مان تہ حاجتمند ٿون حاجت روا منهنجا خدا
تون ئي آڻين تون ئي ٽارين ٿو قضا منهنجا خدا

غم غلط فوزا ٿين لحظي لحظي اندر اندر
ذات تنهنجي جو تصور واه واه منهنجا خدا

ڇا ڪنديون پيچيدگيون پو دهر جون هن بحر جون
تون جو منهنجو ٿي بيهين مشڪل ڪشا منهنجا خدا

عزتون ۽ ذلتون آهي فقط تنهنجو امر
هٿ فقط تنهنجا سيئي مرتبا منهنجا خدا

معاملا ٻانهن جا آهن پيش تو ۽ پيش تو
تون اڪيلي سر ڪرين سڀ فيصلا منهنجا خدا

تو وٽن ٿيون عاجزيون ۽ آزيون نيزاريون
ٻانهن جي تو ٻڌين ۽ پڄائين ٿو دعا منهنجا خدا

نانوَ تنهنجي ۾ نشو اهڙو رکيل اهڙو رکيل
ڪونہ ٻيو مون کي وٽي تو کان سوا منهنجا خدا

ڪر نوازش ۽ عنايت جا مدامي سلسلا
ٿي پون آسان سامهون مرحلا منهنجا خدا

خانَ تي اهڙي ڪرم جي ڪر ڪٽي نظر ڪرم
غير کان هر دم ڏسان هنکي خفا منهنجا خدا

❊

مخمور ميراڻي

نگاهہ منهنجي اداس راهُن، جيئان سُجي ۽ ٽڪل لڳي ٿي،
نراس جو منهن ڦِڪو ڦِڪو آ، اُميد جي اک پِنل لڳي ٿي.

ڏِنا ڪڪر ڪالهہ ها مون ڳوڙها، هليا ٿي هڪٻئي سان ڀاڪرن ۾
هوا ۾ اڄ هيءَ اڪيلي بڪريل، جَتي ڪان بدلي ٽٽل لڳي ٿي.

اڳي تہ رونق گهٽي گهٽي ۾، وٽن ٽٽن جي ٺهڪ ٺهڪ هئي،
لڏي تہ هڪڙو ئي گهر ويو آ، سموري وستي ڦِٽل لڳي ٿي.

بندوق هٿ ۾ ڏسي، اِها بي گناهہ چوڪر مرڻ جي ڊپ کان،
اڳي ٿي ڊوڙي، ڏسي ٿي پُٺ تي، هِي ناري جيڪر ڊنل لڳي ٿي.

سِري لٽل، رت رنگيل ڪفن ۾، جا دفن ٿيل آ زمين اندر،
اها بہ ڪنهن جي تہ ماءُ، ڌيءَ، ڀيڻ، بي خطا ڪا ڪُٺل لڳي ٿي.

وِڪي تِڪي جاءِ هڪ تي اهي، ڏٺي عذابن ۾ جانَ پنهنجي،
سَهي مُصيبت، نہ هارِي همت، ارادي جي دل اَٽل لڳي ٿي.

اميد، آسن جي آسري تي حيات "مخمور" جي هلي وئي،
رَهي بہ پير ۾ نہ پيو نِهاري، اجا تہ قسمت رُٺل لڳي ٿي.

❊

علي اطهر موساڻي

وائي

سونهن سندا سردار او يار
تو کان تنهنجو درشن گهرجي
اکڙيون آس رکي آيون هن
در تنهنجي دلدار او يار
توَ کان تنهنجو درشن گهرجي
در تنهنجي تي لکين گداگر
منهنجو تون ڏاتار او يار
تو کان تنهنجو درشن گهرجي
نيڻ ٿَڪن پَر آس نہ ٿکبي
ايندين ڪهڙي وار او يار
تو کان تنهنجو درشن گهرجي
سهڻي وانگر سير ۾ آهيان
تار اڇي ميهار او يار
تو کان تنهنجو درشن گهرجي
خلق الآدم عليٰ صورتہٗ
تنهنجا نقش نگار او يار
تو کان تنهنجو درشن گهرجي
ڪهڙي رمز سان راضي ٿيندين
اطهر جا اوتار او يار
تو کان تنهنجو درشن گهرجي

❊

الحاج محمد عيدن ناز ميراڻي

"بيدل"

علي رضہ جي باغ جو گلشن سدا گلزار آ بيدل،
سڳنڌ سرهاڻ صوفين جي سدا سنسار آ بيدل.

1. فقيرن جي صدائن جو قلندر جي رضائن جو
پنائي جي دعائن جو سدا شهڪار آ بيدل.

2. الاهي رمز وارن جي، عنايت جنهن تي پيارن جي،
پنجن، ٻارهن امامن جي، دعا دلدار آ بيدل.

3. فقر ۾ ٿي فنا في الله، ٿيا بي خود بقا بالله،
وجه واصل ٿي وجہ الله، پسيو ديدار آ بيدل.

4. هئڻ واري ڇڏي هستي، ويا بيخود واري بستي،
عطا مستي ٿين دستي، يدُ الله يار آ بيدل.

5. خودي کي خام خود ڄاڻي، خودي خود خيال ۾ آڻي،
صوفين جا سير سڀ ماڻي، ٿيو اظهار آ بيدل.

6. جڳت جنسار جبروتي، ماڻيائون مُلڪ ملڪوتي،
ناسوتي نور لاهوتي، عجب اسرار آ بيدل.

7. سخي دربار آ عالي، سوالي نا موٽن خالي،
ولايت ۾ ولي والي، سدا نروار آ بيدل.

8. لاهوتي لال لا ثاني، عطا ٿين عين عرفاني،
سراپا سير سبحاني، ماڻيو مننار آ بيدل.

9. رندن جو راز آ سائين، نرالو "ناز" آ سائين
صوفين جو ساز آ سائين، سدا سينگار آ بيدل.

❊

سڪندر مگسي

غزل

ملڪ مدهوش ٿي ويو آهي
هُو جي مئي نوش ٿي ويو آهي

جام مينا جي بارشن ۾ اڄ
رند باهوش ٿي ويو آهي

خارُ پيي گل جي شوق ۾ آخر
ڏس تہ گل پوش ٿي ويو آهي

حسن جي اڄ حضور ۾ ڪيڏو
عرض خاموش ٿي ويو آهي

پيار ايڏو مليو سڪندر کي
عشق آغوش ٿي ويو آهي

❊

فقير محبوب علي حيدراڻي

جنهن دل ويکيا يار ميهار
سا دل مست و مست خمار

مين رانجهن دي رانجهڻ ميڏا
رانجهن ڳل دا، هار

پار درياء ٻدي رانجهن وسدا
صورت دا سردار

هير دي ڪيئي وسين متايس
چوڙيس تخت هزار

ڪيڙي پيڙي گهول گهميسان
صدقي سؤ سؤ وار

وبسان وبسان مول نہ رهسان
نديان تر تر پار

گولي ٻانهي يار سڄڻ دي
ٽيسان سپ چمار

مهڻا ملامت سرتي چائم
پاتم پيچ پيار

محبوب علي ڪون راتين ڏينهان
تن من لڳڙي تار.

❊

امداد جسڪاڻي

وائي

متان وساري ويهو
”عشاقان دا بيدل هوندا“

متان ڪنهن موڙ تي،
همت هاري ويهو
”عشاقان دا بيدل هوندا“

”منصوري دم هڻي“
سوري سينگاري ويهو
”عشاقان دا بيدل هوندا“

متان ڪنهن مظلوم جو
حق ماري ويهو
”عشاقان دا بيدل هوندا“

ڪين ڪنهن مصيبت ۾ لوڪو!
لڙڪ لاري ويهو
”عشاقان دا بيدل هوندا“

❊

غلام رضا شاهہ بخاري

غزل

اوهان جي ديد ڪامل جو اُهو ديدار ڳولهيان ٿو
اُنهيءَ بازار بيدل جو اُهو جنسار ڳولهيان ٿو

ٿئي جت زندگي معطر ٽڙن ٿا گل وحدت جا
اهڙي ئي باغ گل ڦل جو اُهو هبڪار ڳولهيان ٿو

عجيبن جي عنايت جا ٿين جت جام جاري ٿا
اهڙي رندن جي محفل جو اُهو سردار ڳولهيان ٿو

پتنگ وانگر ٿا پچرن ۽ ملن جت گهاءَ ٿا گهرا
اهڙي بيمار بسمل جو اُهو آذار ڳولهيان ٿو

رضا جت روح جي راحت ملي ٿي درد وارن کي
انهيءَ بيڪس ۽ غمدل جو اُهو غم خوار ڳولهيان ٿو

❊

اسد چاچڙ

بيت

محبت ئي آ ماڻهپو محبت سُهڻو رازُ
پيار جو هر انداز ٻُڌيءَ کي تارِي وڃي

***

دُنيا جي نقشي اندر هڪ فقيراڻو ديسُ
پاتل گيڙو ويسُ، آهي سُهڻي سنڌ کي

***

علم فهم ادراڪ ۾ سَڄَ تي جن جو قيام
جنهن جو عشق امام، سي ڪيئن رُلندا راهه ۾

*

امام بخش منور

اوهان جي اڳڻ تي جا گذري تي ساعت
اها سائين بيدل اوهان جي عنايت

عمر وئي آ گذري گناهن ۾ ساري
نه ڪئي بندگي ۽ نه ڪائي عبادت.

ڏسي حال سائين هي پنهنجو سدائين
ٿي ماري اسان کي اندر جي ملامت

خطا گر اسين هون ڪيون ٿا خطا
عطا گر هئن آ اوهان جي روايت.

سبق آهي منور لئہ مرشد سندو
قبر ۽ حشر لاءِ آهي هدايت.

※

فقير احمد علي ڀلڪاڻي

سچو سائين سدا بيدل اسان جو رهنما آهي
مهربان ٿيو تصوف ۾ مٿس ربُ العليٰ آهي

هئا هُو تارِڪ دنيا نڪي طالبَ بہ جنت جا
مگر طالب هئا ربَ جا نہ ٻي ڳالهہ ڪا آهي

ٻڌائيندا هئا حق جي سدائين راهہَ سيني کي
فنا جي راهہَ ۾ اهڙن ئي ماڻهن کي بقا آهي

نفي اثبات جا مالڪَ مٿي هر بات جا مالڪ
سچڻ جو فيض اڄ تائين بہ ڌرتي تي بپا آهي

چئي احمد علي سائين سچي بيدل تي راضي هن
ڀلڪاڻي ڀلائي پاڪ ربَ جي سچ سدا آهي

❊

از: عبدالرحيم عزمي

بيدل جي بارگاهہ ۾

برهہ نالو آ بيدل جو محبت ذات، بيدل جي
تعارف ٻيو ٻڌايان ڇا؟ اِها اوقات، بيدل جي

مجازي مام کان ٿيندو حقيقي جام کي پهتو
سِڻُن مان صاف ظاهر آ، نفي اثبات، بيدل جي

تخيَل کي ڏسي ڏاهن ڏندين آڱر ڏني آهي
عجب ڪافيون ڪلام آهن نرالي نعت بيدل جي

نسل ۽ رنگ، مذهب جي تفاوت کي ٽڙي ڪيڏجي
نصيحت ايڪتا واري هجي هر واتِ بيدل جي

لڳي صوفين جي ڏرتي کي الائي آ نظر ڪنهن جي
وهي ٿو خون ماڻهو جو ڏکي ٿي ذات بيدل جي

زمانہ ۽ ماديت ۾ اڄ فقر جو فيض اڻ لڀ آ
جهليان ٿو پاند جهوليءَ جو ملي خيرات بيدل جي

اديبو! عالمؤ آهي تقاضا وقت جي ٽڪڙي
اچو عزمي تہ ڦهلايون سگهاري بات بيدل جي

❊

بيخود بلوچ

نظم

پنهنجن ماڻهن جو رَتُ هاري وېناسين
صُوفينِ جو پيغام وساري وېناسين!
❊ ڦاسي پياسين نسل، قبيلي ذاتين ۾
کُهڙ سڪياسين هٿ وِڌاسين ڪاتين ۾
دل نہ رهي آ، پٿر آهي ڇاتين ۾
اندر جي انسان کي ماري وېناسين.
❊ شاهہ لطيف جي بيتن مان نہ پرايوسين
سچل، انور، بيدل کي بہ ڀُلايوسين
سوز بنا هِٽ خالي ساز وڄايوسين
مطلب جا معبود پُڪاري وېناسين.
❊ سچائيءَ جو لب تي ڪوئي قول نہ آ
سامي، روحل، غمدل جو ڪو ٻول نہ آ
پيار جي خاطر ٿهلايو ڇو جهول نہ آ؟
اندر بدران جسم اُجاري وېناسين!
❊ ورق وجود جو ڏوتل ناهي، ميرو آ،
سچ جو سِجُ اُڀاريو ناهِ انڌيرو آ،
دل ۾ "بيخود" ڪوڙ فريب جو ديرو آ،
کهڙي پاسي واڳ کي واري وېناسين؟!

"قاضي حفيظ" عادلپوري

ڪافي
ناز حسن جي نوائيا

ٿل: ناز حسن جي نوائيا — عاشق انهي اسرار ميان
رمز ريب جي ريجهائيا — شاهه گدا ڇا زردار ميان ...

(1) لائِي يار بازي خاصي — ڪڏهن اونداهه ڪڏهن پُور نِماسِي
قمر ڳلائون ڪيتريون الا — سونهن صورت جي سرڪار ميان

(2) ڪي قابو زلف زنجير ٿيا — ڪئي راهه مسافر فقير الا
آس نه آئي راس سجڻ — سڪ محب ملڻ جي هڪوار ميان ...

(3) ڏسو شمس شعاع اوچو — لڳي اکين ڪي ٿو تاب تڪو
تڪي تاب ڪيو نگاهه ڏرو — ٿيو نور نرمل نروار ميان ...

(4) اهو راز دلدار سندو — دل ڏئي هو جو بيدل ٿيو
بيڪس ٻٽي پو هيئڙن چئو — ملي خير حُسن پينار ميان ...

(5) "قاضي" قلم ڪاغذ ڪتاب ڪٽي — تور وڃي تاراز تو ٽين
وِڏ وزن ٿئي برهه گهٽي — اهو سودو ڪر اختيار ميان.

٭

محمد علي مخلص

نظم

درس مذهب کان ٽورو اڳ پرو
محبت انسان جو آ تذڪرو.

1. عشق جي منزل اناالحق آ،
پر ڏکيو ڏاڍو آهي هي پيچرو.

2. ظرف اعليٰ جو ڪري اعلان ٿو
قبر مٿان جنهن بلند آ مقبرو.

3. علم، عمل، جو آهي ميلاپ هي،
تصوف مئخاني جو ناهي ٺهڪڙو.

4. ڳالهه آ محبت، اطاعت جي فقط
واعظ ڇيڙيو آ اجايو تبصرو.

5. پل پڇائيءَ ۾ بيدل کان پڇو.
سچل پيو (سچ) جو ڏنو آ مشورو.

❊

حقيقت ۾ هڪ ٿيو اڇو ۽ ڪارو

نينهن هڻيو نعرو هر مظهر ۾ هيڪڙو

(بيدل)



پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڪڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪلائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)